

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پياسي ڌرتي، رمندا بادل

منهنجي دنيا، هيڪل وياڪل

(ناول)

سراج

نيو فيلڊس پبليڪيشنس

ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

1989

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ ٽيرهن

ڇپائيندڙ: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ: نيو فيمس پرنٽنگ پريس
هوم اسٽيڊ هال ڇاڙهي، حيدرآباد.

پهريون ايڊيشن: نومبر 1988ع

ٻيو ايڊيشن: آگسٽ 1989ع

ٽائيٽل ڪيلگرافي: فتاح هاليپوٽو

قيمت 30 رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا ناشر)

MUNHINJEE DUNIYA HAYKAL VIYAKAL (Novel) written by SIRAJ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition November 1988.
Second Edition August 1989.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتساب

سنڌ جي اُن پيڙهيءَ جي نالي
جنهن
اسان جي ڳچيءَ ۾ ڳٽ وجهڻ وقت
اهو به شايد نه سوچيو ته آزاد پکيءَ
کي به پڃري ۾ بند ڪبو ته ڪيس پنهنجي
لات به لانئين لڳندي، ۽ ان
کي وساري ويهندو!

سراج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهرين ايڊيشن جو

پيش لفظ

دل ٿي چوي ته هن ناول بابت به اکر پڙهندڙن جي گوش گذار ڪري ڇڏيان. هيءُ ناول سون تڏهن لکڻ شروع ڪيو هو، جڏهن اڃا نوڪريءَ جو ڪٿ ڪچيءَ ۾ هو. مون کي ياد آهي ته جن ڏينهن مون ناول پورو ڪيو هو، انهن ئي ڏينهن سان هڪ ڏينهن، ڪن پيارن يارن ۽ دل گهرين دوستن جي هڪ محفل متي هئي. اياز سکرڪان آيو هو. رشيد ڀٽي ساڻ هوس. رباني ۽ تنوير به هئا. پانيان ٿو ته (رسول بخش) پليجو به هو. اسان سڀني جو مهندار محمد ابراهيم جويو ۽ شيخ صاحب (ع.ق) ۽ (شايد) مراد علي مرزا به هئا. ڪن ٻين يارن جا نالا وسرڻ تا. ان محفل ۾ نياز پنهنجو هڪ نئون گيت، نهايت درد ۽ سوز سان، سُر ۾ جهونگاري ٻڌايو هو. نياز به ان وقت نوان تجربا ڪري رهيو هو. شاعر ته هونئن ئي غضب جو آهي. پر گيت ۽ ماهيا چوڻ ۾ هن جو ڪو مٽ نه آهي. ان خوبصورت گيت جا ٻول ڪجهه هن ريت هئا.

منهنجي دنيا، هيڪل وياڪل، تنهنجي دنيا، سپ رنگ سانول
منهنجي دنيا، مرگهه ترشنا، تنهنجي دنيا، رمندا بادل!

اها جهونگار اڃا تائين منهجي هڪ ٽيپ تي محفوظ آهي. مون ان وقت ئي يارن کي چيو هو ته پنهنجي ناول جو نالو رکندس ”منهنجي دنيا مرگهه ترشنا!“ جڏهن منهنجو ڪتاب ”سنڌي ٻولي“ ۱۹٦۴ع ڌاري ڇپيو، تڏهن منهنجي دوست ۽ پبلشر احمد (زيب ادبي مرڪز واري احمد) ان ناليءَ جو اعلان به ڪري ڇڏيو. پر ان کان پوءِ ۱۹٦۵ع واري جنگ لڳاراڻي وئي. اياز ۽ رشيد ڀٽي جيل موڪليا ويا. منهنجو هنيانءُ هڄي ويو. (آءٌ سارتر جي وصف موجب، بنيادي طرح ڪانئر آهيان) لکڻ نه ڪونه ڇڏيم پر ناول ڇپائڻ تان ارواح ڪڄي ويم. لطيف جي روايت وانگر ”لکي مٽ ۾ وجهي ڇڏيم!“ احمد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿئون ڪندو رهيو ته نقل ڪري ڪيس ڇپائڻ لاءِ ڏيان، پر دل مڃي ئي نه. ٿورو ئي وقت پوءِ مولوي عبدالواحد جي ”زوراوري“ ۽ شمشير جي ”ارهه زورائي“ تي ڪين هڪڙي ڪهاڻي ”نئين زندگي“ لاءِ ڏنم. ڪهاڻي جنگ جي موضوع تي هئي. پر اها ڳالهه وسري ويم ته ”نئين زندگي“ سرڪاري پرچو هو. شمشير جي مجبوري به سمجهان ٿو. جيڪڏهن ڪهاڻي نه ڇپي ها ته ساڻس شڪايت ڪونه ڪريان ها. (اڄ به ياريءَ جي حجت سمجهي پيو شڪايت ڪريان!). هن ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي (ٻه جملا) بدلائي ڇڏي! ڪهاڻي مري ويئي. سڄو اسپيڪٽ ختم ٿي ويو. ڪهاڻي لکڻ تان ارواح ڪڇي ويو. آءٌ ماٺ ٿي ويس. ڪجھ عرصو ته لکڻ تي دل نٿي ٿي. ناول ڪي ”مٽ مان ڪڍڻ“ جو جيڪو حرص ٿيندو هو، سو به ٺنڊو ٿي ويو.

ڪجهه وقت ڪانپوءِ، بيمار ٿي پيس. علاج ڪرائڻ لاءِ لنڊن پهتس. آتي خبر پئي ته نئين زندگي واري ڪهاڻي (جيڪا شمشير بيضرر بڻائي ڇڏي هئي) ۽ منهنجن ٻين ڪهاڻين ۽ مضمونن جي سرڪاري سطح تي ڇنڊڇاڻ پئي ٿئي. فائيل جو پيٽ ڀرجي ڦاٽڻ تي هو. ان فائيل ۾ اهي قسطوار مضمون به هئا جيڪي ”ڪاروان“ ۽ ”مهراڻ“ (روزانه اخبارن) ۾ ڇپجندا رهيا هئا. (انهن مهربانن مان ٽي چار مهربان مرحوم ٿي ويا آهن. خدا سندن مغفرت ڪري!) ان سان گڏ اردوءَ ۾ جيڪي جهلهون ٿينديون رهيون، سي به فائيل جو پيٽ ڀرينديون ويون. (ڪجهه سالن ڪانپوءِ ان فائيل جو ”ديدار“ نصيب ٿيو، تڏهن سڀ حقيقتون سامهون آيون!) خير، جڏهن موٽي آيس ته ان فائيل جي طفيل ٣٠٣ ۾ نالو اچي ويو. ڏاڍي ڪاوڙ آيم. (مون جهڙا ڪانئر جڏهن ڪاوڙبا آهن، تڏهن وڏيڪ ڦوڪبا ٺوڪبا آهن!) ان ڪاوڙ ۾ ”پڙاڏو سوئي سڏ“ لکڻ لڳس. هيڏانهن ٣٠٣ واري انڪواري هلندي رهي، هوڏانهن روز صفحن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا صفحا لکندو رهيس. اهو بہ عجيب اتفاق ٿيو جو جنهن ڏينهن (٣- اپريل ١٩٧٠ع) تي ناول لکي پورو ڪيم، ان ساڳي ڏينهن تي نوڪريءَ تان رٽائر ٿيڻ جو پروانو مليو. (ناول نومبر ١٩٧٠ع ۾ شايع ٿيو هو.)

ان کان پوءِ جيڪي اٿلون پٿلون ٿيون، انقلاب ۽ زلزلا آيا، سي ويجهي تاريخ جو حصو آهن. انهن تي لکڻ جو نہ هي وقت آهي، نہ پاڻ ۾ ان جو حوصلو ٿو پائيان. (بنيادي ڪانئرتا ڪا صحتمند علامت نہ آهي!) نئين سر نئين روزگار سنڀالڻ ۾ ڪجهہ عرصو لڳي ويو. ڪجهہ ان "ٽگ و دو" ۽ ڪجهہ ذهني زلزلن وري بيمار ڪري وڌو. مرض اهو ساڳيو هو جيڪو لنڊن گهلي ويو هو. وري ڊاڪٽرن جي حوالي. منهنجي گهر واري سيما ۽ منهنجي هڪ پياري دوست ڊاڪٽر جماليءَ جي گڏيل سازش مون کي هڪ نئون ڊپ ڏياريو. (ڪانئر لاءِ نئون ڊپ بہ ڪاوڙ جو باعث بڻبو آهي.) اهو ڊپ اجا تائين طاري آهي تہ جيڪڏهن لکڻ بند ڪيم، ۽ ڏي ڍاڪا پراڻي ناول کي ڇپائيءَ لائق بنائڻ لاءِ ڪم نہ ڪيم تہ ذهني اڌ رنگ تي پوندم! سخت ڪاوڙ آيم (۽ اجا تائين ڪاوڙ جي زير اثر آهيان!). نتيجو اهو ٿيو آهي تہ سڄو ڏينهن روزگار لاءِ ڳهي ڳهي رات جو لکندو آهيان، ۽ ناول کي درست ڪرڻ جو ڪم اڃي پورو ڪيو اٿم.

جيئن مٿي چيو اٿم تہ ناول جو اصلوڪو نالو "منهنجي دنيا، مرگهہ ترشنا" رکيو هوم پر جڏهن درست ڪرڻ ويٺس تہ ڏٺم تہ ٽيڪنيڪ جي لحاظ کان ناول ٽن ڪتابن تي مشتمل آهي: "ٽرايالجي" Triology آهي. انهن مان پهرئين ڪتاب جو نالو رکيو اٿم "منهنجي دنيا، هيڪل وياڪل" ٻئي ڪتاب جو نالو آهي "تنهنجي دنيا، سڀ رنگ سانول" ۽ ٽئين ڪتاب جو نالو نيندو "منهنجي دنيا، مرگهہ ترشنا!" سڄي ڪتاب جو نالو پوءِ بہ گهربل هو. ذهن تي نالو ڌري آيو: "پيامي ڌرتي، رمندا

باڊل" (هن تحريف تي نياز اڳيان شرمندو آهيان. اميد ته هو درگذر ڪندو!) سو "پيامي ڏرتي، رمندا باڊل" جو ٻهريون ڪتاب حاضر آهي. ڪڏهن ڪڏهن تاريخ پاڻ ورجائيندي آهي. سنڌ جي تاريخ به شايد پاڻ کي ورجايو آهي. تازين چونڊن ۾ سنڌين هڪڙو فيصلو ڏنو آهي. ان فيصلي کي سمجهڻ ڪا ڏکي ڳالهه ڪانه آهي. سنڌين وٽ نيالي ست قرآن آهي. سنڌين وٽ هڪڙي ٻي به روايت آهي ته جيڪو سندن ٻنهه ٻنهنجو هجي، سو سندن پنهنجي حوالي سان بي گناهه ماريو وڃي، ان کي وسارڻ هنن جي وس کان ٻاهر آهي. هن موهن جي دڙي جي ساک تي فيصلو ڪيو آهي. ان فيصلي جي صحيح يا غلط هجڻ جو سوال پڇڻ وارا تاريخ کي وساري ٿا ويهن. هو شاهه عنايت شهيد ۽ مخدوم بلال شهيد کي وساري ٿا ويهن. سنڌين جا فيصلا نتيجن کان بالاتر آهن. انهن کي جذباتي فيصلا سڏڻ به غلط آهي. اهي سپردگيءَ جا فيصلا آهن. اهي احساس جا فيصلا آهن. انهن فيصلن کي تاريخ تي ڇڏي ڏٺو آهي ڇاڪاڻ ته لطيف فقط سنڌين لاءِ ئي هي لفظ چيا هئا ته:

عاشق زهر پياڪ، وهه ڏسي وهسن ڳهڻو!

تاريخ جو وهه پيڻ ئي سنڌي قوم کي ٻين قومن کان ممتاز ۽ مختلف ڪري ٿو. عجيب ڳالهه رڳو اها آهي ته وهه پيڻ کان پوءِ به نه رڳو اسين جيئرا آهيون، پر جيئري هجڻ جي هام به هڻي سگهون ٿا.

سراج

٤. ڊسمبر ١٩٨٨ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀل ٻلان جو ته ڪو ڀيهه ئي ڪونهي، پر هيل جهوڪ شريف جو ميڙو واهه جو لڳو هو. ماڻهو ائين اچي ڳاهٽ ٿيا هئا، ڄڻ ته وري الائي شاهه عنايت جي چاڻنڪ تي اچڻ ٿئي پيا ته. سموري سنڌ اُٿلي پئي هئي: ماڻهن تي ڇيو ته ڀٽ جو ميڙو به ماڻهن ڪان وسري ويندو. ڪن ته ائين ٿي ڇيو ته انگريزن، پنهنجي فتح جي خوشيءَ ۾، ڪامورن کي اک هڻي هئي ته هيل ميڙ اهڙو لڳي جو هميشه سال ڪنهن ڪان به نه وسري. ڪن وري ائين ٿي ڇيو ته ماڻهن کي پڪ هئي ته هاڻ جو جنگ ختم ٿي آهي ته انگريزن جا ڏينهن به اچي پورا ٿيا هئا، ۽ آزادي اجهو ته آئي. آزاديءَ جو اوميڙو ڪندي ڪندي ماڻهن جا نيڻ ٿڪجي پيا هئا ۽ هنن رڳو آزاديءَ جي آسري تي ئي ڇيچ وجهڻ ٿي گهريا. آزادي ڇا آئيندي، ان جو اونو ڪنهن کي به ڪونه هو. ڇتيهن ۾ جڏهن سنڌ بمبئيءَ کان جدا ٿي هئي، تڏهن به ماڻهن سنڌ جي ”آزاديءَ“ تي خوشيون ملهايون هيون. الائي ڇو ماڻهن کي ”آزادي“ ۽ ”ڇوٽڪاري“ جهڙا لفظ ٻڌڻ سان ئي خوشي ٿيڻ لڳندي هئي. شايد انهن لفظن ۾ ئي ڪا اهڙي ڳالهه هئي، جنهن ماڻهن جي احساس جي ڪنهن اهڙي تند کي ڇيڙي ٿي ڇڏيو جنهن مان خوشيءَ جا سر سنگيت نڪرڻ ٿي لڳا. ڇتيهن کان پوءِ به سنڌ جي ڀهراڙين کي ڪو فائدو خير ڪو پهتو هو: وڏن وڏن شهري ماڻهن جيڪي خواب ڪين ڏيکاريا هئا، سي ساييان ڪڏهن ٿيندا، سو ڪانئن ڪنهن به ڪونه پڇيو هو. هيل به ماڻهن رڳو اها ڳالهه ٿي ڪئي ته انگريز ويندو ته سموريون بي انصافيون ختم ٿي وينديون. پنهنجا راڳ ڀاڳ هوندا. پنهنجا فيصلا ماڻهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻ ڪندا. ڪاموري ڪهڙي هينئر انگريزن جي اشاري تي جيڪي ظلم ٿي ڪيا، سي ختم ٿي ويندا. پوليس جو ماڻهن کي سو ڏهين ۾ هرويرو ٿي پڌو، سو آزاديءَ کانپوءِ ڪين مجال ٿي ڪاڻ ٿيندي! وڏي ڳالهه ته هر ماڻهوءَ کي پنهنجو ٻنيءَ ٽڪر هوندو، پنهنجو صاف سٿرو گهرڙو هوندو، اسڪول ۽ اسپتالون سندن در تي هونديون، انصاف ٿي انصاف جو دور هوندو! مجال آهي وڏيري جي، جو ڪنهن هاري ناريءَ کي بيدخل ڪري، يا هن جي ننگن ۾ اک وجهي! اڌ بٽئيءَ کان وڌيڪ وڏيري کي ڪجهه به نه ملندو. ٻج ۽ ڍلون به وڏيري جي ڪندي ٿينديون. هٽ-واٽين ۽ سيٺين قرض ۾ گرويءَ جي نالي تي زمينن جا جيڪي ڪاتا ڦيرائي ڇڏيا هئا، سي زمينون به اصل مالڪن کي موٽي ملنديون! جيترا هئا وات، اوتريون هيون ڳالهيون. ميڙن ملاڪڙن ۾ نئيا نيتا جوان تونتاڙا ۽ بونبو ڪٿيو، عجب جهڙيون ڳالهيون ڪندا وتندا هئا: انگريز هيٺن، انگريز هونئن: ”آزادي اسان جو حق آهي“: ”سوراج وٺي رهنداسون“! الائجي ڪتان جي ڳالهه ڪتان وڃي ڪيندا هئا. وڏي ڳالهه ته نئيون نيٺيون زالفائون به انهن سان گڏ هونديون هيون. سي وري مايـن ۽ زالفائن جي وچ ۾ ويهي آزاديءَ جي برڪتن بابت اهڙيون اهڙيون ڳالهيون ٻڌائينديون هيون، جو پوڙهيون پڪيون به چونديون هيون: ”مئو ڪڍس، انگريج جي اهڙا ڪيس ڪريو ويٺو آهي ته پوءِ دستگير ڪيندس!“

ميڙي ۾ هونئن ته طرح طرح جي ٽولن جا دڪان، تماشن جون لانڍيون، چوڏول ۽ چڪرا لڳل هئا، پر هيل هڪڙي لانڍي ڀرارڙي جي ماڻهن جي لاءِ خاص دلچسپيءَ جو باعث هئي، سا هئي ”هاري حقدار“ وارن جي. ان لانڍيءَ ۾ هڪڙي وڏي ميز تي ڪتابڙا ڍڳ ٿيا پيا هئا، جيڪي هڪڙي جوان مڙس مفت پئي ورهايا. هڪڙي ڪرڙوڊ ماڻهوءَ تونتاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ماڻهن کي زميندارن جي ظلم ۽ وڏيرن جي هوڙهيائين جون اهڙيون اهڙيون ٿي ڳالهيون ٻڌايون، جو ماڻهن کي ڏندين آڱريون ٿي آيون. جيئن پوءِ تيئن، انهيءَ لانديءَ اڳيان ماڻهو ڳاهٽ ٿيندا ٿي ويا. ٻن همراهه جيڪي ڪجهه چيو ٿي، سو هنن مان ڪيترن سان نس پس ائين ٿيندو رهيو هو. پر هنن ڪڏهن به اهو ڪونه سوچيو هو ته ڪو خدا جو بندو اهڙو به هوندو، جيڪو انهن هوڙهيائين جي ائين پڌري پٽ بيهي اپٽار ڪندو! هو ته دل جو سور دل ۾ ڪري، درگذر پيا ڏينهن گهاريندا هئا. سڀ ڪان وڏي ڳالهه اها هئي جو هن ماڻهوءَ ٿي چيو ته جيڪڏهن هاري ناري ۽ پورهيت پاڻ ۾ ٻڌي ڪن ته وڏيرن جون ا ي هوڙهيائون ختم ٿي ٿي سگهيون. حد دخليون ۽ بيدخليون به بند ٿي ٿي سگهيون. چيڙون ۽ ونگارون به ختم ٿي ٿي سگهيون. هاري جيڪي آپائين تا، انهن تي حق ئي هارين جو آهي: جيڪو آپائي، سو کائي! اڄ جو هاري بٽئيءَ تي سمورا حصا پتيون ڏيئي، پوتڙو ڇنڊي ٿو اُٿي، سو جي هاري پاڻ ۾ ايڪو ڪن ته بٽئيءَ ۾ به انصاف ٿيندو. ٻج ۽ ڇڙل به زميندار تي، ڪمدار ۽ منُلي جي وَٽ به زميندار تي، هاري حڪما حڪمي پنهنجو اڌ ڪٽي ويندو، ۽ پنهنجي ٻچن لاءِ چار داڻا اَن جا بچائي به سگهندو! جي هاري پاڻ ۾ ٻڌي ڪن ته جن زمينن مان هنن جي ابن ڏاڏن سون آپائي، وڏيرن جي حويلين ۽ ڪوٽن اڏڻ جو سامان ڪيو هو، ۽ اڄ به پنهنجو رت ست ڏيئي، لنديون لتاڙي، خرارن جا خرار آڻي ٿي وڏيرن جي ڪرن ۽ ڳنڍين ۾ ڳڏ ڪيائون، سي زمينون ئي لاشڪ سندن ملڪ بڻجي وينديون!

نورل به پنهنجي جيڏن سنگتين سان ميڙو گهمڻ آيو هو. سڳين جي دڪان تان پيڻ لاءِ سڳين جو جوڙو خريد ڪري، هو به اچي انهيءَ هاري حقدار وارن جي لانديءَ اڳيان بيٺو. هن همراهه جون ڳالهيون ٻڌي، هو آتي ئي ڄمي ويو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو: بيلي، هن همراهه چيو ته سچ ٿي، پر اهو نظام ڪو بدلجي نه سگهي ٿو، ان جي هن ڪي پڪ ٿي ڪانه ٿي ٿي. ان پڪ نه هوندي به، هن جي دل ۾ اها ڳالهه چڀ ته پٿر تي ليڪ بڻجي ويئي ته وڏيرا سڄي ڄمار ڪک ڇني پيٺو به ڪونه ٿا ڪن، تڏهن به پرائي مال تي، ٽوپي نراڙ تي ــ بڻتيءَ وقت ڪري تي اٿين اڇي ويهندا آهن، ڇو ته سموري آزُتي حق رکيو هنن جو ٿي آهي، هاري ته هرويرو نڪ جي ڏاڍائي ڪري پيا پنهنجو حصو گهرن! ڏکي جا ڪمدار ۽ ڪاراوا هارين تي حڪم اٿين ٿا هلائين ڇو ته هاري ناري هنن جا زرخريد ٻانها ۽ گولا غلام آهن. پورهيو ڪندي، هنن جا ڪنڌ ڪبڙا ٿيو وڃن، تڏهن به آڪڙ هنن تي! وڏيرو اهوئي ٻلي وهٽ تي سواري ڪري، بوسڪيءَ جا وڳا پهري، سونا ٻٽڻ پائي، اوطاقن تي ڪچهريون نچائي، ست رچيون ڪائي، چار چار شاديون ڪري، ويهه ويهه سُريتون رکي، شڪار جا شونق ڪري، رچن تي ڪتن جون ٻچون ڪرائي! آخر ڇو؟ پورهيو ڪن هڪڙا، کائين ٻهريز ٻيا ــ اهو ڪٿانجو انصاف آهي؟ آخر اهو ظلم ڪيترو وقت هلندو ته جيڪو لنديون لتاڙي، ڏنگهر جهڙي حياتي گهاري، پورهيو ڪري، سو سدائين سورن ۾: ٻ ٻيلا رُکي جوئر جي ماني به نه کائي سگهي، پنهنجن سنهن ٻچن ۽ ننگن کي سال ۾ هڪڙو وڳو به نه ڏيئي سگهي، بيمار ٿئي ته دوا داروءَ لاءِ پائي به نه هجيس، نياڻي آٿاري يا پٽ پرڻائي ته اهڙو قرضي ٿئي جو اهو قرض سنلس پوٽا ٻڙ پرتا به نه لاهي سگهن! اٿين سڄي عمر ٻاتون کائيندي، عذاب جي زندگي گذاريندو رهي— آخر ڇو؟ ان ”ڇو؟“ هن کي منجهائي وڌو هو، ۽ هو وري هاري حقدار واري همراهه جي ڳالهه ڪن ڏيئي ٻڌڻ لڳو، جيڪو چئي رهيو هو:

”اوهان مان گهڻن کي خبر آهي ته هي ميڙو ڇو ٿيو لڳي؟ هيءَ ميڙو ان هستيءَ مٿان ٿيو لڳي، جنهن کي شام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عنايت شهيد ٿا سڏيون. پر اها به ڪا خبر آهي ته هن ڪي ڪنهن شهيد ڪيو؟ ڇو شهيد ڪيو؟ هن ڪي شهيد هن حد جي وڏيرن ڪرايو، ۽ هن ڪي ان ڪري شهيد ڪيائون جو هن تي ڇيو ته زمين خدا جي آهي، اُن تي حق ان جو آهي، جيڪو ان ڪي کيڙي! هنن ڪي پٽن ۾ جيڪي زمينون غيرآباد پيون هيون، تن ڪي هن جي مريدن ۽ فقيرن آباد ڪرڻ شروع ڪيو. جيڪي ڪي اُپايائون؛ سو پاڻ ۾ ورهائي ورڇي ٿي ڪنيائون. هنن کان حصو پتي ڇڪڻ وارو ڪو به نه هو: زمينون به هنن جون، پورهيو به هنن جو ته اُپت به سڄي جي سڄي هنن جي. حد جي وڏيرن زمينن ڪي جو آباد ٿيندي ڏٺو، تن ڪي اها ڳالهه ڏاڍي ڏکي لڳي ته هي هٿرَ - هاري، جن جي بدن تي سڄو ڪپڙو به نه هوندو هو، سي انهن سموري اُپت کڻيو ٿي ويا! سو پاڻ ۾ ٻڌي ڪري، ميڙ ڪٺي وقت جي حاڪم وٽ دانهين ٿي ويا ته جيڪڏهن شاهه عنايت کي هتان نه اُٿاريو ويو ته سندن هر هاري به سندن زمينون ڇڏي اچي هنن زمين کي آباد ڪندا، يا وري اها گهر ڪندا ته هو جيڪو پورهيو ڪري اُن تا اُپائين، ان ئي سوري جو سمورو حق هنن جو آهي. ڪلهوڙن جي اڏوري گادي صاحبي هئي. ميان يار محمد وڏيرن جي چوڻ تي فقيرن تي وڏو لشڪر چاڙهي موڪليو. شاهه عنايت جا فقير ۽ پورهيت، جن پنهنجي پگهر جي پورهئي سان، انهن زمينن کي آباد ڪيو هو، جهنگ وڍيا هئا، کيڙيون ڏيئي سڌو ڪيو هو، پنهنجي رت جو پيجو ڏيئي اُن اُپايو، سي هي لشڪر ڏسي، شاهه عنايت وٽ دانهين ٿي آيا. شاهه عنايت کين رڳو هڪڙو گفتو چيو: "هيءَ مٺي امان جي ماءُ جيجل آهي. اُن تان سر ويو ته گهوريو!"

لانديءَ اکيان ميڙاڪو ٿيل ماڻهن ڏي ماٺ ڇانئجي ويئي. جيڪڏهن ڪنهن: پڻ پڻ به ٿي ڪئي ته پاسي ۾ بيٺل ڪنهن همراهه ڏونٺ هئي، هن ڪي چپ ڪرائي ٿي ڇڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۔۔انهن ڪي چڻ ته ڪنهن اڃاتي احساس هيٺ هڪ اميد جاڳي پئي ته شل شاهه شهيد وري جيئرو ٿي پوندو ۽ هو سندس فقير ٻنجي، انهن لشڪرن سان دوبدو مقابلو ڪندا. ڪن نوجوانن ٻنان ڪنهن ارادي جي پنهنجي شهپرن تي هٿ پئي لاتا، ۽ سندن بدن چڻ سيتجندا پئي ويا.

”پوءِ خبر آٿو ته ڇا ٿيو؟ وڏي جنگ لڳي، ۽ پوءِ لشڪري ائين ٿي ڀڳا چڻ ته جنن ڀوتن تي نظر پئي هئي! هڪڙا ڪرندا ويا پيا انهن کي لتاڙيندا، اوزانگهيندا، ڀڄڻ جي واٽ پلجي ويا.... ۽ ائين پورهئي جي طاقت ڏاڍ ۽ ظلم جي طاقت تي فتح پائي وئي!“

ماڻهن کان تڏو ساهه نڪري ويو، جيڪو هو چڻ ته ڪجهه وقت کان روڪيو ويٺا هئا. هلڪي مرڪ چپن تي ڪنوڻ لڳي. اکين ۾ عجيب روشني اوتجي آئي. پر هنن جا ڪنّ اڃا ڪجهه ٻڌڻ لاءِ آتا هئا. ۽ همراهه کنگهڪار ڪري چئي رهيو هو:

”شاهه شهيد جي فتح ساريءَ سنڌ ۾ آتل پتل مچائي ڏني: جتي زمينون غير آباد پيل هيون، اتي نت نوان قبيلا لڏي اچڻ لڳا: آبادي ڪري، وندي ورچي کائڻ جي اصول تي ڪيتي سرسبز ڪرڻ لڳا. ڪن ڪن هنڌن تي ائين به ٿيو جو جاگيردارن ۽ زميندارن کي هارين ٻڌي ڪرڻ ٿي نه ڏني: چي- زمين الله جي آهي، پورهيو اسان جو، اوهان جو ڇا؟ جيڪو اُپائي، سو کائي! اهو اهڙو نئون اُصول هو، جو سڄو سارو چوبول ٿي ويو. وڏيرا ۽ جاگيردار ڪلهوڙن وٽ ويا، نيٺ دهليءَ تائين مغلن وٽ داتهين ٿي ويا. ڪلهوڙن ۽ مغلن جو گڏيل لشڪر وري جهوڪ تي ڪاهي آيو. اهو لشڪر ايترو وڏو هو، ۽ شاهه شهيد جا فقير ايترا ٿورا، جو حدّي ويڙهاند ۾ سندن ڪتن ڏاڍو ڏکيو هو. سو هنن مغل لشڪرين تي راتاهن جو اهڙو سلسلو شروع ڪيو جو هنن کي اها به خبر

نه، ٿي پئي ته حملو ڪنهن ڪيو، ڪيڏي مهل ڪيو، ۽ ڪهڙي طرف کان ڪيو. سوين مغل سپاهي پنهنجي ئي پاڇي کان ڇرڪڻ لڳا. فقيرن جا سِرَ ٽريءَ تي هئا، ۽ مغلن جون تريون سِرن تي! پوءِ هڪڙيءَ رات، راتو رات فقيرن. مغلن جي سڄي ڇانوڻيءَ کي چوڌاري سڪل ڊنگهرن جو لوڙهو ڏيئي ڇڏيو. جڏهن سڄو لوڙهو اڏجي ويو، تڏهن فقير خاص ٺهيل لوگهن وٽ کهاڙيون ۽ تراريون ڪئي ويهي رهيا. هڪڙي فقير مقرر وقت تي، آمازي ٻاري ڊنگهرن کي باهه ڏيڻ شروع ڪئي. جڏهن آمازيءَ واري فقير چڪر پورو ڪيو، تڏهن سموري ڇانوڻي باهه جي آڙاهه جي وچ ۾ هئي! مغل لشڪري ٻن باهين جي وچ ۾ اچي ڦاٿا: جي نٽا پچن ته سڙي ٿا مرن، جي لوگهن ڏانهن ٿي ڀڄن ته فقيرن جي کهاڙين جو ٻڪ ٿي ٿيا! نيٺ عاجز ٿي، آڻ مڃيائون. ان شرط تي ته هو وري شاهه شهيد جي فقيرن کي نه ڇيڙيندا، ۽ مغل ناظم ۽ ڪلهوڙا انهن زمينن جو پڪو پروانو فقيرن کي لکائي ڏيندا، فقيرن هنن جي جان بخشي ۽ کين لوگهن مان لوهه پائي پڄي نڪرڻ جي اجازت ڏني!

ماڻهن جي وات مان وري به شوڪارا نڪري ويا.

”ابو.. !“ ”صدقي شاهه شهيد تان!“ ”پيلي مڙس ته اهي....!“

ماڻهن اهڙي هيج مان ٿي اهي نعرا هنيا ڄڻ ته پاڻ انهيءَ ويڙهاند ۾ شامل هئا. همراهه وري کنگهڪار ڪئي، ۽ ماڻهن ۾ ماٺ ٿي ويئي.

”پر پوءِ، مغلن، ڪلهوڙن ۽ وڏيرن هڪڙي ڪيڏ رٿي ورتي. پهرين ٺٽي وڃي، مُلن مولوين کان فتوي لکائي ورتائون ته شاهه شهيد ڪافر هو، ۽ جيڪو هاري ناري جهوڪ وارين زمينن تي پورهيو ڪندو، سو به ڪافر ٿي مرندو! جيڪو هاري جاگيردارن ۽ زميندارن کي بٽئيءَ کانسواءِ چوٿ، عشر (مغلن جي ڏهين پتي) ۽ ٻيون واجبات نه ڏيندو، سو به ڪافر

۽ واجب القتل ٺهرايو. جڏهن اهي فتوائون هٿ ۾ آيون، تڏهن به هنن کي اها همت نه ٿي جو شاهه شهيد سان وري ڪو سڌو مقابلو ڪن. هاڻي جلسي ۾ ٻه ڪري ڪيتريون ڳالهيون هن لاءِ ٿئي هلڻ جي دعوت ڏنائون. فقيرن شاهه شهيدڪي گهٽيون ڏي آزيون نيزاريون ڪيون ته ٿئي نه وڃي، پر شاهه شهيد جهڙي هستي قرآن ميڙ ڪيئن موٽائي، قرآن کي عزت ڪيئن نه ڏي! سو ٿئي سنبري هليو. ٿئي ۾ جنهن اوطاق ۾ مهمان ڪري رکيائونس، اُن تي راتو واهه لشڪرين ڪان حملو ڪرائي، کيس گرفتار ڪرائي، صبح جو ٿئي جي امير اڳيان پيش ڪيائون. اتي امير سان شاهه شهيد جيڪي سوال جواب ڪيا، سي تاريخ ۾ سونن اکرن ۾ لکيا پيا آهن. پوءِ نڳي، دوکي ۽ دولاب سان، مُلن جي فتوائن جي آڌر تي، هن سدا ملوڪ مرشد کي شهيد ڪري ڇڏيائون!"

مجمعي جي مانهن مان اوچتو درد جي دانهن نڪري ويئي. هنن پانيو ڇڻ ته هنن جو بنهه ڪو بنهنجو ڪونڌر ڪسي ويو. ڪن ڪان ته ظاهر ظهور اوچنگارون نڪري ويون. جيڪي ماڻ هئا، تن به پنهنجي اکين ۾ مرچ پوندا محسوس ڪيا. سندن اکيون ماٺ هيون پر سندن دلين ۾ وَڏ پوندا ٿي ويا. اجا ماڻهو پنهنجي لڙڪن کي پرچائڻ ۾ پورا هئا ته اوچتو پوليس جو اتالو "هتو پري، هتو پري" ڪندو ماڻهن ۾ ڏوڪي آيو. صوبيدار سان گڏ هڪڙو مولوي ۽ رئيس گهرام خان جو ڪمدار، نبن، پنهنجي تن شودن سان، ماڻهن جي ميڙ کي چيريندا اچي تقرير ڪندڙ همراهه اڳيان بيهي رهيا. صوبيدار ميز تي رکيل ڪتابڙا اتلائڻ پتلائڻ لڳو. ماڻهن ۾ ماٺ ٿي ويئي. پوليس کي لانديءَ ڏانهن وڌندو ڏسي، آس پاس جي هٽن ۽ لاندين اڳيان بيٺل تماشبين به تڪڙا تڪڙا لڙندا آيا.

اوچتو ڪمدار نبن سان گڏ آيل شودن مان هڪڙي، تقرير ڪندڙ همراهه کي ڪٽي ڳچي ڪان جهليو، ۽ کيس ڏونڌاڙيندي

چيائين: ”ماستر، هي مولبي ٿو چوي تہ تون ڪافر آهين، ۽ اسان جي رئيس کي گهٽ وڌ ٿو ڳالهائين!“

ماستر پنهنجي ڳچي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو: ”مون ڪنهن کي بہ گهٽ وڌ ڪونهي ڳالهايو. صوبيدار صاحب، ڏسو تہ توهان جي سامهون هي همراهہ مونسان هٿ ڦٽوڻس بہ ڪري، هن کي سمجهايو!“

صوبيدار ڪا گهڙي ماستر جي هراسيل اکين ۾ نهاريندو ۽ پوءِ هن پنهنجي گوڏي سان ميز کي ٺيلهو ڏنو. ميز ڏڪاڻ سوڙهي اونڌي ٿي پئي. ميز جي پنيان ڪرسي تي ويٺل جوان مڙس کي ڄڻ تہ اعتبار نہ آيو، ۽ هن جي وات مان نڪري ويو: ”هيءَ ڪهڙي شرافت آهي!؟“

هن جا اهي لفظ صوبيدار کي ڄڻ ٽانڊو ٿي لڳا. هن هڪڙي آبتي چماٽ نوجوان کي وهائي ڪڍي. ”رن جا پٽ، اسان کي شرافت جا ويڻ ٿو ڏين. هڪڙو تہ ماڻهن ۾ بغاوت ڦهلائي، غيرقانوني ڪم ڪريو، پيو وري ايڏي آڪڙ! ڙي، وٺي هلو بنهي کي ٿاڻي تي تہ ڪين اسين ٿا اشرافت سيکاريون!“

جي اشاري تي سپاهين اڇي ماستر ۽ سندس ساٿيءَ کي ورتو، ۽ ڪين ڪٽيندا، ماڻهن جي وچ مان ڏيندا اسٽي اٿين کهليندا ويا. ڄڻ تہ وڏا ڪي روپوش جوابدار هٿ ڪيا هئائون. ماڻهو ڄڻ تہ سراپجي ويا. پوليس ۽ ٺوڊن کان ڪنهن ڏيپ ڏاءَ جي بدران هنن جي اکين ۾ بي اعتباري هئي، حيرت هئي. اهو سڀ ڪجهہ ايترو ترت ۽ ڏڪڙو ٿيو، جو جيڪي ماڻهو پريرو بيٺل هئا، تن کي تہ سمجهہ ئي نہ آيو تہ ٿيو ڇا. جيڪي ويجها بيٺل هئا، سي بہ دل ۾ ڪڙهي رهيا هئا تہ وچ ۾ پوڻ يا نہ. جيسين ماڻهن ۾ ڪو رد عمل پيدا ٿئي، ان کان اڳ ماستر ۽ سندس ساٿيءَ کي پوليس وارا ڌڪيندا، گهليندا، لاريءَ جي سنهائڻ هليا ويا.

اوچتو هڪڙي پير مرد کان ڇڏو ٺوڊ ... نڪري ويو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ هن رڪو اترو چيو:
"ابا، ڏاڏي جي لٽ ڪي ٻـ ٽڪا.... سو نقد، پنهنجي ڪنين ڏنوسين...."
"ڙ ٻه ههڙو قهر ... ههڙو انڌير...." ڪنهن ٻئي ڪو ٽڪيو.
ماٺهو چڻ تـ انهيءَ ٽڪي جي انتظار ۾ هئا: سڄي ميڙ ۾ چڻ پڻ شروع ٿي ويئي. اهي سرگوشيون پهرين هلڪيون هيون، پوءِ ڏاڏيان ٻُرڻ لڳيون. هڪڙي همراهه چڻ بيزار ٿي چيو: "يـرَ، حيف آهي اسان تي، جو هيڏو ظلم ڏسي به ماٺ رهيا ـون !"
"اسين ٻلا ڇا ٿا ڪري سگهون؟...."
"ٻلي، جي مڙسي ڪريو تـه هلو تـه هلون ميڙي جي ماجسٽريٽ وٽ.... من ڪو انصاف ڏئي!" ڪو شهري ٿي ڏنو، جنهن وچ ۾ ڳالهه اڇلائي وڌي. پوءِ اها ڳالهه ڳالهوڙو ٿي لڳي، ۽ ماڻهو هري هري ٿي ماجسٽريٽ جي ڪئمپ ڏانهن وڌڻ لڳا.

* * * * *

نورل به پنهنجي سنگتين سوڌو ماڻهن جي انبوهه سان ماجسٽريٽ جي ڪئمپ وٽ پهتو. هـونئن تـه پوليس جي هوڙهيا ڻن بابت هن گهڻيون ڳالهيون ٻڌيون هيون، پـر اڄ جيڪي ڪجهه اکين سان ڏٺو هئائين، تنهن هن کي حيرت کان وڌيڪ مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيو هو. پوليس تـه چورن، رهزنن ۽ خونين کي ٻڌڻ لاءِ هوندي آهي: هن غريب ماستر ۽ سندس ٿيءَ سان ها حڪ ڇو ڪيائون؟ هن اهو به ٻڌو هو تـه وڏيرن ... چورت تـي هارين نارين کي، پوليس ڪهڙا ڪيس ناهي، ... ويندي آهي. هن ماستر وڏيري جـي ڪهڙي ٻلي ماري ... جو پوليس اٿيز ... ڪري آئي هئي! هن ماستر تـه شايد ... ڳالهيون سچيون سچيون پئي ٻڌايون. ڇا سچي ڳالهه ڪرڻ ... هو ... ٻلا اهو "بغاوت" جو ڏوهه ڇا ٿيندو آهي؟

چا سچي ڳالهه کي ته بغاوت، کونه ٿا چون؟ ۽ هن مولويءَ ماستر کي ”ڪافر“ چو چيو هوندو؟ ڪافر ته واٺن کي سڏيندا آهن. هي ماستر ته مسلمين ٿي ڏٺو. متان شاهه شهيد جون ڳالهيون ڪرڻ ڪفر هجي! يا هارين نارين جي ڳالهه ڪرڻ ۾ به ڪفر هجي ته ڪهڙو شڪ؟ هن هجي دل چيو ته هو ڪنهن کان اهي ڳالهيون پڇي ڏسي ته ڪير سچو هو، ڪير ڪوڙو؟

ماجسٽريٽ ماڻهن جو هل هنگامو ٻڌي پٽيوالي کي موڪليو ته خبر وٺي ته هي گوڙ ڇا جو هو. پر پٽيوالي جو ماڻهن جو ميڙيل انبوهه ڏٺو، سو پاڻ هيسجي ويو. اندر وڃي صاحب کي سڏي آيو. ماجسٽريٽ ٻاهر نڪتو ته گهڙيءَ لاءِ ماٺ ٿي ويئي. هرڪو ٻانئين ته ٻيو ڪو ڳالهه ڇوري. نيٺ هڪڙي اڏڙوٽ، ڇاپئين ڏاڙهيءَ واري همراهه همت ڪئي، ۽ هبڪندي سچي ڳالهه سربستي ڪري ٻڌائي. ماڻهن اکيان وري سچو منظر ڦري آيو ته ڇڻ ڇٽنگ وري ڏکي ٻيئي، ۽ ڇوٻول شروع ٿي ويو: ”ههڙو اندڀر.... هيڏو بيداد!.... انصاف ٿيڻ کپي!“

ماجسٽريٽ ڪا گهڙي ائين بيٺو رهيو. سندس منهن تي فقط بيزاريءَ جو تاثر هو. ههڙا آڙيا ٽڙيا انبوهه هن گهڻا ڏٺا هئا: هي ميرا ميرا ماڻهو، هي گوڏيون ۽ ڦاٽل سٿڻيون پاتل ڪارا ڪوجها ماڻهو.... جن کي الائي ڪيترا پيرا سؤ ستين ۽ سؤ ڏهين ۾ ٻڌندو رهيو هو.... هن پڻ پڻ ڪندي چيو: ”وڃو وڃي ميڙو ڏسو.... سرڪار پاڻهي انصاف ڪندي!“ ۽ هو اندر وڃڻ لاءِ مڙيو.

اوچتو نورل جي وات مان لفظ ڇٽي نڪتا ”انصاف نه ٿيو ته اسين پاڻ ماستر کي ٿاڻي تان ڇڏائي ايندا سين:.مڙس مڙس جو مٽ آهي. صوبيدار هوندو ته پنهنجي گهر هوندو.... اسين شاهه شهيد جي ميڙي تي ههڙو بيداد ٿيڻ نه ڏينداسون.“

اهي لفظ ٻڌي انبوهه ڇڻ نئين سر ڇڙي پيو، مڇرجي پيو. هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنڊ ڪان هن ڪنڊ تائين چهرا لفظ ٻڌجي ويا: ”هائو“.... ”بلاشڪ“.... ”ائين ظلم سهبو ته پاڻ وڏيڪ شير ٿيندا“.... ”هلو ته ٿاڻي ڏي هلون“.... ”جيڪو ٿيڙي ٿئي، سو هتان ئي موٽ ڪاڻي!“

انبوهه جو رويو، ائين، ڳالهه مان ڳالهه ڪڍندي، بدلجندو بڙ ٿيندو ويو. ماجسٽريٽ ”وري بيهي رهيو. مار! هي ميرا سيرا ماڻهو ته مرڪو ٿا ٻيڙو ڦٽائين. هن جي بيزاري حرفت ٻڌجي ويئي. مجاڻ هڪو وڏو ملهالو نه مڃي. اهو سوچيندي هن چيو: ”بابا، انصاف ضرور ٿيندو، آءٌ تو پاڻ ٿاڻي تي هلان. جي ماستر ۽ سندس همراهه بي گناهه آهن ته پوليس ڪين ڇو ٻڌندي؟ پوليس ڪي به آخر ڪنهن دانهن ڏني هوندي نه.... خير هلو ته ڏسون!“

ماجسٽريٽ اڳيان، ماڻهو پويان. ٿاڻي تائين پهچندي، ماڻهن جو ميڙ جيئن پوءِ تيئن وڌندو ويو: ڪي ماڻهو رڳو تماشي ڏسڻ لاءِ ته ڪي وري تجسس ڪاڻ اچي انبوهه ۾ شامل ٿيا. ٿاڻي جي ٻنهه اڳيان، انبوهه بيهي رهيو. جڻ ته ٿاڻي ۽ پوليس جي ويجهائيءَ ڪين اوچتو ديچاري وڏو هو. ماجسٽريٽ ٿاڻي ۾ سڌو صوبيدار جي ڪمري ۾ هليو ويو. ٻاهر ماڻهن جي انبوهه ۾ هڪ چرندڙ پرندڙ مان چانيل هئي. هنن جي چپ ۾ به پڙاڏا هئا — اچاتا، غير محسوس! جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، تيئن تيئن اهي پڙاڏا به آوازٻنجڻ لڳا ۽ انهن آوازن جا نوان پڙلاءَ صوبيدار جي ڪمري جي ديوارن مان پار اڪري، صوبيدار ۽ ماجسٽريٽ جي سرگوشين تي ڇانئجڻ لڳا، غالب ٿيڻ لڳا، ۽ سرگوشيون شڪست کائي چپ ٿي ويون.

ماجسٽريٽ ماستر ۽ سندس ساٿيءَ کي ساڻ ڪري ٻاهر آيو. ماستر ۽ سندس ساٿيءَ کي اتيئي ڇڏي، هڪ نئين بيزاريءَ مان قدم کڻندو نڪري ويو. ماڻهو ڪجهه دير هن کي ويندو ڏسندا رهيا. پوءِ هنن نئين سر ماستر ۽ سندس ساٿيءَ کي ڏٺو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن جا منهن مٽجي پيا هئا. هو حيران هئا ته ميندن چوڌڪارو اينرو ترت ڪيئن مڪن ٿي سگهيو هو. پر ماڻهن جو انبوهه ڏسي هنن کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويئي. هنن جي مجيل منهن تي هڪ نئين نڪوري مرڪ ڦهلجي وئي. ان مرڪ ۾ هڪ نئون اعتبار موٽي آيو، نئون اعتماد اچي ويو. انبوهه جا ماڻهو به مرڪي پيا. هنن جي ان گڏيل مرڪ ۾ به هڪ نئين جاڻ هئي، نئون اعتماد هو. ماستر ۽ هنن جي احساس ۾ ان هڪجهڙائيءَ هنن کان اها ڳالهه به وساري ڇڏي ته پوليس سائن ظلم ڇو ڪيو هو. ان ۾ ڪمدار ۽ مولويءَ جو ڪيترو هٿ هو؟ هنن لاءِ ڇڻ وڏيڪ پائدار حقيقت اها هئي ته هنن گڏجي بيداد کي منهن ڏنو هو.

ان احساس هيٺ جيڪو تيڪو پاڻ وڌي، ماستر ۽ سندس سائيءَ سان پاڪر پائي ملڻ لاءِ آتو هو. نورل جيڏي مهل بي‌اختيار ٿي ماستر کي ڀاڪر پاتو ته هن کي ماستر جي اکين ۾ اڻ-لکا لڙڪ به نظر آيا. اهو سوچڻ وقت هن کي اهو به محسوس ٿيو ته خود سندس اکيون به آگمجي آيون هيون، ۽ هن جي نڙيءَ ۾ ڪا ڳنڍ اٽڪڻ لڳي هئي. هو نه ماستر جي لڙڪن جو ڇيد ڪري سگهيو، نه پنهنجي ان احساس جو! ❋

نورل کي هوندن نہ ملاکڙي ڏسڻ جو ڪو گھڻو شوق نہ هو، پر ماستر سان وعدو ڪيو هئائين- سو اڄ وري ميڙي لاءِ سنبريو هو. شاخ جو ڪنپ ڏيئي، جڏهن هو موري ٽپيو، تڏهن بہ ماستر بابت پئي سوچيائين. ڪالهوڪو سڄو واقعو وري هن جي اکين اڳيان ڦري ويو؛ ۽ هڪ نئين سمجهہ هن جي ذهن ۾ ڀيا پائڻ لڳي. اڳي جيڪي ڳالهيون هو سمجهي نہ سگهيو هو، اهي بہ جڻ ڪنهن ڏند مان هن جي اکين ۾ گهورڻ لڳيون هيون.

انهن خيالن ۾ ئي هو تہ ٻويان ايندڙ ٽلين جي آواز هن جو ڌيان ڇڪجي ويو. هن مڙي ٻويان نهاريو: زائفائن سان ڀريل هڪ ڍڳي گاڏي، رستو صاف ڏسي ٽڪڙي ٽڪڙي پئي آئي. گاڏيءَ واري جون هڪلون ويجهيون ٿينديون ويون. ڍڳن جي ڪچيءَ ۾ ٻڌل ٽلين جو آواز بہ ٽڪڙو ٽڪڙو ويجهو ٿيندو ويو. ”ڪِپي ڪِپي....“ ڏڏڙ جي هڪ ڪڪر مان، هن گاڏيءَ واري جو آواز ٻڌو، ۽ هو رستي جي ٻئي ڇهلي بيهي رهيو تہ جئن گاڏي مٿي وڃي.

اوچتو هن ”گهُوگهُو.... پين پين“ جو زوردار آواز ٻڌو، ۽ ان سان گڏ موٽر جي ”گهرڙ گهرڙ“ جو آواز ويجهو ٿيندو ويو. ڏڏڙ جي بادلن کي ٻويان ڇڏيندي، هن جيپ کي تيزيءَ سان پاڻ ڏانهن ايندو ڏٺو. ڏڏڙ هوندي بہ هن سڃاتو تہ جيپ هلائيندڙ وڏيري گهرام جو پٽ گلڻ خان هو. جيپ ڏڏڙ جا ڏوڙيا اڏائيندي، ڍڳي گاڏيءَ جي ٻويان اچي ڍري ٿي ويئي. رستو بنهہ سوڙهو هو، ۽ ڍڳي گاڏيءَ کي رستي کان هيٺ لاهڻ جي ڪا واهہ ڪانہ هئي. هڪڙي پاسي شاخ هئي، ۽ ٻئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاسي وڏا وڏا گهانچا، هن ڏٺو ته، گاڏيءَ واري اهڙن ٽورو پٽ سڌو ڏسي، گاڏي آڏي بيهاري ڇڏي ته جيپ مان مٿي جيپ گاڏيءَ جي پاسي کان لنگهي وڃڻ بدران، گاڏيءَ جي پويان بيهي رهي. عين ان وقت وڏيري زور زور سان هارن وڄائڻ شروع ڪيو: ”گهوگهو.... پان پان.... پين پين“ جي آواز سان گڏ، جيپ جي انجڻ مان به زور زور سان ”گهرڙ گهرڙ“ جو پڙاڏو اٿيو، ۽ جيئن پوءِ تيئن اهو آواز وڌڻ لڳو. ڏاند ٽهڪ شروع ڪيو، ۽ هڪ گهانچي ڏانهن گاڏيءَ کي گهلڻ لڳا. گاڏيءَ وارو، رينڪي ڇڪي، ڏاندن کي بيهارڻ خاطر، سڄو زور لڳائي بيٺو ئي ويو. ان وقت وري انجڻ جي ”گهرڙ.... گهرڙ“ جو زوردار آواز ٿيو، ۽ ساڳئي وقت هارن جي ”پان پان.... پين پين“ جو آواز لاڳيتو انجڻ جي آوازن جي موٽ ڏيڻ لڳو. هن ڏٺو ته جيپ جو ڊرائيور محض رونشي خاطر زور زور سان انجڻ ۽ هارن مان ڊيچارينڊڙ آواز ڪڍي رهيو هو.

اوچتو ڏاندن سٽ ڏيئي، گهانچي ڏانهن منهن ڪاڙهو. رينون گاڏيءَ واري جي هٿن مان نڪري ويون. گاڏيءَ جو هڪڙو چاڪ ٽڙاڪ ڪري گهانچي ۾ لهي بيهو. ان پاسي واري ڏاند جا پير ٿڙيا، ۽ گوڏن ڀر گسڪندو، منهن ڀر لڙڪي پيو. گاڏيءَ وارو به اڇلجي گهانچي ۾ وڃي ڪريو. ٻه زالئون گاڏيءَ مان اڇلجي، ٻهڙ جي سڪل ڊنگهرن مٿان اچي ڪريون ۽ پوءِ هن ڏٺو ته جيپ زور زور سان ”پان پان“ ڪندي ڌوڙ جا واچوڙا اڏائيندي لنگهي ويئي. جيپ ۾ ويٺلن جا ٽهڪ هن جي ڪنن ۾ شيهو پگهاريندا ويا.

ٿورل آمالڪ تپ ڏيئي گهانچي ۾ لهي پيو. پهرين ته گاڏيءَ واري همراهه کي اچي اٿاريائين: همراهه جي مٿي مان رت ٽيمنديون ڪري پئي وهيو. سندس هڪڙي ٻانهن ٽوٽڻ وٽان پئي لڙڪي. هن جي هٿ وجهڻ سان همراهه ڏڪن دانهن ڪري ويئي. جيئن تيئن ڪري، هن کي سهارو ڏيئي، ٺهڇي

ٿان مٿي چاڙهي، ڪيس اتي ئي ويهڻ جو اشارو ڪيائين ۽ پاڻ ڪڙڪ ڏيئي وري گهانچي ۾ لهي پيو. ڊنگهر هٿائيندي، ٻهراڙي هن هڪڙي زائفان کي آٿاريو، ۽ ان کي به سهارو ڏيئي، آئي گاڏي جي پر ۾ ويهاريائين. پوءِ وري ٻي زائفان وٽ پهتو. هن جي ٻانهن ۾ هٿ وڌائين ته هن کان ڪيڪ نڪري ويئي. هن ڏٺو ته هڪڙي سنهي ڪاٺي پچي، چٻڙ جيان هن جي ڏوري ۾ گهڙي ويئي هئي، ۽ رت زائفان جي چولي جي ٻانهن کي ڳاڙهو ڪندو، ڪرائيءَ کان ٽيندو، هٿ جي آڱرين تائين اچي پهتو هو. نورل پنهنجو پٽڪو لاهي، پٽو ڪري هن جي ڏوري جي چوڌاري ويڙهي ڇڏيو ۽ کيس هنج ۾ کڻي آڻي گاڏي واري جي پر ۾ ويهاري ڇڏيائين. هن کي اتي ويهاري وري گهانچي ۾ لهي پيو، ۽ ڪريل ڏاند کي آٿاري، ٻاچاريءَ وٺان زور ڏيئي ڏکڻ کي پوٺتي موٽڻ جو اشارو ڪيائين. ڏڳا پوئتي هٽيا، پر گهانچي ۾ لٿل چاڪ مٿي چڙهي ئي نه. گاڏيءَ ۾ اچا به ٻه زائفائون ڪروندڙيون ٿيو ويٺيون هيون، ۽ ڊپ کان پنهنجي اجرڪن ۾ وڏيڪ ويڙهجي ويون هيون. هنن جو هن جوان مڙس کي اڪيلي سر گاڏيءَ کي پوئتي ڌڪيندي ڏٺو، ته جيئن تيئن ڪري آٿل گاڏيءَ مان هيٺ لهي آيون. ڊپ ۽ حيرت کان سندن اکڙيون ٻه کُلي ويون، پر هنن کي ان جو هوش ڪونه هو. هو وڏي وجهي ڦٿيلن پيڙيون ٿيون!

نورل ٻيو ڪو چارو نه ڏسي، ڪلهي چاڪ کي ڪلهو ڏنو. زور لائڻ سان هن جي ڪنڌ جون رڳون سيٽجي ويون. هن جي اندر ۾ ڪاوڙ جو ڪهرام متل هو. جيڪڏهن وڏيرو ڳالهه ان وقت سندس سامهون هجي ها ته هوند کيس خفا خون ڪري وجهي ها! ان ڪاوڙ مان هن وري چاڪ تي زور لاتو، ۽ چاڪ گهانچي جي ڊپ ٽپي، مٿي چڙهي پيو. پوءِ ڏڳن کي ٻچڪاريندو، هو گاڏي پوئتي ڪندو، سنئين پٽ تي وٺي آيو. هڪڙي ڏاند جي جنگهه ڦتجي پيئي هئي، سو پنهنجي ٽنگ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متي ڪٿي ويهي رهيو.

هن هڪڙي آڏاچري نظر گاڏيءَ تي وڌي: گاڏيءَ ۾ ٻه رليون وڇايل هيون. هڪڙي هڙ ٻه نظر آيس، جنهن ۾ ديڳڙي ۽ ٻه ٽي پيا ٿانو ٻڌا پيا هئا. هن هڙ کولڻ بنان ئي، هڪڙي پاسي کان ڇڪي، هڪڙو وٽو ڪڍي ورتو. شاخ مان پاڻي پري، هو گاڏيءَ واري همراهه وٽ آيو، ۽ وٽو اڳيان جهلي بيهي رهيو: جڻ ڳالهائڻ جي ڪا ضرورت ڪانه هئي. همراهه وٽو هن کان ورتو، ٻه ڍڪ پاڻيءَ جا ڀري چئي ويٺو: ”پاڻو، تنهنجا لک ٿورا....“

نورل ڪو جواب نه ڏنو. رڳو ڪيس ايترو اشارو ڪيائين ته زائفائن کي پاڻي پياري. هنن پاڻي پيتو ته جڻ سامت ۾ اچي ويون. هاڻ هنن جي حيرت، اچرج ۽ ڏپ لهڻ لڳو هو. هن وري به ڪجهه نه ڳالهايو، ۽ رڳو اشارو ڪيائين ته هلي گاڏيءَ ۾ ويهن. گاڏيءَ واري همراهه کي سهارو ڏيئي، هو گاڏيءَ تائين وٺي آيو، ۽ پوءِ زائفائن ڪاڻ هڪ پاسي تي بيهي رهيو. جڏهن سڀ گاڏيءَ ۾ ويٺا ته هن ڏڳن کي ٻچڪاريندي، ميڙي ڏانهن رخ رکيو. هن اهوئي سوچيو ته ميڙي ۾ ضرور ڪو سرڪاري ڊاڪٽر هوندو جتي هنن جي ملم پٽي ٿي سگهندي. هڪڙو ڏاند ڦنيل هو. ان ڪري گاڏي هري هري ميڙي ڏانهن هلڻ لڳي. ان ماڻائني چال سان ٽلين جو آواز ٻه ماٺو ۽ غمگين ٿيڻجي ويو.

خاموشيءَ کي وري به گاڏيءَ واري همراهه ٽوڙيو، ۽ پنهنجي سڃاڻپ ڪرائيندي چيائين ته هن جو نالو يار محمد هو. ٻن ڪوهن جي پنڌ تي سندن ڳوٺ ”جَتڙئي پنوهر جو ڳوٺ“ هو. پنهنجو زمين ٽڪر هون، ۽ مالوند ماڻهو هئا. مڙئي خير جي پئي گذري. ميڙي گهمڻ ۽ زيارت ڪرڻ آيا هئا.

هن به پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي: نالو نورل هوس. اصل ڪاڇي جا هئا. هن پٽ ۾ لاڙو ڪمائڻ ايندا هئا. ٿاڌي دولا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خان ۾ به مائٽ هئس پر هتي مامن وٽ ترسيل هو، جيڪي سيٺ سيرومل جا هيرا ـ هاري هئا. هتان ڪوهه ڪن پنڌ تي سندن لانڍيون هيون. هو به ملاڪڙي ڏسڻ لاءِ پنڌ پيو هو.

لهندڙ سج، مانڙي ڪري، اولهه پاسي لڙندو ويو. گاڏيءَ ۾ موجود ماڻهن مان ڪنهن به نه ڳالهايو. نورل به چپ هو. پر سندس اندر ۾ گهمسان متل هو. وڏيري جي جيپ جو سوچيندي ٿي، هن جي اکين ۾ رت لهي ٿي آيو. سندس ڪنن ۾ به رت ڌڌئون ڌڌئون ڪرڻ لڳو هو. هن جا هٿ ڏکڻ جي زمين ۾ ايترو زور سان ڪپي ٿي ويا جو هن جون آڱريون به پوسرڻ تي لڳيون. هن کي پنهنجي دل ڦنڊجندي، سيني کان ٻاهر اچڻ لاءِ آتي پائندڙ لڳي. الائي ڇو، هن کي وري ماستر ياد اچي ويو. ماستر جون ڳالهيون ياد اچي ويون: وڏيرن کي ايڏو ٻاهور رکيو ان ڪري آهي جو هنن کي خبر آهي ته هنن کي روڪڻ ٽوڪڻ وارو ڪير ڪونهي. هاري ناريءَ جي مجال آهي، جو سندس اکيان ٻڙڪ ٻولي. پوليس ته هوندي ئي هنن جي اوطاقن جي سلامي آهي. حڪومت جا ڪامورا ڪتا هنن جي گيڏي ۾ پيا آهن. پر به آخر ڪيستائين؟ ماستر ته اهو به ٿي چيو ته جيڪڏهن هاري پاڻ ۾ همراهي ڪن ته وڏيرن جي مجال آهي جو اهي هوڙهياڻيون ڪن؟ پر اها همراهي، اهــا ٻڌي ڪٿان اچي؟ ايندي به الائي نه؟ جيسين ٻڌي اچي، تيسين هي ڪوچرايون ڪيئن بند ٿينديون؟ منٿ ميڙ سان؟ ٻڪو لاهي گچيءَ ۾ وجهڻ سان؟ وڏيرن جي ڪٽ اکيان، پٽڪ تي وهڻ سان؟.

اوچتو نورل جو سڄو بت سيٽجي ويو. نه نه، هوڙهياڻيءَ کي هوڙهياڻي سڏبو ـــ وڏي واڪ، ماڻهن جي سامهون. پوءِ ٻلي ڪنهن کي ڏکي لڳي. آخر ماستر به ته، سر تان سانگو لاهي، وڏي واڪ، سوين ماڻهن جي اکيان ظلم کي ظلم سڏيو هو. پر پوءِ.... ماستر سان ڪهڙي جٺ ٿي هئي. اها ڳالهه ياد جڻ سان، هن جي بدن جي سيٽ ڍري ٿي ويئي. وڏيرن سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪؤنسل منجهه عزت ۽ جو ڊپ آهي. هنن جا وهاريل شودا، هنن جي پاڻارين تي پلجندڙ چور ۽ رهزن حياتي وهڻ ڪري ڇڏيندا! پر ڀلا، مڙس مڙس جو مٽ آهي. لٺ جو جواب ڏکي سان به ته ڏيڻي سگهجي ٿو. ائين ماٺڙي ڪري، مارجي وڃڻ کان ته اها ڳالهه ڀلي آهي ته، چئن شودن کي ماري پوءِ مرجي! ڪجهه ته ظلم گهٽجندو؟ هن جي بدن جي سيٽ وري موٽي آئي: ها ها، مڙس مڙس جو مٽ آهي. نڪي جو ور ڪنهن مَلهه جو سندرو به ٿيندو آهي!

انهن سوچن ۾ سوچن ۾ هو ميڙي تائين پهتو. پڇائون ڪري، هن وڃي ڊاڪٽر کي هٿ ڪيو، جيڪو لوڪل بورڊ پاران ميڙي ۾ ڊيوٽي تي هو. ڊاڪٽر زائفان جا زخم ڌوئاري پٽيون ٻڌارايون، ۽ ڪين دلداري ڏنائين ته ڪا خوف جي ڳالهه ڪانهي: ڪنهن کي به هڏائون ڀڳ ڪونه لڳو هو. يار محمد جي ٻانهن ٻه ڀڳي ڪانه هئي، سنڌ کان نڪري پئي هئي. ڊاڪٽر ڳالهين ئي ڳالهين ۾ نورل ۽ ڊريسر جي مدد سان، سٽ ڏيئي، هن جي ٻانهن وري سَنڌ ۾ ورائي ڇڏي. يار محمد سور کان سڄو پيلو ٿي ويو. سندس اکين ۾ ڏنڌ ۽ لڙڪ پيرجي آيا، پر وات مان "اونهه" به نه ڪيائين. پوءِ ڊريسر سندس ڪلهي کان ڪرائيءَ تائين پٽيون ويڙهي، سندس ڳچيءَ مان لڙڪڻي ناهي، ڳچيءَ جي پويان ٻڌي، ۽ يار محمد کي چيائين ته هفتو ڏهه ڏينهن، ٻانهن انهيءَ لڙڪڻيءَ ۾ لڙڪائي رکندو ته پاڻهي چڱي ڀلي ٿي ويندي، ۽ سور به لهندو ويندو. جڏهن ملم پٽي پوري ٿي ته پريان دهلا ڀن جي ملاکڙي جي ڌمال ڪَن تي پين.

نورل وري به هنن کي گاڏي ۾ ويهاري، يار محمد جي ڳوٺ ڏانهن موٽڻ جي ڪئي. ميڙي جي وچ مان لنگهندي اوچتو هن جي نظر وڏيري جي جيپ تي پيئي، جيڪا هڪڙي لانڍي اڳيان بيٺي هئي. ڪجهه ماڻهو به جيپ کي گهيرو ڪريو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويٺا هئا. هنن لاءِ جيپ تہ عجب جهڙي شيءِ هئي. هنن جي منهن تي عجب، حيرت ۽ شايد ڪنهن اڻڄاتي ڊپ جون ريکائون هيون. جيپ هنن لاءِ وڏيري جي شان ۽ دٻدٻي سان گڏ وڏيري جي وڌندڙ زورآوريءَ جو اهڃاڻ بہ هئي. جيپ تي نظر پوندي ئي، نورل جو رت ررڳي سندس ڪنن ۾ گڙڻ لڳو. سندس لوندڙين ۾ ڏڏڪا ٿيڻ لڳا. سندس ٻانهن ۾ نئين سر سيٽ اچي ويئي.

ماڻهن جا هشام پٺي لانڍين اڳيان آيا ويا. هڪ طرف ڇوڏولن جو گوڙ گهمسان هو. ٻئي پاسي دڪاندارن ۽ گهوررڙين جون رڙيون هيون. هڪ ويجهي لانڍيءَ مان ٻڪرين ۽ مرلين جو گڏيل آواز وراڪا ڪندو پئي آيو. پريان ڪنهن لانڍيءَ مان رکي رکي گهنگهرن ۽ ڇيرن جو ڇمڪو بہ ڪن تي ٿي پيو. پر اهي سمورا آواز نورل جي ڪنن ۾ زوزات ۽ ٽوندڙين جي دريا ڪي ماڻو نہ ڪري سگهيا. لانڍيءَ اڳيان ٻهچي، ڏاندن کي ٻچڪار ڏيئي، ٻيهاري، هيٺ لهي آيو. لانڍيءَ جي اڳيان ماڻهن کي هٽائيندو، هو لانڍي جي اڳيان، منهن جي مهاڙيءَ وٽ بيهي رهيو. اندر ٻہ ٽي کٽون پيل هيون. ٻيون کٽون خالي هيون؛ فقط هڪڙي کٽ تي وڏيرو گلڻ، ٻن وهاڻن کي ٽيڪ ڏيو ويٺو هو. هيٺ تڏن ۽ ٽونرين تي ڏهاڪو کن ماڻهو ويٺا هئا. ڪن کي ڪانيون ٻڌل هيون، تہ ڪي ائين ئي پتلي ماريو ويٺا هئا. هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ ٻہ همراهہ ڏنڊي ڪونڍي ۾ ڀاڱ گهوٽڻ ۾ مصروف هئا. سندن ڀر ۾ پاڻيءَ جي هڪ ننڍي نادي هئي، جنهن جي ڍڪ مٿان ٺڪر جون ٻہ چلمون رکيون هيون.

نورل هڪل ڪئي: ”وڏيرا، توکي حياءُ ڪونہ ٿو ٿئي جو ائين راهہ ويندن مان کوچرايون ڪندو وتين؟ ڏس تہ تنهنجي هوڙهيائيءَ ڇا ڪيو آهي. هن مڙس ماڻهوءَ کي تہ ڪٽي ڇڏ، ڏس تہ هنن ڏاندن جو ڪهڙو حال ٿيو آهي! اهي ٻہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن جا ننگ آهن. جيئن جا مالڪ ٿيا آهيو ته ان جو اهو طلب ڪونهي ته راهه ويندڙن کي ماريندا وتو. ڪجهه ته شرم حياءُ ڪريو ها!“

هن جي هڪل تي ماڻهو آهستي آهستي هن جي پويان گڏ ٿيندا ويا، ۽ پوءِ ماڻهن پوئتي نهاري، ڏٺي ڳاڏيءَ ۾ ويٺل يار محمد کي ڏٺو، جيڪو ڳچيءَ ۾ ٻانهن لڙڪايو ويٺو هو، مٿي تي به پٽيون ٻڌل هئس. هنن جي نظر زائفائن تي به پئي، جن جا ڪپڙا رت جي ڌٻن ھاڻا هئا. هنن جون نظرون وري لانديءَ اندر موٽي ويون، ۽ هنن آتي وڏيري گلڻ خان کي وهاڻن تي ٽيڪ ڏيئي ويٺل ڏٺو: نظرن جي اها موٽ، هنن ۾ ڪا سمجهه ڪٺي آئي. گهڙي دير اڳ، جا حيرت ۽ حشمت هنن وڏيري ۽ سندس جيپ لاءِ محسوس ڪئي هئي، هاڻ ان جي بدران ڪا اڻاٽي نفرت، هنن جي اندر ئي اندر لهرون هڻڻ لڳي. ماڻهن ۾ سُس پُس ۽ چڻ پڻ پئجي ويئي. ”ادا، پيٽ-پرائي ان کي چئبو آهي!“ ڪنهن چيو: ”پاڻو، ان کي غريبان مار چئبو آهي!“ هڪڙي پرئين مڙس زور سان کانگهارو ڪندي چيو: ”هڙن سان اها ڪار ڪجي جو ڪارو منهن ڊانگيءَ مان ڪري، گڏهه تي ابتو چاڙهي گهمائجين!“

وڏيرو اهڙو ڪچي، جهڙي پت. وهاڻن تان مٿيرو ٿي، نگون هيٺ لڙڪائي، ڦڪائي لڪائڻ لاءِ ڪجهه چوڻ تي هو ته سندس همراهن مان هڪڙو ڪاني ڇوڙي آئيو، ۽ پاسي ۾ رکيل لوڙهه ڪٺي، گار ڏيئي، نورل تي آلر ڪري آيو. ڪجهه ماڻهو هيسجي پوئتي هٽي ويا. پر نورل وار پنهنجي هٿ تي روڪي، سٽ ڏيئي، لوڙهه ڇڏي ڪان ڦري ورتي. پوءِ لوڙهه کي، گوڏي تي هڻي، ٻه ٽڪر ڪري، اڇل ڏنائين ته پئي ٽڪر وڃي وڏيري جي لڙڪندڙ ٻيرن وٽ پيا. ٻيءَ گهڙيءَ حملي ڪندڙ همراهه مان ٻڪين پئجي ويو. سندس آبدائي ۾ هٿ وجهي، ڪڍي مٿي ڪيائينس، ۽ ڪيس اهڙي اڇل ڏنائين جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهن ۾ اچي ماڻهن منجهه ڪريو. ماڻهن کي الائي ڪاوڙ هئي ـا روڻشو سڄهين، سو ڪنهن لت هنيس ته ڪنهن ٻُجو- ـتَ ستان تي ويئي.

ماڻهن جي ان گوڙ ۾ وڏيرو آيو. ساڻس گڏ ٻي همراهه به آيا. چارئي ڇڻا ڪلها هڻندا اچي جيپ تائين پهتا. وڏيري ڪلهه تڙتڪڙ ۾ جيپ اسٽارٽ ڪئي. جيپ جي ”گهرڙ.... گهرڙ“ تي ماڻهو هٽي پاسي ٿيا، ۽ جيپ تيزيءَ سان، جهٽڪو ڏئي اڳيان وڌي ويئي. ماڻهو وڏيري ۽ سندس ماڻهن کي، ڪا گهڙي ويندو ڏسندا رهيا. پوءِ اوچتو هن کي وڏيري جو شودو ياد اچي ويو، ۽ نئين سر ڏڪڻ ٻُجن سان ورائي ويس!

ڪنهن چيو: ”ابا، تون ته انب شيدي واري اچل ڪري آيو هئين؟ هاڻي ڇو مڪر ڪري ڪٿي مات ڪئي اٿئي؟!“

شودو ماڻهن کي پانهون ٻڌڻ لڳو: ”بيلي، مون کي بشڪ ڪريو. قرآن ميڙ اٿوَ. نياڻين ميڙ اٿوَ، مون کي بشڪ ڪريو!“

انهن لفظن تي سمورا هٿ روڪجي ويا. هڪڙي پوڙهي مڙس چيو: ”بابل! وڏيرن جي ٽڪر ڀور تي پلجڻ وارن مان ماڻهپو موڪلائي ويندو آهي، ۽ باقي بچندا آهن ڍڳا سوئر! سو هاڻ ڇڏيوس ته وڃي ماڻس کي ڪو يار وٺي ڏئي!“

نورل ماڻهن جي گوڙ مان هلندو، ڏڳي گاڏيءَ تائين آيو، ۽ ڏڳن کي ٻچڪاريندو، گاڏيءَ کي رستي تي ڪاهي آيو. ✱

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙي پنوهر جو ڳوٺ، سنڌ جي انهن ڳوٺن مان هو، جتي زندگي اڃا لوڙهن ۽ ڏنگهرن ۾ گهيريل هئي. انهن لوڙهن ۽ ڏنگهرن پويان، ماڻهو ۽ مال گڏ گذاريندا هئا؛ جتي ماڻهن جي ٻالڪن ۽ ڍڳ واڇي سان گڏ ماهي ۽ ڳائي مال جون رنڀون، ٻڪرين ۽ رڍن جا ٻيڪڙاٽ ۽ ڍڳن وهٽن جون هڪارون صبح جي آجيان ڪنديون هيون؛ چڙن ۽ ٽلين جي لاڳيتي ٽلڪار، پري ڪان اُٿندڙ ڌتڙ ڌُڄي لئه جي پس منظر ۾ شام کي الوداع ڪندي هئي. ڳوٺ جي ماڻهن جي حياتي کير جي ڳوهڻ وانگر اڇي اُجري ۽ پوتر هئي: ان جو هر آواز، ڪنهن نه ڪنهن طرح، زندگيءَ جي اڇي اجري هجڻ جو آواز هو، ۽ اهي اڇا اجرا آواز ماڻهن جي دلين ۾ نيڪيءَ ۽ خير جا نياپا کڻي ايندا هئا، ۽ اهي نياپا محبتون بڻجي ويندا هئا. پنهنجائپ ۽ ماڻهپي جون روايتون بڻجڻ لڳندا هئا.

ائين ڇو هو؟— اهو ڪنهن به نه سوچيو هو. ڀلا، ڀلائيءَ لاءِ به ڪو سبب سوچيندو آهي. البت پيرسن چوندا هئا ته، ”ابا، هت ماڻهو آهن سڀ پاڙيرا ۽ پاڻ-وهيڻا، ڪو ڪمدار ڪڙو ڪونهي جو وڏيري پاران ڪوجهايون ۽ ڪُريتون ڪري، ڪو مالڪ ڪونهي جو ماڻهن کي نوڪر ۽ غلام سمجهي، ڪو مجيري ڪونهي جو وڏيرپ ويڙهاڙي ڇيڙا نبيرا ڪري، ۽ وڏي ڳالهه ته ڪو وڏيرو ڪونهي جو پرائي پورهئي تي پرمار ڪري هڙ کڻي وڃي، ۽ هاريءَ کي سڪڻو ڇڏي، سندس ماڻهپي کي به بهاري وڃي! هت ته هڪڙي ابي ڏاڏي جو اولاد آهي، هر ڪنهن کي پنهنجو ٻارو ٻني آهي، پنهنجو مال آهي، پاڻ آپائي پاڻ کائي يا پٽاري مال کي کارائي— پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀلا ٻچڙيون ڪن ٻه ته آخر ڇو؟"

پر نيٺ هڪڙو وڏيرو جنڙي ٻنوهر جي ڳوٺ ۾ ٻچڙائي ڪٺي آيو، ۽ ڳوٺ جي محبتي ماڻهن کي سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته ان ٻچڙائيءَ کي ڪيئن منهن ڏين. ٿيو ائين جو ٽر جو وڏيرو گهرام خان يار محمد کان سندس ڀيڻ مهروءَ جو سڱ پنهنجي پٽ گلڻ خان لاءِ گهرڻ ڪاڻ چڙهي آيو، ۽ چئي ويو ته هو انڪار ٻڌڻ جو عادي ڪونهي!

يار محمد ته ساڳي جيپ ڏسي باهه ٿي ويو هو. پر تڏي تي آيل مزمان سان ٿيڪو مٺو ٿيڻ هنن جي پڙ ڪانه هئي. هنن جي پڙ ته اها هئي ته جي ويري به تڏي تي لنگهي اچي ته هن کي مانُ ڏيو. ڪٿون وڇائي، هن مزمانن کي ويهاريو، ۽ خوش خبرعافيت کان پوءِ جڏهن مانيءَ جي صلاح هنيائين، تڏهن وڏيري گهرام خان پنهنجي شهپر کي وٽ ڏيندي چيو: "يار محمد، مانيون ٻه کائينون، پر پهرين پرڻي مڙس جيوڻ خان کي گهرائي وٺ ته ڪچهرڙي ڪريون. پوءِ ٻه جي زور پريندين ته مانيءَ جا ٻه گراهه تنهنجا ڪونه موٽائيندا سون!"

جيوڻ خان نه رڳو ڳوٺ جو چڱو مڙس هو پر يار محمد جو سڳو ماما پڻ هو. ڳوٺ جي گهرن ۾ سڀ کان غريب جيوڻ خان جو گهر هو، پر مان مريادا ۾ هو سڀني کان شاهوڪار هو ۽ هن جو چيو موٽائڻ جو ڪنهن سوچيو ٻه ڪونه هو، ڇاڪاڻ ته سڀني کي اهو يقين هو ته جيوڻ خان جيڪو فيصلو ڪندو، سو ڏکيو ڪٺي هجي ٻه سهي، پر هوندو انصاف ڀي انصاف. سڱابنديءَ جا سمورا نبيرا ٻه جيوڻ خان اهڙا ڪندو هو جو سڀڪو ڪلندي مرڪندي قبول ڪندو هو. پنهنجي ڇوڪري جو مڱڻو، پنهنجي ڀي پاڻيءَ سان رڳو ان ڪري ٽوڙي ڇڏيائين جو پاڻس ڏي ميرڻ وارن جو بدو رهيل هو، ۽ پاڻس پٽ بدي جي قول پاڙڻ لاءِ رڳو اهائي هڪڙي نياڻي هئي ... ڪا نندي هوندي ڀي پٽس سان مڱائي ڇڏي هئائون. مڱڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽٽڻ جو پٽس تي اهو اثر ٿيو جو جهنگ منهن ڪري هليو ويو، ۽ وڃي شهر جي ڪارخاني ۾ مزوري ڪيائين ۽ وري ڳوٺ جو منهن نه ڏنائين.

جيوڻ خان خوش خيرعافيت ڪري، سامهون ڪنولي تي ويهي رهيو. هو منجهي پيو هو ته آخر رئيس گهرام خان ڪيئن پنڌ پيو هو. ڌر ۾ گهرام خان جي ڪا نيڪي ڪانه هئي. ذات چور، لنب ۽ شودو هن جي اوطاق جو سلامي هو. اوڙي پاڙي ۾ چوري چڪاري ٿيندي هئي ته پيري پير ڪڍي اچي گهرام خان جي اوطاق تي بيهندا ۽ پاڳيا پڳ ڏيئي پنهنجو مال ڪاهي ويندا هئا ۽ ڏينهن جا ڏينهن رئيس جا مزمان ٿي رهندا هئا. ماڻهن جي ٻڌ-چوڙ ۾ رئيس جو نالو ڪڍي بس ڪر. دنگئي وڏيرا هن کان اهڙو ونئي ويندا جو ڪنهن مهڙي ملا ڪڙي ۾ يا شادي مرادي ۽ تي مڪا ميلو ٿيندو هون ته پاڻ ۽ ته پيرن هيٺان ٿاندو اچي ويندو هئن! وڏيري خان محمد وارو مامرو سيني کي ياد اچي ويندو هو: ٿيو هيئن جو وڏيري خان محمد وٽ هڪڙو ٻلداڪ ڪتو هوندو هو، جنهن جو نالو ٿي رکيو هئائين "شيرل". هونئن ته رئيس گهرام خان وٽ ڪتن جي لوڏ هئي، پر جڏهن کان وڏيري خان محمد جي "شيرل" جي ناموس ٻڌي هئائين، تڏهن کان هن جو سک ڦٽي پيو هو. هن نياپا سنيها موڪلي، وڏيري خان محمد کان ڪتو گهريو. ڏهه هزار به آڇيائين، پر وڏيري خان محمد نه مڃيو. هيڪاري جڏهن وڏيري خان محمد پنهنجي وياڻهن جي خوشي ۾ رڇ ۽ ڪتن جي ويڙهه ڪرائي ۽ وڏيري گهرام پنهنجي اکين سان اهي ويڙهه ڏٺي، تڏهن کان ته "شيرل" لاءِ هن جي تقاضا چوٽ چڙهي ويئي. رڇ چئن پنجن پيان تازي ڪتن کي واري واري سان ڌڪ ٿي هڪڙو هليو ۽ ڪتا ڪيڪڙات ڪندا، پڇ ٽنگن ۾ ڏيئي گولي ٿي ويا. پر جڏهن خان محمد "شيرل" جي ٻڌي سان زنجير ڪڍي تڏهن شيرل رڇ کي اٿين چنبڙي ويو، چڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڇ نه پر ڪو لومڙ هو. رڇ گهٽائي ڪيس چنبا وجهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر "شيرل" وچي نڙ گهٽ ڪان ورتس. جيڪڏهن وڏيرو خان محمد سبنديءَ وڇائي شيرل کي نه سڏي ها ته لاشڪ رڇ پورو ئي وڃي ها. "شيرل" سبنديءَ جو آواز ٻڌو؛ گهڙي کن منجهي بيهي رهيو ۽ فيصلو نه ڪري سگهيو، پر پوءِ اهالڪ رڇ جي نڙ گهٽ مان وات ڪڍي، پڇ لوڏيندو خان محمد ڏانهن موٽي آيو! واه واه ٿي ويئي، ڪڪوڪريا پنهنجي ويا. رڇ رت ڳاڙيندو، رنيون ڪندو ڪيلي جي چوڌاري ڦيرموٽيءَ وانگر ڦرندو رهيو، ۽ پوءِ اوچتو ويهي رهيو. ڪهيري ڏڪ پائي رڇ ڏانهن ڀڄتو ۽ کيس اٿارڻ جي ڪوشش ڪيائين پر رڇ اٿڻ جي نه ڪئي. ڪهيري ڪا گهڙي پنهنجي چيتاڙيل رڇ کي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ موٽي آيو ۽ ڪنڌ جهڪائي وڏيري خان محمد اڳيان بيهي رهيو. هن جي اکين مان ڳوڙها پئي وهيا، ۽ اوچنگارن کي روڪڻ ڪري سندس ڪلها پئي ڏڏيا. وڏيري خان محمد کيسي ۾ هٿ وجهي ڳپل جيترا نوٽ ڪڍي ڪهيريءَ کي ڏنا ۽ پوءِ پيار مان شيرل جي ريشمي لسي کل تي هٿ ڦيرائڻ لڳو.

گهرام خان سٽ ڏيئي اٿيو. خان محمد ۽ "شيرل" جي پر ۾ اچي بيهي رهيو. گهڙي کن "شيرل" کي ڏسندو رهيو، ۽ پوءِ خان محمد کي چيائين: "شيرل" توکان گهري ٿو وٺان، پئسا جيڪي چوندين سي ڏيندس — ويهه هزار، پنجويهه هزار، ونڊي ٽيهه هزار — پر "شيرل" مونکي ڏي!"

خان محمد رکو ايترو چيو: "رئيس 'شيرل' جي ڳالهه تان لهي وڃ. منهنجي تڏي تي آيا آهيو، سي اوهان جا لک ٿورا، پر 'شيرل' ۾ منهنجو ساهه اٽڪيو پيو آهي!"

"ته چئبو ته تون ڪتو ڪونه ڏيندين؟" گهرام خان جي آواز ۾ هڪ عجيب سختي اچي ويئي.

"رئيس، پيو جيڪو ڪتو چئين، سو تنهنجي ميلڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي پلي ڪاهي وڃ، باقي 'شيرل' ڪونه ڏيندس!"

"خان محمد، ڏسجئين متان پوءِ پڇتائين.... آءٌ سياڻي ڌائين انتظار ڪندس. جي 'شيرل' مون وٽ نه پهتو ته پوءِ مون تي ميار ڪانهي!" ائين چئي رئيس گهرام خان پنهنجي همراهن سان گڏ چڙهي نڪتو. مانيءَ لاءِ به ڪونه ترسيو.

ٻن ڏينهن کان پوءِ، ٽئين ڏينهن تي چوڪيدار وري آيو ته خان محمد جي ڳوٺ ۾ ڌاڙو لڳو آهي. خان محمد وارن جا به همراه آڻي مارجي ويا ۽ چار چٺا ڌڪجي پيا.... ۽ ڌاڙيل خان محمد جي نياڻي به کڻي ويا! پوليس ڪمانيءَ جاءِ واردات تي پاڻ اچي منزل ڪئي. هفتو ڏهه ڏينهن آسي پاسي ۾ پوليس رڻ ٻاري ڏنو. ڌاڙو به خان محمد وارن جو لڳو، شڪ ۾ ماڻهو به خان محمد وارن جا ٻڌا. خان محمد پاڻ پوليس ڪمانيءَ کي سڌو سنواٽو چيو ته منهنجو شڪ گهرام خان ۾ آهي، پر پوليس ڪمانيءَ کيس سمجهائيندي چيو ته ان ڳالهه تان لهي وڃي نه ته ڳالهه مان ڳالهوڙو ٿي پوندو، ۽ کيس ڌاڙي جي بدران پانهنجي کچڻ جو نهندو. ماڻهو چوندا ته ٻانهن پاڻ ڀڄي ٿي نڪتي ته ترين ۾ جهيڙو ٿي پيو. خان محمد رت جو ڍڪ پي، چپ ٿي ويو. جڏهن پوليس وئي، تڏهن خان محمد کي نياپو ٿيو ته ٻانهن ورائڻي اٿئي ته "شيرل" پهچائي، پنهنجي امانت وٺي وڃ! پوءِ جيڪي ٿيو، تنهن تي ماڻهن جا وات پٽي ڇڏيا. چون ٿا ته خان محمد پاڻ "شيرل" جي زنجير جهلي انجام واري هنڌ تي پهتو. ڪتو ڏيئي، پنهنجي ٻانهن موٽايائين پر تڏهن به ڳوٺ اڪيلو پهتو. ڪن چيو ته ٻانهن ڪانه موٽي، ته ڪن وري چيو ته خان محمد پنهنجي هٿن سان نياڻيءَ کي ڪهاڙين سان ڪٽيو، ۽ پنهنجي هٿن سان ڪڍ ڪوٺي، کيس پوري، پوءِ ڳوٺ پهتو. ان ڏينهن کان پوءِ ڪنهن ماڻهوءَ سان خان محمد کي ڳالهائيندي ڪنهن ڪونه ڏٺو. جي ڳالهائيندو هو ته رڳو پنهنجي ڪتن سان يا وهٽن سان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيوڻ خان کي اهي ڳالهيون ياد آيون ته سندس هنئين ۾ هڏڪ پئجي ويو. خدا خير ڪري، هن زهزن جو اسان ۾ الائي ڪهڙو ڪم پيو آهي! هن ڳلڻ خان جي هوڙياڻيءَ واري ڳالهه به ٻڌي هئي: اهو ته تي نه تي سگهيو ته ڪو رئيس گهرام خان ٻٽ جي خطا بخشائڻ آيو هجي، ته پوءِ ڪهڙو ڪم هوندس اسان ۾! اسين غريب سٺي جي ڪٽل، هن ٻگهڙ جو اسان سان ڪهڙو ڪم!

”رئيس، پلا پيو ته مڙئي خير آهي نه؟“ جيوڻ ڳالهه جو پير کڻڻ لاءِ چيو.

”ها ها، جيوڻ خان، مڙئي خير آهي. سوچيوسون ته پاڙي ۾ ويٺا آهيون. پاڙو نبين کي به پيارو هو. پاڙي جا ننگ اسان جا پنهنجا ننگ آهن. متان ميار ڏيو ته ميان گهرام خان پاڙي ۾ ويٺو آهي، پر اسانکي اڌ تي به ڪونه پڇيءِ. ڪمدار وڏي ڪان پڇي ڏس. اسان پاڻ ڪيس چيو ته جيوڻ خان وارن وٽ پيرو ڪجي. ڪيئن ڪمدار؟“ رئيس گهرام خان پنهنجي ڪمدار ڏانهن نهاريو به ڪونه. سندس اک اها ڏي جيوڻ ۾ ڪتل هئي.

”بروبر، رئيس جن پاڻ ڳالهه ڪئي ته جيوڻ خان وارن ڏي پيرو ڪجي.“ ڪمدار سُر ونايو.

”ڀلي ڪري آيا، جيءُ ڪري آيا، اسان جون اکيون ٺڏيون; پلا هاڻ اجازت ڏيو ته ڇوڪرو ماني رکائي. ابا يار-محمد ماني رکائي وٺ!“

”هائو ماما، بس تون رئيس کي هٿ ڌئار ته آئون ٻنهي پير ماني کڻي ٿو اچان!“ يار محمد ماڻهنس ڏانهن اهڙين نظرن سان ڏٺو، جيڪي خود جيوڻ کي به سمجهه ۾ نه آيون.

مانيءَ تي رئيس گهرام خان جيوڻ ۽ يار محمد کي زوريءَ پاڻ سان پنهنجي ڪٽ تي وهاري ماني کائڻ لاءِ چيو. ماني کائيندي، گهرام خان چيو: ”جيوڻ خان، اسان کي نه ڪمن ڪارين سان واندڪائي ڪانه تي ملي. ڳالهه هيءَ آهي ته پنهنجو

اچي وهيءَ چڙهيو آهي پانيان ته هاڻ پرٺايانس.“

گراهه جيوڻ جي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو ۽ ذري گهٽ آٿوڙيو هو. گهيتون ڏيندي چيائين: ”اها نه چڱي ڳالهه ويچاري اٿو. آءٌ پاڻ ان خيال جو آهيان ته ڇوڪرن کي مڇن جي ساوڪ اچي ته پرڻائي ڇڏجن. گهڻين بڇڙاين کان بچي پوندا.“

”برابر. انسان آهي شيطان جو گهر ۽ پير تي، آءٌ به اچي پيريءَ کي پهتو آهيان. الله سائينءَ اهو ئي هڪڙو پٽڙو ڏنو اٿم. پانيان ته اهو ڪم آڪلائي وڃان.“

”جي جي....“ جيوڻ کان وڌيڪ ڳالهائڻ نه اڪليو.

”يار محمد تنهنجي ڇا صلاح آهي؟“ رئيس اوچتو يار-محمد ڏانهن مهاڙ ڪندي چيو.

”رئيس، آءٌ پلا ڪهڙي صلاح ڏيندس! صلاحون ته وڏا ڏيندا آهن....“ يار محمد کي جواب ڏيڻ نه آيو. هن جي اندر ۾ ڪورا پئي ٻريا. رئيس جي پٽ هنن سان جيڪا ڪوچرائي ڪئي هئي، سا سندس ذڪر اچڻ شرط وري هن جي اکين آڏو اچي ويئي.

”مون ٻڌو آهي ته گلڻ خان اوهان سان مڙئي ڪا ٻارائي ڪئي هئي. ننڍو نينگر آهي. جواني ديواني چوندا آهن، سو مڙئي حرڪتڙي ڪري ويٺو....“

جيوڻ ۽ يار محمد جي ساهه ۾ ڪجهه ساهه پيو. پيلي، رئيس نه پٽ پاران ڏوهه بشڪائڻ آيو آهي. هنن جون دليون ڦونڊجڻ لڳيون.

”هاڻ اوهين مٿس ڪو ڏنڊ رکو. ڪا سزا ڏيوس!“ رئيس مرڪندي چيو.

”نهيو رئيس، اوهين اسان وٽ هلي آيا، اهوئي ڪوڙ آهي. سزا ٻزا جي ڳالهه نه ڪريو. اسان جي دل صاف ٿي ويئي آهي!“ جيوڻ هڪ نئين آتساهه سان چيو.

”نه نه، هن کي سزا ته ڏيڻي پوندي....“ رئيس ماني بس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندي چيو.

هٿ ڏوئي، جڏهن وري اچي ڪٽ تي ويٺا ته گهرام خان چيو: ”جيوڻ خان، هن ڪي سزا اها ڏجي جو هتان پرڻائجيس! پلا يار محمد خان، اوهان جي پيڻ جـو سڱ ڪٿي ڏنل تـه ڪونهي نه؟ ...“

”نه رئيس نه....“ يار محمد جو منهن ڪاوڙ کان ڳاڙهو ٿي ويو. هو چوڻ وارو هو ته رئيس اوهان کي اڏين امانجي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ نه گهرجي، پر سندس ڳالهه کي وچ ۾ ئي ڪٽيندي گهرام خان چيو: ”تـه پوءِ جيوڻ خان، تـون وڏو آهين. تون جڏهين چئين، تڏهن ڏينهن ٻڌڻ لاءِ وري اچي اوهان جا مزمان ٿيون!“ گهرام خان پنهنجي شهپرن کي وٽيندي چيو.

جيوڻ جي سموري تن بدن ۾ ماڪوڙيون سُرڻ لڳيون. هن جي بدن ۾ لرزش پيدا ٿـي ويئي. هن جي اکين ۾ اهڙو ڏنڌ چانئجي ويو جنهن مان هن کي رئيس گهرام خان جو منهن ڏڏندو محسوس ٿيو. هـو سڄو ٽڪجي ويـو، ۽ اکر ڏاڍي مشڪل سان هن جي نڙيءَ مان نڪتا: ”رئيس، اسين مشڪين برابر آهيون، پر الله اسان کي ڪنهن جو محتاج ڪونه ڪيو آهي، ۽ اسان کي به پنهنجي عزت آهي. هڪڙو اسان جي ننگن سان هوڙيائي ٿي، ٻيو وري اسانجي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ لڳا آهيو. اسان جـي تڏي تـي آيا آهيو، سو اسان وس آهر اوهان کي آدر ڏنو، مانُ ڏنو، باقي سڱ جي ڳالهه تان لهي وڃو!“

گهڙيءَ لاءِ مانٺ ٿي ويئي. لوڙهي تان هڪڙي ڪبر چيٽ ڪري اڏامي ويئي. اوچتو رئيس گهرام خان اٿـي بيٺو. سندس ڪمدار ۽ ٻيا همراهه به اٿي بيٺا. جتي پائيندي، گهرام خان چيو: ”جيوڻ خان، آءٌ ڪا شئي فقط هڪڙو ڀيرو گهرندو آهيان، نـه ملي تـه زوريءَ کڻي ويندو آهيان. اوهان کي ڏهن ڏينهن جي مهلت آهي. ڪمدار، اڄ چنڊ جـي ڪهڙي تاريخ آهي؟ ڏيرهن تاريخ اوهان جي قبوليت نه پهتي ته پوءِ مون تي

۽پيار نہ رکجو. ٻانهن آءٌ زوريءَ ڪٽي ويندس!“

جيون ۽ يار محمد ٻتڻ وانگر هنن کي ويندو ڏسندا رهيا.

جيپ جي اسٽارٽ ٿيڻ جي گهرڙ گهرڙ تـي هو حقيقت جي دنيا ۾ موٽي آيا. هنن جي منهن تي ڳاڙهاڻ بدران پيلاڻ ڦهلجڻ لڳي. ان ۾ ڊپ کي ڪو دخل ڪونہ هـو. ڊڄڻ هـو سگهيا ڪونہ هئا. اهو رنگ هنن جـي مظلوميت جو رنگ هـو، ان مجبوريءَ جو رنگ هو، جنهن هيٺ هو ڪجهہ بہ نٿي ڪري سگهيا. ڏاڍي کي ائين دڙڪو ڏيئي ويندي ڏسڻ جـو رنگ، سنڌ جي آسمان جي شفق جي ڳاڙهاڻ تي هميشہ غالب ٿيندو رهيو آهي، ۽ ان رنگ ۾ رتل ڳيرا، ٻير جي هڪ ٽاريءَ تي پار ڪيدي، گهوگهو ڪـرڻ لڳا. اونده آهستي آهستي يار-محمد جي لوڙهي اندر لنگهي آئي ۽ ڪا گهڙي لوڙهي جي ڍنگهرن ۾ اٽڪي بيهي رهي. ❋

اهو ڊنگهر، اونده سوڏو، مهروءَ جي من ۾ لهي پيو.

پلڙن جي چلي ڪٽي، هن ٻڪرين اڳيان رکي، چونئري هڪڙي ٻڪريءَ جي ٿڻ هيٺان رکي، ٻڪري ڏوهڻ ويهي رهي. ڪير جي ڀهرئين گوهي، جستي چئونريءَ جي تري ۾، اهڙو پڙاڏو پيدا ڪيو، جهڙو هن جي من ۾ متل هو. نه چاهيندي به هن سيڪجهه پنهنجي ڪنين ٻڌوهو: ”تيرهين تاريخ مون کي اوهان جي قبوليت نه پهتي ته پوءِ مون تي ميار نه رکجو. پانهنجي آءٌ زوريءَ ڪٿي ويندس!“ ڪير جي هرگوهي سان، اهي لفظ وَرَ وَرَ ڪري چئونريءَ سان ٽڪرڻ لڳا، ۽ هن جي ڪنن ڪان ٿيندا، هنجي دل ڪي ڌڙڪائيندا رهيا. هڪ اچاتي ڏپ کان هن جي بدن ۾ هلڪي رڪڻي پئجي وئي. هيءَ رڪڻي ان رڪڻيءَ جهڙيءَ هئي، جهڙي هن گلڻ خان سان ڳالهائيندي محسوس ڪئي هئي....

گلڻ خان کي هن ڪل ٽي ڀيرا ڏٺو هو: ٻه ڀيرا پريان، ۽ ٽيون ڀيرو مُنهان منهن، دوبدو. پهريون ڀيرو تڏهن جڏهن جيپ ڪاهيندي، هن سندن ڏڳي ڳاڏيءَ کي گهانچي ۾ ڪيرائڻ لاءِ، ڏگن کي تاهيو هو. ڌڌڙ جي چوهي منجهان، هن جيپ هلائيندڙ کي ڏٺو: بوسڪيءَ جي پٽڪي سان هڪ چوڪرات، جنهن جا شهپر ائين ٿي لڳا، جڻ وقت کان اڳي ڄمي آيا هئا: بلڪل ائين جيئن ڪنهن ننڍي چوڪر جي چپن تي، هترادو مُچون چنبڙائي ڇڏجن. نڪ ٻڻون، اکيون وڏيون جيڪي ٻني نڪ جي ڪري هيڪاري وڏيون ٿي لڳيون. هڪڙو پرون اڌ ڳارو پٽڪي جي پير ۾ لڪي ويو هو. ان ڪري جڻ هن جي اکين مٿان ٻن پرن بدران، هوئي ڏيڍ پرون. پر سڀ کان مکيه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهه جا هن ڏني، سي هئا ڇهچ گهاٽا ڪارا وار جيڪي هٿن جي آڱرين جي پُٺ ڪان ڏونئين تائين ڳتيل هئا. هن جون ٻئي ٻانهون جيپ جي گول چڪر تي وڙهيل هيون، ۽ ان چڪر کي ڦيرائيندڙن تي آيون. انهن ٻانهن ۽ هٿن جو ماس بنهه نظر ڪونه ٿي آيو، رڳو ڪارا گهاٽا ۽ ڳتيل ڳنڍيون ڳنڍيون ٿيل وار ٿي نظر آيا. هن کي الائجي ڇو ننڍي هوندي کهيرين وٽ ڏٺل پولڙو ياد اچي ويو، جنهن جي ٻانهن تي ته وار هئا، پر جنهن جي آڱرين جي ٽٽين ۽ ڏوڏن تي به وارن جا مُڇا هئا. هن اجا انهن وارن بابت سوچيو پئي ته جيپ گهرڙاٽ ڪري، گاڏيءَ جي ٻاهيءَ کان لنگهي، ۽ گاڏي گهانچي ۾ لڙي پئي. هوءَ اچلجي وڃي گهانچي ۾ ڪري، ۽ هڪڙي ايڪي ڪاني، تلهي چيٽ وانگر، هن جي ڏوري ۾ گهڙي ويئي. سور کان هن جي دانهن نڪري ويئي، جيڪا هن گهٽوڻي گهٽڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر سندس ڇپڻ هن جو ساٿ نه ڏنو.

پوءِ جيڪي ٿيو، سو ايترو ترت ٿيو، جو هن کي انهن ڳالهين جو سلسلو اجا تائين ياد نٿي پيو. هڪڙي مڙسالي وڏي هن جي ٻانهن ۾ هٿ وڌو، ۽ هن کان وري ڪيڪ نڪري ويئي. هن کي اهو به ياد نه هو ته هن پهرين ڪيڪ ڪئي، يا مڙسالي پهرين هن جي ٻانهن ۾ هٿ وڌو هو. ها، هن کي هڪ ڳالهه هيئنر به ياد هئي ۽ ان ڳالهه هيئنر به هن جي دل ۾ هڪ عجيب ڏڪڻي وجهي ڇڏي. اها ڳالهه اها هئي ته اوچتو مڙسالي ڪئي هن کي ياڪر وڌو، ۽ هن کي هنج ۾ کڻي آڻي پاڻُوءَ جي پير ۾ لاٿو. ان ياڪر مهل هن جو بدن چاهي وانگر ڪوئنجي ويو هو، هن جي دل زور سان ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي هئي. هن کي نه سور به وسري ويو، ۽ هن چاهيو هو ته ڪنهن طرح ڦٽڙي ان ياڪر ۽ هنج مان نڪري وڃي:
ايئن جيئن ننڍي هوندي، پاڻُو ڳيريون جهلي هن کي هٿ ۾

ڏيندو هو، ۽ گهريون هن جي هٿن مان ڦٽڙي ڦٽڙي پڙڪو ڪائي اڏامي ويندڙيون هيون. جڏهن هن ڪيس پاڪر مان هيٺ لاٿو، تڏهن هن جي اجرڪ به مٽي تي ڪاڻ هئي. هن مڙسالي ڇا سوچيو هوندو ته هن زائفان کي ڪو حياءُ ئي ڪونه هو!
بوءِ جڏهن ٻاڏوءَ جي پير ۾ ويئي، تڏهن سور هوندي به، پنهنجي اجرڪ ٺيڪ ڪندي، هن ان مڙسالي کي ڏٺو هو: ڊگهو مڙس، وڏن شهپرن بدران هلڪيون مڇون، سنئون نڪ، سيٻتي پيشاني جنهن ۾ جاڙا پرون، ڪاريون پنوڙ اکيون، ويڪرا ويڪرا ڪلها، ڊگها ڪارا وار جيڪي پٺڪي لهڻ سان هوا ۾ پئي آڏاڻا، بدن تورو اڳيان جهڪيل، گهيريدار ڳري اڇي سٿڻ تي ڪارو پهراڻ، پيرن ۾ ڇهنب وارو گهيتلو، جهڙو مامو جيوڻ پائيندو هو. اهي سمورا تفصيل گهڙيءَ پل ۾ هنجي اکين ۾ اهي آيا. هن کي ثوري لچ اچي ويئي: پراون مڙسالن کي ايئن جانچيو آهي! هن پنهنجون نظرون هيٺ ڪري ڇڏيون. هن نان نظرون هٽيون ته هن کي پنهنجي پيڙا ياد اچي ويئي. سور کان سندس سڄي پانهن ڪيري تي پئي هئي. سور ڏوري ۾ ته ڏنئون ڏنئون ڪري رهيو پر سندس آڱرين جي پُڇڙين ۾ به چنڪڻ لڳو هو. بوءِ ائين ٿيو جو هو مڙسالو شاخ تان پاڻيءَ جو وٽو ڀري پاڻو ياروءَ وٽ آيو، تڏهن نه چاهيندي به هن ورِي ان مڙسالي کي ڏٺو. هن کي پانهن جو سور گهڙيءَ پل لاءِ وسري ويو. هن ائين سمجهيو ته هن جون اکيون مڙسالي جي اکين ۾ کڻ لاءِ اٽڪيون هيون: ان مهل هن جي دل زور سان ڌڙڪڻ لڳي هئي ۽ ان ڌڪ ڌڪ کان بچڻ لاءِ هن ورِي نظرون هيٺ ڪري ڇڏيون هيون!

هن ٻاڏوءَ کي پنهنجو نالو ”نورل“ ٻڌايو هو. الاڏي ڇو هن کي اهو نالو ڏاڍو وڻيو، ۽ هن سوچيو ته جنهن به ماڻهوءَ جو نالو نورل هوندو، سو ڏاڍو ڀلو مڙس هوندو. پوءِ نورل ڪاڏي ڪاهي، ڪين ميڙي تي وٺي آيو، ۽ جڏهن ڊاڪٽر هن

جي ڏوري مان ڊگهي چيٽ ڪڍڻ لاءِ قينچيءَ سان ڪلهي وٽان چولو ڪپي ڇڏيو. تڏهن هن پنهنجي ٻانهن ڏانهن نهاريو جيڪا سڄي رت ۾ ڳاڙهي ٿي ويئي هئي، ۽ رت ڪٿي ڪٿي ڄمي ويو هو. هري هري ڪري ڊاڪٽر ڪپهه سان رت صاف ڪري، ڏوري کي ٽيڻان هٿ ڏيئي، ڪاتيءَ جي ڊگهي چيٽ ڇڪي ڪڍي ورتي، تڏهن هن کان وري به سور کان ڪيڪ نڪرڻ لڳي هئي، پر ان وقت هن کي وري نورل جو چهرو اکين اڳيان اچي ويو، ۽ هن ڀانيو ڄڻ نورل چوندو هجي ته ”ڇري مهرو، اٺين ڪيڪون ڪبيون آهن! سور ته سهسائي ڇڏبا آهن!“ هن ڏند پيڙي، اٿندڙ ڪيڪ کي اتي گهٽي ڇڏيو. ڊاڪٽر هن جي منهن ڏانهن ڏسي چيو. ”مائي بابا، سور ته ڏاڍو ٿيو هوندو پر شڪر ڪر ته چيٽ اندر ڀڄي نه پئي، نه ته مرڳو گوشت ڪوهڙو پوي ها!“ ڊاڪٽر جڏهن هن کي پٽي ٻڌي ته هن جي سور جي ڌوڻ ڪجهه گهٽجي ويئي، ۽ هن پنهنجي اگهاڙي ٻانهن اجرڪ ۾ ويڙهي ڇڏي.

پوءِ نورل هن کي وڏيري جي لانديءَ وٽ آڻي، پاڻ گاڏيءَ مان لهي، اندر ويو. مائٽن جا هشام گڏ ٿي ويا، جن ڪڏهن اندر ٿي نهاريو، ڪڏهن هن جي رت هاڻن ڪپڙن ۽ پٽيون ٻڌل ڦٽن کي ٿي ڏٺو. اندوان نورل جو آواز ٻڌيو: ”وڏيرا، توکي شرم نٿو اچي جو اٺين راهه ويندن سان ڪوچرايون ڪندو وتين؟“

۽ پوءِ هن ٻيو پيرو وڏيري گلڻ خان کي ڏٺو هو. هو تڪڙو تڪڙو اندران لانديءَ مان نڪتو ۽ پنهنجي جيپ ڏانهن وڌيو. اندران ايندي وقت، پهرين شئي جيڪا مهروءَ ڏٺي هئي، سو هو پستول جي گولين جو پٽو جيڪو گلڻ خان جي ڪلهي ۾ پيو هو. گلڻ خان جو هڪڙو هٿ ٻئي جي هيٺان ڇمڙي اندر پيل پستول جي مٺان هو، جنهن جو لوهي ڳن پئي نظر آيو. ٻي شئي جنهن تي هن جي نظر پئي، سا هئي هن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀرائڻ جهڙي ڳلي ۾ سوني زنجير ۽ سونا ٻيڙا، جن مان ميٺيون ٻيڙو ڪليل هو، ۽ ڇاتيءَ جي وارن جو هڪڙو مڇڪو ڀرائڻ کان ٻاهر نڪتل ٿي پانيو. ان وقت الائي ڇو هن جي ذهن ۾ هڪڙو خيال ڪيئن اٿيو هو: ”مٺي ڪي وار ته ڪيترا آهن!“

۽ ٽمن شمي جا هن ڏني، سي هيون هن جون اکيون. انهن اکين مان هن جي منهن جو ڳهنڊ پڻي ٻڪيو. هن ڪڏهن به ٻڪهڙ ڪونه ڏٺو هو، پر هن سمجهيو ته ٻڪهڙ جون اکيون اهڙيون ٿي هونديون. انهن اکين ۾ هن کي ڪاوڙ سان گڏ ڪو ڏپ به نظر آيو هو: هيسيل هيسيل پر ڪاوڙيل اکيون. انهن اکين گهڙيءَ لاءِ گاڏيءَ ۾ ويٺلن تي هڪ نظر وڌي، ۽ پوءِ اهي اڳتي وڌي ويون. انهيءَ هڪڙي نهار ۾ الائي ڪهڙو نياپو هو جو مهروءَ جي ٻانهن ۾ وري سور جي سٽ اڀري آئي!

پوءِ نورل گاڏي ڪاهي ڪين ڳوٺ وٺي آيو. لوڙهي وٽ گاڏي بيهاري، هن ڀرين ڀاڻو ياروءَ کي لهڻ ۾ مدد ڪئي، ۽ پوءِ پاسو ڏيئي بيهي رهيو ته جيئن زائفائون لهن. هوءَ جڏهن پنهنجي ڀاڄائي صالحان سان گڏ اندر وڃڻ لاءِ اڳتي وڌي، ان وقت نورل چئي رهيو هو: ”ڀائو، ٽڪر پورڪائڻ جو هي وقت ڪونهي. حجاب ڪونهي پر هاڻ موڪلائي. اوهين ڇاق ٿيو ته وري ڦيرو ڪري ويندس!“

ان وقت مهروءَ پنهنجي اندران ڪي لفظ اٿندا محسوس ڪيا، ۽ هن وڏي سڏ چيو: ”ادي، انهيءَ کان ته مري وڃون ها ته چڱو. ڪو ڪانڌي ڪلهو ڏيڻ لاءِ ته ترسي ها!“ هن کي اڄ به پڪ نه هئي ته ڪو هن اهي لفظ چيا هئا. چيا به ڪيتن هونداٿين؟ پرائي مڙسالي ڇا ويچار ڪيو هوندو؟ پر پوءِ نورل ترسي پيو هو، ۽ ماني کائي پوءِ موڪلائي هليو ويو. جڏهن نورل ڀائوءَ سان گڏجي ماني کائي رهيو هو، تڏهن هوءَ چلهه وٽان هن ڏانهن ڏسندي رهي. ڀاڄايس چيس به ته ”امان مهرو، تون وڃي ليٽي پئو“، پر هوءَ اتي ئي ڀاڄائيءَ وٽ ويٺي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي. هن جون اکيون دانگيءَ تي پچندڙ مانيءَ کي ڏسنديون رهيون: ڪنهن وقت پاڇائيءَ جي هٿن ۾ اٽي جي ڇاڻيءَ کي گول ٿيندو ڏسندي ڏنائين، پر رکي رکي هن جون اکيون ڪٽ تي ويٺل پائوءَ ۽ نورل کي ڏسڻ تي لڳيون: ها، هن مڙساڻي اسان سان وڙ ڪيو هو، ۽ وڙ ڪندڙ مڙسالا پلا مڙس هوندا آهن. پر نورل ته رڳو پلو مڙس نه پر ٺاهوڪو جوان هو. اهو خيال اينديئي هن جي دل پنهنجو ڏڪ گسائي ويئي!

نورل ٻئي چوٿين ڏينهن پيرو ڪندو هو ۽ پاروءَ سان گهڙي ساعت رهاڻ ڪري هليو ويندو هو. هڪڙو ٻه پيرو پاروءَ زور ڪري کيس ماني کائڻ قبول ڪرايو هو. الائي ڇو مهروءَ کي ڪنهن ڪنهن صبح جو اٿڻ مهل پڪ ٿيندي هئي ته اڄ نورل ضرور ايندو. جيسين هو نه ايندو هو، تيسين هن جي ڪنهن به ڪم ۾ دل نه لڳندي هئي، ڪا ڳالهه نه هوندي به هوءَ پاڇائيءَ سان ڳالهيون ڪندي هئي. پورين جون ڳالهيون، ڪنڊين جون ڳالهيون؛ ٻري ٻڪريءَ جون ڳالهيون، جنهن جو ڇيلڙو ماءُ کي ڏاڻ وقت ايئن ڇڪڙون ڏيندو هو ڇڻ ته ماڻس جا ٿڻ ئي کائڻ تو گهري، لوڙهي تي ويهندڙ پکين جون ڳالهيون، وڻين جي ويندڙ ولرن جون ڳالهيون، ۽ اهڙيون ڳالهيون جن جو نه منهن هوندو نه مهاڙ! ۽ جڏهن نورل ايندو هو، ۽ پئو آڳند ۾ کٽ تي فراسي وڇائيندو هو، تڏهن هوءَ چپ ٿي ويندي هئي، هن جون ڳالهيون اوچتو بند ٿي ويندڙيون هيون. هن کي ڪا ڳالهه سجهندي ئي ڪانه هئي جا ڪري. البت هن جي دل چوندي هئي ته نورل جون ڳالهيون ڪري، ميڙي جون ڳالهيون ڪري، ڍڳي گاڏيءَ ۾ ان سفر جون ڳالهيون ڪري، جنهن هن جي ٻانهن کي ڦٽي وڌو هو. هن چاهيو ٿي ته هوءَ ان چيت جون ڳالهيون ڪري جيڪا هن جي ڏوري ۾ گهڙي پئي هئي، پٽڪي جي ان ليڙ جون ڳالهيون ڪري، جيڪا نورل پٽڪو ڦاڙي هن جي ٻانهن ۾

چڪي ٻڌي هئي، ۽ وڏي ڳالهه ته ان پاڪر جون ڳالهيون ڪري، جنهن پاڪر ۾ پيري نورل هن کي هنج ۾ کڻي پاڻوءَ جي پير ۾ ويهاريو هو، پر هوءَ اهي ڳالهيون نه ڪندي هئي. ڇلهه وٺ ويهي، پرندڙ ڪانين ۾ نهاريندي هئي ۽ ڪيڏي ڪيڏي مهل نورل ۽ ياروءَ کي اوچتي نظر سان ڏسندي هئي. اکيون ته ڪي ڏاڍيون نامراد هيون: هرويرو ذري ذري اوچتي نظر سان نورل کي ڏسڻ تي لڳيون، ۽ هر نظر ڪانپوءِ هوءَ حجاب ۽ حياءَ کان سڄي ڳاڙهي ٿي ويندي هئي. هن کي ائين پاسندو هو ته ڄڻ هن جي مٿي تان ڪسڪي لهي ويئي آهي. گندي مٿي تي هوندي به، هوءَ ان جي پلئه کي ڇڪي سولو ڪري پائيندي هئي.

هڪڙي ڏينهن صبح لاڪون هن جي دل تي چيو ته نورل ايندو، پر يارو گيهه جا دٻا هٽ تي پهچائڻ لاءِ فجر جو ڏيکي گاڏي جوٽي نڪتو هو، ۽ چئي ويو ته ڏينهن ناري پوءِ واپس ايندس. يارو نه هوندو ته نورل ٻاهران ئي هليو ويندو. هن جي دل چيو ته پاڻو اڄ شهر نه وڃي ها ته چڱو! ڏينهن چڱو مٿي چڙهي آيو هو. هوءَ مال لاءِ ڪتر ڪرڻ لاءِ ويهي رهي. جوئر جي ڪانن کي ڪتر ڪندي، هن جون اکيون گهڙيءَ گهڙيءَ لوڙهي جي لوگهي ڏانهن کڄي ٿي ويون. اوچتو سڏ ٿيو: ”يار محمد، او پاڻو يار محمد!“

هن جو هٿ بيهي رهيو. هن جي دل به بيهي رهي. هن جون سوچون به بيهي رهيون. هوءَ بنا ارادي آئي، لوڙهي جي لوگهي وٽ آئي. سامهون رکو نورل جا ڪلها ۽ منهن پئي نظر آيو. الائجي ڇو هن جي دل چوڻ لڳي ته هوءَ ان منهن تي هٿ لائي ڏسي، پٽڪي جي پنيان لڪل وارن ۾ آڱريون گهمائي ڏسي، ائين جيئن پاڇايس ياروءَ جي وارن ۾ آڱريون گهمائيندي هئي. اهو خيال ايندي ئي هن کي لڄ اچي ويئي. ...اون مڙسالن لاءِ ڪو ائين سوچيو آهي! اوچتو وري سڏ ٿيو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”يار محمد، او يار محمد!“

”پاڙو ته شهر ويو آهي ..“ هن جي وات مان اڪرئي نه پيا آکلن. ان مهل هن جون اکيون نورل جي اکين سان چار ٿيون. هن اُٿين پانيو ڇڻ نورل جي اکين هن جي اکين ۾ ڏاڍوڻ وجهي ڇڏيا. هن پنهنجي اکين کي ڀري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي به، پر اکين جو اهو اتڪاءُ نه ٽٽو، پوءِ هن پانيو ته نورل جي اکين مرڪي ڏنو. اکيون اٿين مرڪنديون به آهن ڇا؟ ان مرڪ هئي وڃي هند ڪيو: هن اٿين پانيو ته هن جي دل اَڄ ڪان ماندي پئي ٿي ۽ پوءِ هن نورل کي چوندي ٻڌو: ”نهيو، آءٌ به شهر ٿي ويس. سوچيم ته يار محمد کي ساڻ وٺي ويندس. اڄي ته ڇئجوس نورل آيو هو....“ ايئن چئي نورل پٺ ورائي.

هن جي اکين پوءِ به پنهنجي راهه نه ڇڏي، هوءَ ويندڙ نورل کي ڏسندي رهي. هن جي دل چيو ته سڏ ڪري چوي، ”نورل، گهڙي ته ترسين ها!“

پريان پاڇايس جو آواز آيو: ”ڪير هو؟“

”نورل هو: پاڙوءَ لاءِ آيو هو....“ اٿين چئي، هوءَ اندر هلي آئي، ۽ گهڙي مان پاڻي جي چلن پري ڏوڪ ڏوڪ ڪري پي ويئي. پر اَڄ نه لٿيس، بي چلن پيتائين، تڏهن به اڄ نه لٿيس. هيءَ ڪهڙي اَڄ هئي جا پاڻيءَ سان لهڻ جي نه هئي، هن سوچيو. اگي ته ڪڏهن به اهڙي اَڄ نه لڳي هيس. هن خالي نظرن سان چلن ۾ نهاريو: چلن جي تري ۾ پاڻيءَ مان نورل جون اکيون هن ۾ گهوري رهيون هيون. انهن اکين ۾ به مرڪ هئي. هن جهٽ ۾ چلن رکي ڇڏي. موٽي اچي ڪتر ڪرڻ ويهي رهي. آس جي ڪرئي، ڪهاڙيءَ ۾ ليئو پاتو: هن کي ڪهاڙيءَ مان به اکيون ڪيس گهورينديون نظر آيون. ”موڪلس، مون کي ٿيو ڇاهي؟“ هن پنهنجي ڪنڌ کي جهٽڪو ڏيئي، انهن اکين کي وڃائڻ گهريو: ناڪام ٿي، هن ڪهاڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکي ڇڏي! اهو سڄو ڏينهن نورل جون اکيون مرڪنديون هن ڏانهن گهورينديون رهيون. پاڇاپس جي گج جي ٽڪن مان به اهي اکيون گهور پائي کيس ڏسنديون رهيون. ڇلهه جي ٽانڊاڻن ۾ به اهي اکيون ڪينوڻ تي لڳيون. رات جو جڏهن هند تي ليٽي، ۽ اکيون پوريائين ته پنبڻين جي پويان اهي اکيون اندر هلي آيون. هن اکيون کولي ڇڏيون، ۽ پوءِ هن کي الائي ڪيڏي مهل ننڊ اچي ويئي!

صبح جو پاڇائي ۾ گوٺ جي ڇٽن پنجن ماڻن سان گڏجي، هوءَ ڊوري تان پاڻي ڀرڻ لاءِ نڪتي، تڏهن به اهي اکيون هن سان گڏ پٺي هليون. هونئن جا هوءَ پاڻي ڀرڻ تي دنيا جهان جون ڳالهيون ڪندي هئي، تنهن کي اڄ ماٺ ڏسي، خود پاڇاپس حيران هئي. ساڻن سان هڪڙي ڇٺي به ٽنس: "اڙي اماڻ مهرو، ڪهڙا ڀُور پٺي پڇائين جو ماٺ تي وِئي آهين؟"

"ڪجهه ڪونهي ماسي، رڳو مٿي ۾ ٿورو سور اٿم."

هن کي مٿي ۾ بلڪل سور ڪونه هو: سڄي رات جاڳندي هن نورل جي اکين سان ويڙهه ڪاڍي هئي، پر تڏهن به هوءَ تازي تواني هئي، پر الائي ڇو اکر نه پئي اڪليس. پانئي ته ماٺ ماٺ ۾ انهن اکين کي ڏسندي رهان.

پاڻي ڀري، هن سينهوڙي ناهي مٿي تي رکي. پاڇاپس ۾ هڪڙي ٻي مائيءَ، هٿ وجهائي، گهڙو سندس مٿي تي رکيو. ٻيو گهڙو هن چيلهه تي کنيو. هو اڃا ڊوري کان ٻاهر نڪري، پيچري تي آيون ته هڪ پٺي پٺيان بندوق جا ٻه فائر ٿيا. ٻئي لاڳيتا نڪاءِ هنن جي ايڏو ويجهو هئا، جو هنن جا حواس خطا ٿي ويا. مهروءَ جيئن فائر جي آواز ڏانهن ڪنڌ لاڙيو ته مٿي وارو گهڙو سنڀالي نه سگهي، ۽ هن جي ڪلهي تان ترڪندو، ٻويان ڪريو ۽ پرزا پرزا ٿي ويو. هڪ ٻن ٻين ماڻن جا گهڙا به ڪري ڀور ڀور ٿي ويا. مهروءَ جي ٻويان ڪرندڙ

گهڙي جي ڦينگن هن جي سڙڻ پسائي ڇڏي.

”اٺي گهوڙا، منيس....!“ هن جي وات مان اکر پائمرادو نڪري ويا.

پريان گهوڙن جي ٽاپڙ ٽاپڙ ويجهو پوندي ويئي. زالن جو دپ کان ساهه سڪندو ويو. هڪڙي مائيءَ چيو:

”چوريون، هڪڙي پاسي ٿي بيهو. متا ڪي شڪاري ٽا ڏسجن. پل ته لنگهي وڃن....“

”پر ماسي، هي ته پنهنجو پٽ آهي: مت اوڦتو شڪاري ڪيئن.... ڏٺي منهجا تون رحم ڪج....“ پاڇانس چيو.

پاڇايس ڳالهه ڪري بس ڪئي ته ٻن گهوڙيسوارن بوڙن مان ڦاٽ ڪاڏو. ٻنهي جي هٿن ۾ بندوقون هيون. هني ۾ حلال ٽيل ٽر پئي لڙڪيا. گهوڙيسوارن زالڻن کي ڏٺو ته لغامن کي چڪي، گهوڙن کي بيهاري ڇڏيائون. گهوڙن جو هانبارو پئي لڳو. اوچتو لغام ڇڪجڻ تي ٻنهي گهوڙن ڪان دبا نڪري ويون. گهوڙيسوارن مان هڪڙو جـوان مڙس هو، ٻ ٻيو وچين عمر جو. جوان مڙس کي بوسڪيءَ جا ڪپڙا پيل هئا، ۽ سندس ٻهراڻ ۾ سونا بيڙا، زنجير سوڌا، نظر پئي آيا. متي تي پٽڪو به بوسڪيءَ جو هوس. وچولي عمر جي همراهه کي اڇا هرڪ جا ڪپڙا هئا ۽ متي تـي اجـرڪ جو پٽڪو ائين پڌل هو جيئن مگهمار پڌندا آهن.

مهروءَ جوان مڙس کي پهرينءَ سٽ سڃاڻي ورتو: هيءُ مئو ته اهو ساڳيو جيپ وارو وڏيرو هو! هن جي ٻانهن جا گهنديدار ڇهچ ڪارا وار ڏسي هن کي هينئين ۾ هيڏڪ پئجي ويو. وڏيري پين ماين تي سرسري نظر وڌي، ۽ سندس اکيون مهروءَ ۾ کپي ويون. مهروءَ ائين پانيو ڄڻ ته اهي اکيون هن جي آرپار متي پئي وڃون. هن ائين پانيو ڄڻ ته هوءَ اگهاڙي ٿـي پئي هئي: اهو خيال ايندي ئي هـن پنهنجي گندي ڇڪي ڪلهن تي ورائي، ڇاتيءَ کي ڍڪي ڇڏيو. هن کي انهن اکيـ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان ڏاڍو ڊپ ٿيڻ لڳو. انهن اکين جون نظرون سڻيءَ وانگر هن کي وڍينديون سوراخ ڪنديون، ايذائينديون ويون. انهن اکين کان بچڻ لاءِ، پنهنجن پيرن ۾ پُسيل جتيءَ جي تنئون نهارڻ لڳي.

”ابا، ڏاڍا ڪي اشراف ٿا ڏسجو، جو ائين نياڻين جي رستي روڪ ڪري بيهي رهيا آهيو.“ ھڪڙي مائيءَ کان رهيو نه ٿيو، ۽ چٽي ڏنائين.

”رستي روڪ اوهان ڪئي آهي يا اسان؟ هتي پري ٿيو ته اسين متي وڃون....“ جوان مڙس مهروءَ مان نظرون ڪيڏندي، مائيءَ کي گهوري ڏنو.

”ابا، الله کان ڊڄ؛ رستي روڪ اوهان ڪئي، ڪين اسان.... اسين ته پنهنجو رستو وٺيو پئي آيون سون، جو اوهان فئر ڪندي اچي دڳ جهليو....“

وچولي عمر جي مڙسالي گهوڙو اڳتي آڻيندي چيو:
”نهيو بابا نهيو: ڪهڙي ڳوٺ جون آهيو؟“
”پنوهرن جو ڳوٺ.... او، هُو پريان پيو ڏسجي....“
”جڙئي پنوهر جو ڳوٺ ٿيون چئو نه؟ پنوهر ته اسان جا پنهنجا آهن. رئيس، هلو ته هلون: مرڳو مايون اهو نه چون ته اسان متن فائر ڪيا هئا!“

پنهي گهوڙيسوارن، گهوڙن کي موڙايو، ۽ وري پوڙن مان ٿيندا، غائب ٿي ويا. مايون سراپجي بيٺيون رهيون. ههڙي ڪار هنن سان ڪڏهن نه ٿي هئي، ۽ نه ئي هنن کي ڪو خواب خيال هو ته ائين به ٿي سگهيو ٿي. هن پٽ ۾ ههڙي هوڙهيائيءَ جو تصور به هنن لاءِ ممڪن نه هو. نياڻيون سياڻيون جهنگن کان پاڻيءَ جا مٽ ڀيلهه ڪري ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ اينديون وينديون ٿي رهيون: ڪنهن ٻنهه لنب يا لچ کي به انهن نياڻين کي ستائڻ جو ڪڏهن ڪر خيال نه آيو هو. هي ڪهڙو زمانو آيو هو، جو ڏينهن ڏٺي جو، وڏيرا ديناداستي نياڻين کي ڊيڄارين

۽ رستي روڪ ڪن!

مهروءَ ڪنهن سان به اها ڳالهه نه ڪئي ته ڪو هن ان جوان مڙس ڪـي سڃاتو هو. نڪي ياچايس ٿي ڪا ڳالهه ڪئي، ٻنهي ڪي اهو ڊپ هو تـه جيڪڏهن هن ڳالهه ڪئي نه ڪئي پڪ جهيڙو ٿيندو، ڪهاڙيون ۽ بندوقـون کڙڪنديون، ڳچ ڳرندا، مسبن جو لابارو لهندو، ۽ پوليس جا گهوڙا گهرن ۾ ڪاهي پوندا. ڊپ مهروءَ جي لنو لنو ۾ هُرڪڻ لڳو. آٿي ويٺي، هن کي ائين ڀاسندو هو ڄڻ ڪو گهوڙيسوار لوڙهو ٽپي هن کي ڪڻ لاءِ اچي پهتو هو، ٿوري کڙڪي يا نڪاءَ تي هن جي دل دهلجي ٿي ويئي. هن کي هر وقت ڪي اکيون پنهنجي جسم ۾ سوراخ ڪنديون، ٽنبجنديون ٿـي محسوس ٿيون. هن ڪوشش ڪئي ته هوءَ اندر ئي اندر نورل جون اکيون ڏسي، پر نورل جون اکيون ڄڻ وڏيري جي اکين کان ڊڄي پوئتي هٽي ٿـي ويون، ۽ آنهن نين اکين کان بچڻ لاءِ هـو پنهنجي جنتيءَ جي ٽنئورن کي ڏسڻ ٿي لڳي! وڏي ڳالهه تـه هن کي خواب ڏيڇارڻ لڳا هئا. هڪڙي خواب ۾ هڪڙو بگهڙ پنهنجي رتايل اکين سان هن کي گهوريندو هو، ۽ هوءَ ان جـي خوف کان پيلهه گهڙن سان، ڍوري جي ڏگ تـان ڊڪ پائي، پاڻ بچائڻ لاءِ، ٻوڙن ۾ لڪي ويندي هئي. اوچتو هن کي پنهنجي پويان ڪنهن جي ساهه جي هانباري جو آواز پڌڻ ۾ ايندو هو. پويان نهارڻ تـي ڏسندي هئي تـه اهي ئي بگهڙ جون اکيون هن کي گهوريندڙيون نظر اينديون هيون. هوءَ گهڙا اتي ئي ڇڏي وري ڀڄڻ لڳندي هئي. ان وقت تمام پري کان هوءَ ڏسندي هئي ته نورل هن کي هنج ۾ لڪائڻ لاءِ ٻانهون کوليندو هو، پـر بگهڙ هن جي ڪڍ لڳو ايندو هو، ۽ پوءِ هوءَ وري پاڻ کي ڍوري جي ڏگ تي ڏسندي هئي. نورل الائي ڪيڏانهن گم ٿي ويندو هو، ۽ هوءَ اڪيلي، پيلهه گهڙن سان، بگهڙ جي اکين ۾ نهارڻ کان بچڻ لاءِ جنتي جي ٽنئورن ۾ نهارڻ لڳندي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنيءَ جا ڳاڙها ڪارا ٽنئور هن جي اکين ۾ ائين ٽنبجي ويندا هئا جو بگهڙ جون اکيون ٻه انهن ٽنئورن جي ڳاڙهي ڪنارن ۾ گم ٿي ونديون هيون؛ ۽ هوءَ ڇرڪ ڀري آٿي ويهندي هئي!

ٻنج ڇهه ڏينهن گذريا ته هڪڙي مائي، اجرڪ جي ڪڇ ۾، موسيءَ جي ستن، ۽ ٺونٺ تائين عاج جي چوڙ پاتل، ٻڍڙهي اندر هلي آئي. اچان لوڳهي وٽ هئي ته سڏ ڪري چيائين: ”اٽي امان، ڪو ڪتو ته ڪونهي؟“

مهرو ته هر ڪنڊڪي تي ڇرڪ ڀرڻ لڳي هئي، تنهن جو اهو آواز ٻڌو ته هٿ ۾ پاڻيءَ جي چلڪ هيس، اها ڇڏائنجي ٽيس ۽ هيٺ ڪري پور پور ٿي ويئي. هوءَ اتي ئي نمي ٺڪريون ميڙڻ لڳي. تيسين مائي ٻه لنگهي آئي. پاڇايس وڏي ڪيڪارس: ”امان، ڀلي ڪري آئين.“

”اٽي امان؛ ڀلايون هجنئي! مٿن ڪٿن ڪان ڏاڍي ٿي ڏچان؟...“

مائي اجرڪ لاهي ڪٽيءَ تي رکي، ۽ پاڻ ٻه نهي جهڙي، کٽ تي ويهي رهي. ٺڪريون ميڙيندي، هن مائيءَ ڏانهن ڏٺو: موٽ ڪاٺل عمر، ڳاهسرو ڪارڙو رنگ، سينڌ ۾ ٻنهي پاسن ڪان اڇن وارن جون لٽون، جن جي وچان نٿ جو ڳاڙهي سٽ جو ڏاڻ چڪيل، اکين ۾ ڪجل ايترو جو اکين ڪان ٻاهر نڪري آيو هوس، ويڪرو ويڪرو منهن، ويڪرو موڪرو نڪ جنهن ۾ هڪڙي لال ۽ ٻن اڇن شيلاني موتين واري جهانءِ سان وڏي نٿ، تلها ڀريل ٻر لڙڪيل ڳل، هڪڙي ڳل تي اک جي هيٺان وڏو ڪارو مسو، ڇپن ۽ ڏندن ۾ مسي ايتري لڳل هئس جو ڳاڙهاڻ بدران ڇپ ناسي رنگ جا ٿي نظر آيا، ڪنن ۾ چانديءَ جا ڳرا پنڙا، جن جي ڪري ڪن لڙڪي پيا هئس. ٻنهي ٻانهن ۾ ٺونٺ تائين ٻانهين، ڳاڙهي گج تي ساوا ۽ ڪارا ٽنئور، ٻانڊڻي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊگهي گُندي؛ ڳاڙهي سوسيءَ جي سٿڻ، پيرن ۾ ٽـن ٽنٿورن واري جتي— ٻن ڳاڙهن ٽنٿورن جي وچ ۾ هڪڙو ڪارو ٽنٿور: مٿان وري وڏي ڦليءَ واري لاڪائين اجرڪ! جيڏي مهل مهروءَ هن مائيءَ جو جائزو پئي ورتو، اوڏيءَ مهل هن مائيءَ جي نظر به هن ۾ هئي، جيتوڻيڪ ڳالهايائين پاڇايس سان پئي. مائيءَ جي اکين ۾ ڪا اهڙي ڪيفيت هئي، جا مهروءَ کي سمجهه ۾ نه آئي، پر جيڪا نهار هن کي چئي رهي هئي ته مون توکي سڃاڻي ورتو آهي.

ڪيڪار ڪان پوءِ، مائيءَ مهروءَ ڏانهن منهن ڪري چيو،

”اڙي امڙ، پاڻيءَ چڪو ته پيارينم....!“

مهرو چپ چاپ پاڻي جو وٽو ڀري آڻي مائيءَ کي ڏنو. مائي هڪڙي هٿ ۾ وٽـو جهليو، ۽ ٻئي هٿ سـان پنهنجي نٿ کي مٿي جهليندي، پنهنجي چپن تائين آندو، پر وٽي جي مٿان هن جون ڪجل سان ڪاريون اکيون هن کي گهورينديون رهيون.

ڄـاڻ سڃاڻ لاءِ پـاڇايس ڳالهه ڇوري. پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي چيائين: ”هيءَ منهنجي نٿاڻ آهي، مهرو.“

”اڙي امڙ.... ها سو ڳالهه ٿي ڪيم تـه آءٌ هوندن تـه گهران نڪران ئي ڪونه.... مٿو ڪوڏن جو سور هلڻ ئي نٿو ڏئي، پر رئيس گهرام خان جي وڏي گهر واري اصل وهڻ ئي نه ڏي— چئي ته اڄ جو اڄ پنوهرن جي ڳوٺ سڏ ڏئي اچ... بادشاهه پير جي ڪٽنبي ڪٺي اٿس.... سمورن راڄن کي ڪوٺ ڏني اٿئون. اسانجا مرشد سائين پنهنجي پاڪن سوڏا ٿا اچن... سو رئيسن چوائي مُڪو ته سڀني راڄن جي نيائين کي سڏ ڏجهه ته ست ختما پورا ٿين.... سو امان، آءٌ اوهان وٽ لنگهي آئي آهيان... ڀيو مڙئي خير“

”مامي، رئيس گهرام خان وارن سان ته اسانجي برابري، نه شراڪت، نه ڪا اچڻ وڃڻ جي وات....“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ٻاچاڻس اڃان ڪجھ وڌيڪ چوڻ واري هئي، پر مائيءَ سندس ڳالھ اڌ ۾ ڪٽي چيو: ”اڙي امان، هيءَ ڪوٽ ڪا رئيس ڀارن ٺوروئي آهي، ڪوٽ تہ بادشاھ پير جي آهي.... ڀاڪن موڪلي آهي....“

”پر ماسي، اهي فيصلا تہ ڀاءُ برادر وارا ڪندا آهن تہ ڪٿي اڇجي، ڪٿي وڃجي.... ها، جيڪڏهن رئيسن ماسي جيوڻ کي سڏ ڏنو آهي، ۽ مڙسالن ها ڪئي تہ پوءِ اسين اکين سين انڌيون سين....“ ٻاچاڻس نيٺ پنهنجي ڳالھ پوري ڪئي.

”هائو امڙ، هائو.... هيءَ ڪوٽ سکري آهي....رئيس جو وڏو ڪمدار پاڻ چاڻ ڪي آيو، اوهان جي مڙسالن کي بہ ڪوٽ ملندي ... ڀاڙو نبين کي بہ پيارو.... رئيسن جي ڀاڙي ۾ ويٺا آهيو.... چڱو ڀلا، امان آءٌ هلان ٿي....“ ائين چئي مائي پنهنجي اجرڪ ۾ هٿ وڌو، ۽ اٽڻ لاءِ سنبرڻ لڳي.

”پر ماسي، ٽڪر ڀور تہ ڪائي وڃين ها....“ ٻاچاڻس وات ڏڪائي ڪئي.

مائي وري سهي سنبري کٽ تي ويهي رهي ۽ چيائين ”اڙي امڙ، تون سڪ مان زور پئي ڀرين، سو نهڪر ڪانہ ڪندس!“

مهرو مائيءَ جي ان اوچتي بدلجڻ تي حيرت ۾ پئجي ويئي، ٻاچاڻس بہ وسامجي ويئي، پر لڪا ڪانہ ڏنائين ۽ چيائين ”مهرو، تون ماسيءَ وٽ ويھ تہ آءٌ جهٽ ڪري ماني ٺاهي ٿي وٺان....“

ٻاچاڻس ائين چئي، وڃي چلھ کي لڳي. مهروءَ کي سمجھ ۾ نہ پئي آيو تہ هن مائيءَ سان ڪهڙيون ڳالهيون ڪري، پر مائيءَ پاڻ آهستي سرهاڻ ڪندي چيو: ”اڙي امان، ڀلا تو کي ڪٿي مڱايو بہ اٿن، ڪين نہ؟“

مهروءَ رڳو ڪنڌ ڌوڻي نهڪر ڪئي. حياءَ کان سندس سڄي ڳاڙهي ٿي ويئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مائي گهڙيءَ لاءِ هن جي منهن ۾ نهاريندي رهي، پوءِ ڪ تي آڪر رڪندي چيائين: ”چوري، تو جهڙي سدا ملوڪ موملَ کي تہ راڻين وانگر راڄ ڪرڻ کپي.... هن لوڙهن ۾ لانڍين ۾ ڇا رکيو آهي.... مون سان هل تہ اهڙا شيل ڪرايانءِ جو مائٽ وسري ويندءِ.... آءٌ تو ڪارڻ پنڌ ڪري آئي آهيان. رئيس گلڻ خان جڏهن کان توکي ڏٺو آهي، تڏهن کان چٽ، چريو ٿي پيو اٿس.... نہ آٿندي آرام، نہ وهندي سک.... اصل سک ڦٽي پيو اٿس.... کيس پاڻهن جي ڪا کوٽ ڪانهي.... هينئر بہ سوني ڪنيارڻ کي وهاريو ويٺو آهي، جنهن جي انگ انگ ۾ اهڙي سونهن آهي، جو هلي ٿي تہ ڌرتي ٿي ڏُبي.... پر توکي ڏٺو اٿس تہ منهنجو ويهڻ وهڻ ڪري ڇڏيو اٿس.... ماسي، اها پاڻهن نہ ملي، تہ آءٌ زهر کائي مرندس.... چيمس: صدقي وڃان، مون کان ڪيڏانهن ويندي، آسمان جي ڪا حور هوندي تہ بہ ڪاڻ ڪري آڻي تنهنجي سيڄ تي نہ وهاريانس تہ هيءَ منهنجي ميندِ، هي تون....“

مهرو اهو سڀ سرڀات ٻڌندي رهي. هن اهڙيون ڳالهيون ڪڏهن نہ ٻڌيون هيون، ۽ نہ اهڙين ماڻين سان ڪو واسطو پيو هوس. هن رڳو اهو ٻڌو هو تہ ڪي رنون ڏوتيون ۽ ڪٽڻيون ٿينديون آهن. ڪنهن ڏوتيءَ ۽ ڪٽڻ رن سان هن جو بہ واسطو پوندو، ان جو هن تصور بہ نہ ڪيو هو. هن پانيو تہ هن جي من اندر ڪو مچ ٻري پيو هو، جنهن ۾ ڪاوڙ ۽ چڙ سان گڏ ٻيچان جا آڙاهہ پئي ٻريا. هن جا لفظ هن جي اندر ۾ ڪنهن شئي کي ڪتر ڪري، وڍي ڪپي رهيا هئا ۽ ان مچ ۾ آڙاهہ کي وڌيڪ مچائي رهيا هئا. الائي ڇو، هن جون اکيون پوسرڻ لڳيون. هن جون مُنهون پيڙجنديون ڏيون. هن جي سموري بُت ۾ سُيون سُيون لڳڻ لڳيون. هن جا چپ ٿڙڪڻ لڳا ۽ هن ڪجهہ چوڻ ٿي چاهيو، پر مائي هن کي گهوريندي چوڻ لڳي: ”صدقي وڃانءِ، منهنجي رئيس سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ياري رکنديون ۽ نه سچو سون ۾ ڳاڙهو ڪري ڇڏيندءِ. راڻين وانگر راڄ ڪنديئن: اڳيان پويان سون جهڙيون ٻانهيون ۽ گوليون پيون ڦرنديون.... انگل ڪنديئن نه شهر ۾ نئون بنگلو به وٺي ڏيندءِ....“

هن ڪان وڌيڪ ٻڌو نه. تيو. ڪنن ۾ تاڙيون ۽ اکين اڳيان آنڌ اچي ويس ۽ هن جي دل چاهيو ته ٻاڪو ڦاڙي، ٻرڙاٽ ڪري روئي، ۽ پوءِ هن رن ڪي ڇنڊڻ ڪان جهلي لوڙهي ڪان ٻاهر ڪڍي ڇڏي. هن جو سڄو بدن رڦڻ لڳو ۽ هن منيون پيڙي، ڇپن ۾ چيو: ”رن ڪتي!“

پوءِ هوءِ اتان آئي، تڙندي ٿابڙندي اندرين ڪوٺيءِ ۾ هلي وئي، ۽ هيٺ وڇايل تنئوريءَ تي گوڏن ۾ منهن وجهي ويهي رهي. وڏا وڏا ساهه کڻي، پنهنجي اندر جي مچ کي اجهائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.

ڪجهڙي ساعت ڪان پوءِ ٻاچايس اندر آئي، پر هن گوڏن مان منهن مٿي نه ڪيو. ٻاچايس وڌي، سندس مٿي تي هٿ رکيو ته هن منهن مٿي ڪيو. هن کي خبر نه، هٿي پر لڙڪ سندس اکين مان لڙي هن جي چولي کي پسائي ويا هئا. ٻاچايس ڇڻ ورچجي پڇيو: ”پر ٻه تيو ڇا؟ هن ماڻيءَ توکي ڇا چيو؟ تو هن کي ڇا چيو؟“

هن نمائين اکين سان پنهنجي ٻاچائيءَ کي ڏٺو. اکين جي ڏنڊ ۾ ٻاچايس جي منهن تي جيڪي ريکائون ڏنائين، تن کي ڏسي رکو هن ايترو چيو: ”جيجان، هن رن ڏاڍيون ڪينيون ڳالهيون تي ڪيون، سو مون چيومانس: ”رن ڪتي!“

ٻاچايس جي اکين ۾ ڪا سمجهه موٽي آئي ۽ ان سمجهه سان گڏ هڪ نئون اعتماد، ۽ هن لاءِ ٻاٻوهه موٽي آيو، ۽ هن چيو: ”آءٌ ٻه چوان، ته رن ائين تڙ تڪڙ ۾، اجرڪ ويڙهي، لوهه پائي ڇو وٺي ڀڳي؟.... هاڻ آءٌ، هت ڪاڙهي ۾ تـ. ساهه تو منجهي. بادشاهه پير شـل ڇڻـٽ ڪري هنن ناٽنڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاڏين ڏوتين ڪي....!“....

چئونري ڪر سان پرجي ويئي، ۽ هـن جي خيالن جو سلسلو به ٽٽي پيو. ورري وڏيري گهرام جا اهي اکر هن جي ڪنن ۾ وڄڻ لڳا: ”تيرهن تاريخ مون ڪي اوهان جي قبوليت نه پهتي ته پوءِ مون تي ميار نه رکجو: ٻانهن آءٌ زوريءَ ڪٽي ويندس!“ لفظ ياد ايندي ئي هن ڪي نئين سر بدن ۾ رڙهي پئجي ويئي. اوڏي مهل ٻري ٻکري هڪڙي لت چئونري ڪـي هٽي ڪڍي ۽ چئونري اونڌي ٿي پئي. اڇو اڇو ڪير پٽ تي ڦهلجي ويو، ۽ هوءَ ڪجهه دير ان اڇي اڇي هاريل ڪير کي گهوريندي رهي! ❋

چوڏهينءَ جي چانڊاڻ سنڌ جي آسمان تي ائين ڪِڙندي آهي، جيئن ڪنهن نئين سهاڳڻ جي منهن ۾ حياء ۽ حجاب جو رنگ، پر اڄ ته چوڏهينءَ جو چنڊ ائين ڪارانيل هو، ڄڻ ڪنهن ڏهاڳڻ جو ورلاپ، آس پاس ويٺلن جي دلين ۾ درد جو دونهون ٻڌجي ويو هو. مهروءَ جون اکيون ڏري ڏري چنڊ ڏانهن کڄي ٿي ويون: هن جي دل ٿي چاهيو ته ڪي ڪارا ڪڪر ڪارونيار ڪان اچي چنڊ کي ڍڪي ڇڏين، جيئن هن جو چونڊرو اونڌ... جي تابوت ۾ بند ٿي وڃي. اڄ چنڊ هن جو دشمن هو، هن جي ... جو دشمن هو، هن جي چونڊري جو ويري هو، هن جي ڳوٺ ... ري. اوچتو ڪنڌيءَ رنپ ڪئي، ۽ هن ڪان هڪ ٻ... ڪ... ويو. هن جو سڄو بدن رڦڻ لڳو. سخت ڪاڙهو هوندي ب...، هن جي جسم ۾ اجهل سيءَ جون ميخون چيڀنديون ويون. هن جي دل مان ڀاراتو نڪري ويو: "مٺي ناس ٿي! اڄ رات ته چپ رهه!"

هوءَ ڏڪندي ڏڪندي اٿي، ۽ گهڙامنجيءَ تان دِلي کي ليٿائي، پاڻيءَ جي ڇِل پريائين، ۽ پنهنجي سڪل ٺوٺ چپن تائين آندائين. هن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ ڇِل جي ٺڪر ۽ هن جي چپن ۾ ڪو فرق نه هو، پاڻي هن جي چپن کي آلو ڪرڻ بدران وڌيڪ اُجائيندو ويو. هن جي تارونءَ ۾ چيندڙ ڪنبا، وڌيڪ آلا ٿي، هن جي نڙيءَ کي وڌيڪ لهسائڻ لڳا. هٿ جي ڏڪڻ جي ڪري، ڇل جي ٺڪري هن جي ڏندن سان لڳي، اهڙي ڪڙ ڪڙ ڪرڻ لڳي، جنهن جو آواز، هن سمجهيو ته پاڇايس کي جاڳائي وجهندو. هن هراسجي، ڪنڌ موڙي پويان نهاريو، جتي پاڇايس ستل هئي. پاڇايس جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجودگيءَ جو احساس نٿي سر ايندي ٿي، هن جي هٿن جي ڏکڻيءَ کي چڻ تہ ڌيرج اچي ويو، ۽ هن پاڻيءَ جـي چل خالي ڪري ڇڏي. پر هن جي اُڃ ۽ آسات نہ لٿي. هن چل کي وري ڀرڻ لاءِ، دلي جـي ڪنگر تائين آندو، ۽.... پاڻيءَ جي ٻدران، دلو گهڙامنجي جي ڇٺونڪ تـان ٽڙيو، هڪ وڏي ٺاڪئين ٺڪاءَ سان اچي هيٺ ڪريو! هن جي هڪڙي پير جو آڱوٺو دلي هيٺان اچي ويو ۽ هن ڪان دانهن نڪري وئي: "اٿي الا....!" ڀڳل گهڙي جـون ٺڪريون، پري پري پکڙجي ويون ۽ اڇلجندڙ پاڻيءَ هن جي چولي جي آڳي ۽ سٿڻ جي پانئچن کي پسائي ڇڏيو.

آواز تي ياڇايس ڇرڪ ڀري اٿي ۽ ٻوڙندي وٽس پهتي: "اٿي امان ڇا ٿيو؟"

هن ڪوبہ جواب نہ ڏنو، اتي ئي ويهي رهي. ٻنهي هٿن سان، ڪٺي زخمي پير جي پب کي جهليائين. چنڊ جي روشنيءَ ۾ دلي جي ڀور ڀور ٺيل ٺڪرين کي، ۽ هاريل پاڻيءَ کي ڏسي، ياڇايس سمجهي وئي. پاڀوهہ مان پڇيائين: "امان، ڌڪ تہ ڪونہ لڳئي....؟"

هن وري بہ ڪو جواب ڪونہ ڏنو. رڳو زور زور سان پير جي پب کي نپوڙيندي رهي. سوز ڪان هن جي اکين ۾ لڙڪ ڀوسرڻ لڳا.

"اٿي ڇوري، ڏسان تہ...." ياڇايس هيٺ جهڪي هن جي پير کـي ڏٺو. آڱوٺو سڄو رتايل هو، ۽ ننهن وٽ رت ٽڙي آيو هو. ننهن ڪان مٿي ڏوڏو نيرو ڪارسرو ٿي ويو. پاڻي ۾ آلي ٿيڻ ڪري، سٿڻ مرئي وٽ چنبڙي پئي هيس. ياڇايس آهستي آهستي هن کي اٿاريو. اٿي بيهي، پير تـي ٿوروئي زور ڏنائين تہ ڪانئس وري دانهن نڪري ويئي: "الا.... ميس!" ۽ وري اتي ئي ويهي رهي.

آواز تي پاڻس بہ اٿي آيو. هن کي پٽ تي ويٺل ڏسي، بہ سمجهي ويو تہ ڌڪ ڪو زورائتو لڳو هئس. ٿورو ٽڙي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلهن ۾ ٻانهن وجهي، هن کي اٿاريندي، چيائين: "مڙيوئي خير، مڙيوئي خير ٿيندو.... شابس، هند تائين هلي ڏس...." ٻاءَ جي ياڪڙ جي پابوهه ۾ گهڙيءَ لاءِ هن کان سور وسري ويو، ۽ منڌڪائيندي، هند تائين هلي آئي. ٻاڇايس جهٽ ۾ چلهه د ڪائي، ميڻ جو پهو ناهڻ لڳي. ٻاٽس هن جي تنگ ڏڪهاڙي آگوني تي آروس لاءِ هٿ رکيو ته هن کان وري دانهن نڪري وئي....

اچا اها دانهن هن جي نڙيءَ ۾ ئي هئي ته هڪ خوفناڪ نڪاءُ ٿيو! ۽ پوءِ هن ڏٺو: ٻاٽس اڇل کائي، اونڌي منهن هن جي پيرانديءَ کان ٿيڙ کائي، وڃي پٽ تي ڪريو. هڪ نئين دانهن، هن جي نڙي بدران، هن جي دل مان نڪتي: "ٻائو....!"

هن جي رڙ چانڊوڪيءَ کي ڪنباٽي ڇڏيو. هوءَ سٽ ڏيئي اٿي: هن کي پنهنجو زخمي پير به ياد نه رهيو، ۽ ٿاپڙ جي ٻاءَ تائين آئي. هوءَ اتي ئي ويهي رهي. ٻاءَ کي سڏو ڪري، هن جو ڪنڌ هنج ۾ رکي، اکين اڳيان اينڌڙ اونداهه مان هن ڏٺو: يار محمد جي منهن جو هڪڙو پاسو لوٺي کان ڪاڏيءَ تائين ايئن چچريل هو، جڻ ڪنهن مڏي ڪاتي سان ماس ڪوري ڇڏيو هجيس، لوٺي وٽ هڪ سوراخ مان رت بوڙيا ڏيئي وهي رهيو هو: ڪجهه رت ڪياڙيءَ طرف وارن ۾ ورچجي ويو هو، ڪجهه بند ٿيل اک تان وهي، ماس-ڪوريل مٿين چاڙيءَ مان، اندر هن جي نڙيءَ طرف وهندو ٿي ويو. يار محمد جي نڙيءَ مان خرخر جو آواز ائين اچي رهيو هو جڻ ڪو واڍو ڪاراٺيءَ سان ڪا ڪاٺي ڪپي رهيو هيو. رکي رکي، ٻاٽس جي جسم ۾ اوچتي اڇل ٿي آئي جڻ ڪا جيٺري مڇي پاڻي کان ٻاهر اڇلون ڏيندي هجي. هن ان مهل پنهنجي ٻاڪر کي وڏيڪ پيڙي ٿي ڇڏيو. آس پاس ٿيندڙ فائرن جي خوفناڪ پڙاڏن جي باوجود هن جو اندر سنسان ٿيندو ٿي ويو، ۽ بنا ڪنهن ارادي جي، هن پنهنجي ٻوتيءَ سان، يار محمد جي اک ڏانهن ويندڙ رت اگهيو. اوڏيءَ مهل اوچتو هن ڏٺو: ٻاٽس جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اک اڏوکاري کلي، ۽ پوءِ سڄي کلي پئي. اها اک گهڙيءَ لاءِ هن کي گهوريندي رهي. هن پاڻيو چڻ ته، اها اک ڪجهه چوڻ چاهيندي هجي، پوءِ ان اک موٽ ڪاڏي: يار محمد جي جسم ۾ هلڪي اڇل آئي، ۽ اک جي ماٺڪي مٿي چڪجي ويئي....

ٻن ڪـهرن ڪَـهرن هٿن، هن جي ڪچن ۾ هٿ ڦٻائي، هن کي چڪيو. اوچتي چڪ اچڻ تي، پاڻس جو ڪنڌ هن جي هنج مان لڙڪي، پٽ تـي ڪري پيو. هڪڙو هٿ هن جي ڪڇ کان نڪري هن جي وات ۽ نڪ تي ڦهي ويو. ٻئي هٿ جي ڪرائي، هن جي ڪاڏيءَ هيٺان اچي، ڏونٽ وٽان هن جي ڪنڌ ۾ وڪوڙجي وئي. پيو هٿ بہ ڪڇ کان نڪري، هن جي ڇاتيءَ کان ڏورو هيٺ وڪڙ ڪائي، هن جي ٻانهن ۾ ڦهي ويو، ۽ هـن پـاڻ کي مٿي ڪچندو محسوس ڪيو. گهڙي لاءِ اوپري اگري پڪهر جي بوءِ ڪيازي کان ٿيندي، هن جي مغز ۾ ڦهلجي وئي. ان وقت هن هلڪي سرگوشي ٻڌي: ”رئيس، ٻـانهن سوگهي آهـي ... تـوهين هلو جيپ تـي، آءٌ ڪٽيو ٿو اچانس!“ ❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نورل کي ڳوڻان آئي، هوئن ته کي مهينا ٻه ٽي ٿيا پر هن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ ته هن کي ورهيه گذري ويا هئا. هن کي پنهنجا پڊ وسرندا ٿي ويا، انهن جي بدران هي نئون پٽ نئين سڄ نئون ۽ وڌيڪ پنهنجو پاسڻ لڳو. هن جي دل اکين ۾ لهي آئي هئي ۽ انهن اکين کي هر وقت ڪا ڳولا هئي، ڪا هوراڪورا هئي. هن کي سمجهه ۾ نه ايندو هو ته هن جي اکين کي ڪنهن جي ڳولا هئي، ڇاجي هوراڪورا هئي. سڄي ڄمار هن کي ڪڏهن به اهو محسوس نه ٿيو هو ته هن جي پاسراٽين جي ٻويان ڪا دل به آهي. پر هاڻ، اوچتوئي اوچتو، هن کي دل جي موجودگيءَ جو احساس ٿيڻ لڳو هو. هن جي دل بنان ڪنهن سبب جي ڌڙڪڻ لڳي هئي ۽ ڌڙڪندي ڌڙڪندي ڌڪ گسائڻ لڳي. ياروءَ جي گهر ڏانهن وڃڻ جو سوچيندي ئي هن جي دل ماندي ٿيڻ لڳندي هئي. دل جي انهي ماندڪائيءَ کي گهٽائڻ لاءِ هو مامي جي ٻنيءَ تي هليو ايندو هو، ۽ مامي کي منٿ ڪري هرُ ڪاهڻ لڳندو هو. جهنگ وڍڻ لڳندو هو. ٻيو ڪجهه نه سُجهندو هوس ته وهڙي کي سڱن کان جهلي، زور آزمائي ڪرڻ لڳندو هو. وهڙو به هن کي اينرو سڃاڻي ويو هو، جو هن کي ڏسندي شرط، دون هيٺ ڪري، سڱ آلاري بيهندو هو ۽ هڪڙي کُر سان زمين تي ڌڙهيا هڻڻ لڳندو هو. نورل کي گهڙي لاءِ پنهنجي دل جي آنڌ مانڌ وسري ويندي هئي. هن جون پنهنجون رڳون به وهڙي وانگر ٽڪجنديون ويندين هيون ۽ جڏهن هن جا هٿ وهڙي جي ڪهرن ڪهرن سڱن ۾ ڦٻندا هئا، تڏهن هن جي دل ۾ فقط اهوئي خيال هوندو هو ته ڪو ايڏي طاقت لائي، ايڏي ته طاقت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لائي جو وهڙي کي ننگون پيئيون ڪرڻ تي مجبور ڪري وجهي. زور لائڻ وقت هن جي نڪ جون ناسون ڦنڊڻ لڳنديون هيون ۽ هن جي ناسن مان هن جي ساهه جو آواز سيٽيون ٻڌجي نڪرندو هو. ۽ وهڙي جي ناسن مان نڪرندڙ ڦوڪارن ۾ گم ٿي ويندو هو. جڏهن وهڙو وڏيڪ ست نه ساري، هڪڙو گوڏو پيٽو ڪري، هن جي اکيان جهڪي پوندو هو، تڏهن هن کي پنهنجي دل جي ڌڪ ڌڪ صاف پڌڻ ۾ ايندي هئي. ست ڏيئي وهڙي کي اٿاري، سندس ڳچيءَ تي هڪ نئين پيار مان ٺڪيون ڏيڻ لڳندو هو ۽ پوءِ هن کي پنهنجو پگهر ۾ شل ٿيل جسم ياد اچي ويندو هو. هن جي دل جي ڌڪ ڌڪ ڍري ٿيڻ لڳندي هئي ۽ ان جي بدران هڪ عجيب ٿڪ هن جي بدن ۾ ڪر موڙڻ لڳندو هو. ان ٿڪ لاهڻ لاءِ هو واهه تي هليو ايندو هو. واهه ۾ تڙ ڳندي، هو ڪو وقت سنئون سڌو پاڻيءَ جي بستري تي، پٺ ڀر ترندو، پاڻ کي وهڪري جي آڌار تي ڇڏي ڏيندو هو!

هن جي من ۾ جيڪو مانڊاڻ متل هو، ان جو ڪو سڌو سنئون سبب، ڪو طرف، ڪو آڳو پيڇو هن کي سمجهه ۾ نه ايندو هو. هن کي رکي رکي اها ڳالهه ياد ايندي هئي ته اهو مانڊاڻ ان ڏينهن کان متو هو، جنهن ڏينهن هو شاهه شهيد جو ميڙو گهمڻ ويو هو ۽ جڏهن هو ٽاٽي تان ماستر کي ڇڏائي آيا هئا، آن مانڊاڻ جو منڍ شايد اهو واقعو هو: يا وري وڏيري گلڻ جي ياروءَ وارن سان ڪوچرائي. هو جڏهن به انهن واقعن کي ياد ڪندو هو، تڏهن هن کي ماستر جي اکين جا لڙڪ پنهنجي اکين ۾ لهندا محسوس ٿيندا هئا. يا وري هن کي ڪنهن جو رت ۾ ڳاڙهو ڏورو ياد ايندو هو، ڪنهن جون هيسبيل هراسيل اکيون ياد ايندنيون هيون ۽ اهي ٻول ياد ايندا هئا ته ”ادي، انهيءَ کان سري وڃون ها ته چڱو. ڪو ڪانڌي، ڪلهو ڏيڻ لاءِ نه ترسي ها!“ اهي لفظ به هن کي

پنهنجي دل ۾ لهندا محسوس ٿيندا هئا.

ان کان پوءِ هن جو سمورو وقت انهن ٻن سنڌن ۾ ورهائجي ويو هو. هن جي سموري ڪائنات جو اتر ۽ ڏکڻ اهي ٻه سنڌا هئا. هو ڪڏهن اتر ويندو هو ته ڪڏهن ڏکڻ. ٻهي پوندو هو. ماستر سان هن جي ياري وڻ ويڙهيءَ وانگر هن کي ويڙهيندي ويئي. الائي ماستر جي ڳالهين ۾ ڪهڙي ڳالهه هئي جو نه سمجهندي به، هو پائيندو هو ته اهي ڳالهيون هن جون پنهنجيون هيون، جن کي سمجهڻ جي هرويرو ضرورت به ڪانه هئي. پلا ماڻهو ان ڳالهه کي ڇا سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ته هن کي ٻه هٿ آهن، ٻه پير آهن، ٻه اکيون آهن، ٻه ڪن آهن ته هن کي بک لڳي ٿي، اُڃ لڳي ٿي؛ ٿڪ ٿئي ٿو، ننڊ اچي ٿي. ماستر جون ڳالهيون به ائين هيون ته هڪڙا هن وانگر، هن جي مامي وانگر ۽ هزارين لکين ڪڙمين وانگر پورهيت هئا ۽ ٻيا وڏيري گهرام، وڏيري گلڻ ۽ سيٺ ٽيبرومل جهڙا ماڻهو هئا، جن ڪڏهن به ڪو پورهيو ڪونه ڪيو هو. پورهيت پورهيو ڪري جيڪي اپائيندا هئا، سو هنن جو پنهنجو نه هو: وڏيرا ۽ سيٺيون پورهيو ڪين ڪندا هئا، ڪجهه ڪين اپائيندا هئا، تڏهن به سڀ ڪجهه هنن جو پنهنجو هو. ٽيان ڪمدار هئا، ڪاراوا هئا، مولوي هئا، صوبيدار هئا، ڪامورا هئا، جيڪي پورهيتن جو پورهيو ميڙي چوندي ديناداستي وڏيرن ۽ سيٺين جي حوالي ڪندا هئا، پنهنجي وَت ڪندا هئا، ۽ "شهنشاهه اسان جي کي، سلامت رک خداوندا!" جهڙا گيچ ڳائيندا هئا.

مونجهارو فقط تڏهن ٿيندو هو، جڏهن هڪڙو سوال هن جي دماغ جي ڪنهن ڪنڊ ۾ پوسرڻ لڳندو هو ته ائين ڇو آهي؟ ماستر هن جي اکين ۾ اهو سوال پڙهي، ڪجهه دير ماٺ ۾ ويندو هو، ڇڻ ته هو هن کي سمجهائڻ جي باري ۾ دل منجهندو هو ته هن سان حقيقت بيان ڪري يا نه. پوءِ ڇڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي پاڻ سان ڳالهائيندي چوندو هو: ”نورل، ائين ڇو آهي، اهو ڏاڍو وڏو سوال آهي. ڏاڍو ڏکو سوال آهي! ايڏو ڏکو جو تنهنجي منهنجي حياتي ان کي سمجهڻ لاءِ ڪافي نه آهي. پر تو مون لاءِ اهو سمجهڻ هرويرو ضروري به نه آهي ته ائين ڇو آهي. ائين ڪئي سمجهه ته ائين آهي، پر اهو سوال وڏيڪ ضروري آهي ته ائين هئڻ گهرجي يا نه. جيڪڏهن نه ته، اسين ان کي بدلائڻ لاءِ ڪجهه ڪريون يا نه. نه رڳو هتي، پر جتي ڪٿي، خدا جا ڪي بندا ان ڪوشش ۾ آهن ته ان کي بدلائين ۽ اهڙو ڪو بندوبست ڪن جو ڪير ڪنهن جو حق نه ماري، ڪو وڏيرو ۽ سيٺ نه هجي جو ڪنهن هاري ۽ پورهيت جو پورهيو ايئن دينا داستي ڪٺي وڃي!“

نورل ان جواب کان مطمئن نه ٿيندو هو ۽ بي اطميناني گهنج ڏڄجي، هن جي نرڙ تي ابري ايندي هئي. ماستر به ڇڻ ڦڪو ٿي چوندو هو: ”آءٌ ان ڪتابن جا پڙهي به، تو کي سمجهائڻ جهڙو جواب ڏيئي نه سگهندس!“

هڪ ڏينهن ته نورل ذري گهٽ ماستر سان ڪاوڙجي پيو هو. ٿيو ڇا جو ڪاتيارن جي ڳوٺ جا به همراه ماستر وٽ مزمان ٿي آيا. نورل جڏهن به ماستر وٽ ايندو هو تڏهن هن وٽ به ٿي همراه هميشه ڏسندو هو. هو جيڪي پاڻ ۾ ڳالهائيندا هئا، نورل خاموشيءَ سان وينو ٻڌندو هو، ڪڏهن به وچ ۾ نه ٻوندو هو، نه ڳالهائيندو هو. ڳالهيون به اڪثر اهڙيون هونديون هيون، جن جي هن کي ڪا خبر نه هوندي هئي: سياست جون ڳالهيون، قانون جون ڳالهيون، جنگ جون ڳالهيون، آزاديءَ جون ڳالهيون، انگريز ۽ جرمن جون ڳالهيون! ڪڏهن وري چونڊن جون خبرون، ووٽن جي لسنن جون ڳالهيون، وزارتن جا ماهرا، ڪانگريس ۽ ليگين جا مقابلا ۽ جهيڙا — اهي ڳالهيون نورل لاءِ نيون به هيون ته اوپريون به. هن کي انهن ۾ ڪا دلچسپي محسوس ٿي نه ٿيندي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوش خيرعافيت کان پوءِ حالي احوالي ٿيا ته خبر پيس ته پير جانڻ شاهه واري جاگير تان لاکن جي پنجاهي گهرن کي بيدخل ڪيائون جيڪي انهيءَ زمين تي پيڙهين کان هر - هاري هئا. سڄي ڳوٺ کي پوليس گهيرو ڪريو ويٺي هئي پر لاڪا به مرڻ مارڻ لاءِ تيار ويٺا هئا. هو ڪنهن به صورت ۾ پنهنجا اباڻا پٽ ڇڏڻ لاءِ تيار نه هئا. هنن جو چوڻ هو ته اسان جي ابن ڏاڏن هن زمين کي رت جو ريج ڏيئي آباد ڪيو آهي، پڊن کي پري، جهنگ ۽ ٿوهر وڍي، ڪاتيون ڪٽي زمين کي آباديءَ لائق ڪيو. پير جانڻ شاهه جي ابي ۽ خود سندس چوڻ تي زالين مڙسين بيگرون وهيون آهن. هنن جي وڏڙن جا مقام به انهيءَ زمين تي آهن- هاڻ جڏهن زمينون پليون ٿيون آهن ته هوڪين بيدخل ٿو ڪري. رڳو ان ڪري جو جڏهن کان لاهور مان نئين ٻيبل آئي وهاري اٿس ته ان جا ماڻٿ ڪتان ڪتان اچي لڏا لاهي ويٺا آهن- چي: سنڌي هاري پورهيو نٿا ڪن، سو زمينون اسين وڌيڪ سٺيون ڪيڙيندا سون. آڦي باقي جو پرپاسي ۾ هڪڙي رٽائرڊ صوبيدار ملڪ جهانداد خان اچي زمينون سنڀاليون هيون، ۽ هاري به پنهنجي ملڪ مـان آندا هئائين، تنهن جي زمينداريءَ جي هاڪ پڏي پير جانڻ شاهه اصل مٿو پڏي ٻيهي رهيو هو ته لاکن کي لڏائي، نوان هاري جهليندس. ملڪ جهانداد خان جو ڏکو سڄي تر ۾ مچيل هو: جڏهن نوڪريءَ ۾ هو، تڏهن حرن واري ويڙهاند ۾ هـن اهڙا ”ڪارناما“ ڪيا هئا جـو سپاهيءَ مـان چاڙهي صوبيدار ڪيائونس ۽ انعام ۾ پليون زمينون ڏنائونس. جيڪي ماڻهو جهليا هئا، تن کان سڄي ڪرائڻ لاءِ کين جهانداد خان جي حوالي ڪندا هئا. ان وقت هو ملڪ جهانداد خان بدران پنهنجي اصلي نالي مان ”جهاڙو“ سڏبو هـو. عام ماڻهو کيس ”چنٽو“ سڏيندا هئا. هو ان نالي تـي ڏاڍو خوش ٿيندو هو. هن کي هونئن ته سڄي ڪرائڻ جا سڀ انگ ۽ ڪرتب ايندا

هئا: پيرَ ڪٽڻ، مُڇون پٽڻ، آنڊو ٽنگڻ، ڪلهن جي ڦٽين ۾ ڀاڇاري ٻڌڻ، ننهن پٽڻ، نازڪ هنڌن تـي ڏنڀ ڏيـڻ. ڏنڊي لنگهائڻ پر جنهن ڳالهه هن کي سڄي سنڌ جي پوليس ۾ مشهور ڪري ڇڏيو، اهو فن رکو جهاڙي کي ئي ايندو هو. ڇا ڪندو هو جو جوابدار کي آنورن جي مٿان حجامن وارو چمٽو چاڙهي ڇڏيندو هو. سندس ٺاڻي تي سدائين آستو امام دين حجام سندس سنوارت لاءِ سڏبو هو، پر هن جو اصل ڪم اهو چمٽو چاڙهڻ هو. آستو امام دين پنهنجي حد جـو ڄاتل سڃاتل حجام هو ۽ طهر وهارڻ ۾ هـن جي هاڪ ملڪان ملڪ مشهور هئـي. چمٽو چاڙهي، هڪڙي هٿ سان مصريءَ جي ڳڙي نينگر جي وات ۾ وجهندو هـو ۽ ٻئي هٿ سان پاڪيءَ جـي هڪ ئي گهڪي سان لوڙڙي وڃـي پري پوندي هئي ۽ اوطاق ۾ ”مبارڪون“ ”لک لک مبارڪون“ جو هل هنگامو مچي ويندو هو، ۽ آستو امام دين سوٽا مينهن ڪاهي ويندو هو. پوءِ جڏهن جهاڙو صوبيدار ٿي آيو ۽ استي امام دين سان سندس ڏيٺ ويٺ ٿي، تڏهن کان استي امام دين جو ڏس پتو ٺاڻي تي ٻڌبو هو. هن جو چمٽو هاڻ جهاڙي جـو هٿيار بڻجي ويو. ڪنهن کان سچي ڪرائڻ وقت آستو امام دين، جڏهن هيٺ جهڪي آنورن مٿان چمٽو چنبڙائي، پاڪيءَ کي هٿ جي ترِيءَ تـي ڦڏڪا کڏائيندو هـو، تڏهن ڇپن ۾ پڻ پڻ ڪري چوندو هو: ”هاءِ هاءِ! ههڙو سهڻو جوان سڄي عمر تاڙيون وڄائيندو... هاءِ هاءِ!“ ۽ پوءِ هن جي آواز جـو پڙاڏو ٺاڻي ۾ گونجندو هو: ”سائين، هاڻ هن مسڪين تي رحم ڪريو! چئي ٿو ته سچي ٿو ڪريان!“

جڏهن کان زميندار ٿيو هو، تڏهن کان هو جهاڙي مان ملڪ جهانداد خان سڏجڻ لڳو. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، تيئن تيئن آس پاس جا دنگئي وڏيرا هن جا سلامي ٿيندا ويا. هو هنن کي لاهور گهمائڻ وٺي ويندو هو ۽ واپس ورڻ تي وڏيري جي بغل ۾ ڪا نئين بيبل هوندي هئي. ڪجهه وقت گذرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان پوءِ اهو ئي وڏيرو پنهنجي زمين به ملڪ جهانداد وٽ گروي رکندو هو، ۽ منٿون ميڙون ڪري ڪيس لاهور ۽ ڪراچي هلڻ لاءِ هاڻو ڪرائيندو هو. ڪي وڏيرا وري پنهنجن هارين نارين يا ويرين ڪان وير وٺڻ ڪاڻ، ٻڌ - چوڙ لاءِ به ملڪ جهانداد جي در جا سلامي هوندا هئا، جو حد جا صوبيدار ۽ وڏا جمعدار ملڪ جهانداد جا پولٽا نيازمند يا مٽ مائٽ ئي مقرر ٿي ايندا هئا ۽ تَرَ ۾ ڪا واردات ٿيندي هئي ته اهو ملڪ جهانداد ئي هوندو هو، جنهن جي صلاح مشوري سان واردات جا جوابدار سڳ سوڌو جهلجي پوندا هئا. اوڙي پاڙي ۾ جڏهن به مال ڪاهيو هو ته پاڳيا سڌو اچي ملڪ جهانداد جو در جهلبندا هئا ۽ هن جي ناموس اهڙي هئي جو هڪڙي ڏينهن پاڳيا پنگ ڏيئي ويندا هئا ته ٻئي ڏينهن وهٽ پاڳين جي ماڻن تي پهچي ويندا هئا.

ماستر لاڪن ڪي اها صلاح ڏني ته مڙي وڃڻ ۽ پوليس سان مقابلو ڪرڻ بدران لڏي وڃڻ. نورل جون منيون پيڙجي ويون. هن جي اکين ۾ چڻ لوڻ ٻرڪجي ويو ۽ رتايل اکين سان، ماستر ڪي شوڪي ڏسندي چيائين: ”ماستر، پنهنجي جوءِ ۽ اباڻا پڊ ڇڏي وڃڻ جي صلاح ڏيڻ ڪان اڳ ڪجهه ته ويچار ڪرين ها!“ ماستر گهڙيءَ لاءِ نورل جي اکين ۾ نهاريو: انهن ۾ ٻرندڙ مچ ۾ گهڻي دير نهارڻ جو تاب نه جهلي، هن ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو. پڇڪندي چيائين: ”ويچار؟ ڪهڙو ويچار ڪريان ها؟ اهو ته پلي وڏي ويڙهاند ٿئي؟ پلي ته ڪنڌ ڪرڻ؟.... آءٌ شهر وڃي، وفد ناهي وزيرن سان مليو آهيان؛ ڪامورن سان ڳالهايو سون؛ وڪيلن سان صلاحون ڪيون اٿم.... جتي جتي وياسون؛ اتي پير جانڻ اسان ڪان اڳ ۾ وڃي پهتو آهي. ملڪ جهانداد پوليس ڪمانيءَ سان ملي آيو آهي، سي چون ٿا ته لاڪن ڪي سمجهايو ته جهيڙو ٿارين ۽ پوءِ ڪورٽ جا در کڙڪائين. باقي جيڪڏهن جهيڙو ٿيو ته زمينون به ويندن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ مڙس بہ ماراڊيندا ۽ باقي همراہ بيدريافتا پيا جيلن ۾ سڙندا، سنهنا ٻچا رلي ويندن....“

”پر ماستر تو تہ چيو ٿي تہ انگريز جو قانون ڏاڍو برجستو آهي....“ نورل ڀهريون پيرو ماستر کي چڙب ڏني، پر ڪيس ڪا شرمساري نہ ٿي.

ماستر ڪجهہ عاجزيءَ سان ۽ ڪجهہ ورچجي چيو:

”نورل، انگريز جو قانون برابر برجستو آهي پر اهو قانون جيسين حرڪت ۾ اچي، تيسين لاکن جو جڻ ٻچو رلي ويندو.... رڳو پير جانڻ شاہ يا ملڪ جهانداد جي ڳالهہ هجي ها تہ آءٌ پاڻ ڪهاڙي کڻي وڃي لاکن سان گڏ بيهان ها.... پر هن وقت لاکن جي سامهون پوليس، قانون جي لٺ کنيو بيٺي آهي....“

نورل کي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آئي، سو وري چيائين: ”پوءِ تو وارو قانون ڪيڏانهن ويو....؟“

هاڻ ماستر کي بہ ڪاوڙ اچي ويئي، ۽ هن رڙ ڪندي چيو: ”وڏو ڪو اٿئہ مغز آهين! تو کي ڪيئن سمجهايان تہ انگريز وڏيري جي ڪلهي تي چڙهيو ويٺو راڄ ڪري: ۽ هي قانون بہ وڏيرن جو ناهيل آهي جيڪي اسيمبلين ۾ چونڊجي ويا آهن. وڏيرن جو قانون ڀهرين وڏيرن جو بچاءُ ڪندو آهي ۽ پوءِ ٻئي ڪنهن جو.... قانون تائين پهچڻ لاءِ بہ پئسو گهرجي، سو پير جانڻ شاهہ وٽ آهي: لاکن غريبن وٽ پنهنجي کائڻ لاءِ ئي ڪي ڪجهہ ڪونهي تہ قانون تائين ڪيئن پهچندا؟“

”تہ پوءِ اهڙي قانون کان تہ پيگ پلي آهي. واهہ جو قانون آهي! اهڙي قانون جي ڳچي مروٽجي تہ چڱو: نہ هوندو بانسون، نہ هوندا ڪوڙا آسرا!....“ نورل کي هاڻ ڪاوڙ نہ هئي. هو بہ ورچجي پيو هو. هن جي لوڻن ۾ رت ڏنئون ڏنئون ڪرڻ لڳو هو: بي‌سبب، اجاتو، اوچتو.

پوءِ لاکن کيس چيائين: ”پاڻو.... هي ماستر پلي ويٺا ٻارن کي ڪوڙا ڪتاب پڙهائين: پاڻ هلو تہ هلون، منهنجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر اوهان سان لڳي...."

هو لاڪن سان گڏجي سندن ڳوٺ آيو. هن جي اندر ۾ وڏي ويڙهه جاري هئي: يَرَ ماستر سان ائين ڳالهائڻ جو مونکي ڪو حق ڪونه هو: متان ماستر سچي ڳالهه تي ڪئي.... نه نه، ماستر ڏيٺو هو، ڪانئر هو، ملڪ جهانداد جو نالو ٻڌي ڏنو هو يا پير جانڻ شاهه سان وڃاڻ نتي گهريائين! نه نه، ائين ڪونهي. ماستر ڪوڙو مڙس نه هو.... پر هي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو رکو وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪندا آهن. ه ڳالهه ۾ سياست پيا سوچيندا.... نهيو، سوني ماستر کان ڪئي ڳتا لفظ بشڪ ڪرائيندس....

۽ پوءِ جڏهن وڏي ويڙهاند تي، تڏهن هن ائين تي پانيو چڻ هو پاڻ لاڪن مان هو: هي جوءِ هن جي هئي؛ هي پڊ هن جا هئا؛ هن جي ابي ڏاڏي جي رت هنن زمينن کي ريج ڏنو هو؛ ۽ هي مقام هن جي ابن ڏاڏن جا مقام هئا. هن پانيو ته هو شاهه شهيد جو فقير هو، ۽ هيءَ ويڙهاند مغل لشڪرن سان هئي. لاڪا خود حيران هئا ته هي همراهه، جنهن جو هنن سان نه ناچي نه پيٺو، سو هنن سان گڏ، هنن لاءِ ائين وڙهيو جيئن ڪو لاڪو به نه وڙهيو. جڏهن پوليس جو گهيرو توڙي، هن پير جانڻ شاهه تي لومڙ ڪئي، تڏهن هن جي من ۾ ماستر جا اهي لفظ ٻئي هُريا: "انگريز وڏيري جي ڪلهي تي چڙهيو ويٺو راڄ ڪري!"

پير جانڻ شاهه جيسين پنهنجو پستول سنڀالي، تنهن کان اڳ هن جي ڪهاڙي، هُن جي مغز کي ڏاري ويئي. ۽ پوءِ اوچتو مانڊ تي ويئي. فنر بند تي.وپا.... فقط اهي لفظ هن جي ڪن پيا ته "هيلي لاڪا ڏاڍا مڙس آهن!"

نورل کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي ته هن کي جنهن کنهن پاڪر چو ٿي پاتو: هو پاڻ ته لاڪو ڪونه هو، پر هر ڪنهن لاڪي جي پاڪ هن جي سَنَ ۾ اها سرگوشي تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي تہ تون اسان جو آهين. اسين تنهنجا آهيون. ايئن بہ ٿيندو آهي پاڻو تہ رت جي رشتن بنان بہ ڪي ميت ٿي پوندا آهن. هن جي اکين ڪي انهي سرگوشي پوسرائڻ شروع ڪيو ۽ ڪنهن ڏنڌ مان هن ڏنو تہ ڏڪيل ماڻهن ڪي ڪتن تي سمهاري شهر نيڻ جون تياريون پئي ڪياڻون. هن جي سڄي بدن ۾ پنواتيون پئي پيون. هن سوچيو تہ آءٌ شايد ٿڪجي پيو آهيان. ان مهل هن هڪ پيو پڙڪو ٻڌو: ”ماستر، نورل ڪي ننڍ اچي ويئي آهي.... تون خبر ڪر تہ ٽاڻي وارن چا چيو؟“

۽ پوءِ هن ماستر جا لفظ ٻڌا: ”پوليس صوبيدار پاڻ ڪونہ هو پر مون رپورٽ درج ڪرائي ڇڏي آهي .. پوليس سموري پنوهرن جي ڳوٺ چڙهي ويئي آهي.... يارو پنوهر واري خون جي واردات تي....“ وڏيرو گهرام پنوهرن جي ٻانهن ڪٽي ويو.... “ ❋

هن جي من ۾ اونده، دَتَ ۽ هنيو پئي هئي: انهيءَ اونده ۾ ڪنئين پاڇولا هئا- خوف، بيوسي ۽ نفرت جا پاڇولا، جن جو اصل جسم هن جي پهچ کان ٻاهر هو. رکي رکي اهي پاڇولا، دَتَ-هاٿا، پاڻ-وهيٺا، هن جي اکين جي لڙڪن جي ڌنڌ ۾، ياروءَ جو لاش ٺهجي ٿي ويا، جنهن جي هڪڙي اک اڃا ڏائين هن کي گهوري رهي هئي. هن اک ۾ نهارڻ، ڪجهه ڳولڻ، ڪجهه سمجهڻ، ڪجهه پروڙڻ جا ڏاڍا جتن ڪيا، پر اها پنڊ پهڻ اک هن کي ڪجهه ٻڌائيندي به خاموش هئي، ڪجهه سمجهائيندي به بيسمجهه هئي، ڪجهه ڏيکاريندي به بينور هئي. جڏهن ڪا سمجهه، ڪا پروڙ هن جي ذهن ۾ جاڳ ٺهجي آئي، تڏهن ان اک جي ماڻڪي مٿي ڇڪجي بينور پهڻ ٺهجي ويئي: ان وقت هن، ڪنجهي جي وٽيءَ جهڙو آواز ٻڌو: ”آئي آئون گهوري وڃانءِ، اکيون ته کول.... مائي، مون کي ته اڃا مٿو اهو وهم وينو ته تون وڃي الله کي پرتئين....!“

مهروءَ اکيون، هري هري کوليون، پر سامهون وينل زائفان تي نظر پوندي ئي، وري زور سان بند ڪري ڇڏيائين. هن جي دل ۾ وري سيرَ پئجي ويئي، ان سيرَ مان ڇنڊڙ رت هنجي اکين ۾ اڙڪ ٺهجي آيو.

”رن ڪُتڻ!“ هن کي پنهنجا اهي چيل لفظ ياد آيا. هن کي يقين نه آيو ته اهي لفظ هن کي رڳو ياد آيا، يا هن جي چپن وري چئي ڏنا.

”چوري، مونکي جيڪي گاريون ڏيئيون هجيئي، سي ڏئي وٺ، پر رب جو پلاند اٿئي، اکيون ته کول: تون جي ايئن ساٿي ٿي پئي هونديئن ته رئيس نندو منهنجو چوٽ پٽي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اصل اگهاڙو ڪري ڪيندم!“

مهروءَ جي اکين ۾ لڙڪ گهڻو وقت جالي نه سگهيا، ۽ ڇپرن جا بند ٽوڙي، هن جي ڳلن ڪي اورانگهڻ لڳا. ”اٿي منٽي، ڇو پٽي پنهنجا ڪچ ڪارين: جيڪي ٿيو، سو ٿيو. پنهنجي ڪٿي جو نڪو ويچ، نڪو طبيب. جي منهنجي مجو ها ته نڪي رئيس ڪاوڙجن هـا، نڪي اهڙا هاڃا ٿين ها.... هاڻ، اٿين اونڌي منجي ڪرڻ سان ڪو يارو وري جيئرو ڪونه ٿي پوندو.... رئيس وڏي ٿـي ڇيو تـه پنوهرن پنهنجي پاڻ سان ڪٿي آهي. جي سنئون سنواٽو سگ ڏيڻ لاءِ ’ها‘ ڪن ها ته هروپرو ماڻهن مارڻ جو ڪو هن ڪي شونق ڪونه هو.... هاڻ آت، اهي نخرا ڪونه ٿـا ٺهن.... اڇي هان، هـي پاڻي پيءُ، پنهنجو جيءُ سڄو ڪر نـه آءٌ وڃـي رئيس نِنڊي کـي چاڻ ڪري اچان! بـه ڏينهن، ٽي راتيون، حرام جـو آرام ڪيو هجيس.... جيڏي مهل اچي ته ٻچي تـه پلا جي نتي هوش ۾ اچي ته شهر کان داختر کي وٺي اچان.... اصل سگ ڦٽو پيو اٿس.... ڏاهي ٿي، هاڻ انگل ڇڏ....!“

ڪنجهي جي وٺيءَ مان اٿندڙ اهي لفظ مترڪن وانگر هن جي دل ۾ ڪهرام مچائيندا رهيا. پر هاڻ هن جـي اکين مان وهندڙ لڙڪ بند ٿي ويا. هـن جون نٿيون پيڙجي ويون. نفرت ڳنڍِ ٻڌجي هـن جي نڙيءَ ۾ ڦاسي پئي. هـن جي دل عجيب رفتار سان ڌڙڪڻ لڳي. هن جي ڪنن ۾ رت ڦوڪجي، ڌڙهيا هڻڻ لڳو. هن جي ڪنن مان ڄڻ دونهان نڪرڻ لڳا. ۽ پوءِ هن ۾ الائي ڪٿان طاقت آئي. هن ڇال ڏيئي، پنهنجا ٻئي هٿ ڪٿي زائفان جي ڄنڊن ۾ وڌا. مهرو ڄڻ چيتي ٿي پئي: هن جي بازن ۾ جيتري سگهه هئي، ان سان هن جي ڄنڊن ڪي پٽيندي، ڌونڌاڙيندي رهي. سندس ڇپن ۽ ڏندن مان بار بار اهي لفظ ڇيرجي نڪرندا رهيا: ”رن ڪٽڻ.... رن ڪٽڻ.... رن ڪٽڻ.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اٺي مٺي، ڪهڙو جين پيٺ.... ڇڏ منهنجي چنبڻ کي .... اڙي گهوڙا ڙي....“

هن جي چيٽن جڻ مهروءَ جي نفرت کي ڪا نئين مهميز ڏيئي ڇڏي. ياروءَ جو رت هن جي اکين ۾ لهي آيو هو. هن کي اٺين چنبڻ کان ڇڪيندي، هن ڪٽ کان هيٺ ٽپ ڏنو. مائي گهلجي، ڇڪجي، اهڙيءَ طرح اونڌي لڙڪي پئي، جو سندس ڏڙ ڪٽ جي پيراندي تي هو ۽ سندس سسي ڪٽ جي پاڳي ۽ اِيس جي وچ ۾ لڙڪيل هئي، پر سندس وار مهروءَ جي هٿن ۾ سوگها هئا. مهرو پوري طاقت سان وارن کي هڪ جهٽڪو ڏنو ته گهنڊيدار وارن جو هڪ مڇو سندس هٿن ۾ اچي ويو، هوءَ ٿاپڙجي پويان ڪري پئي. ان وقت هن دانهن ٻڌي! ”اڙي الاڙي.... اڙي مري ويس.... گهوڙا .. !“

مهرو پاڻ سنڀالي اٿي، ۽ اکين جي ڏندڪي جهٽڪيندي، ٻئي هٿ ڪٺي مائيءَ جي نڙيءَ ۾ وڌائين. هن کي گهو گهيا ڏيندي مائيءَ جو ڪنڌ مٿي ڪٺي، سندس مٿو زور سان ڪٽ جي پاڳي سان هڻندي، پهريون پيرو زور سان رڙ ڪيائين: ”رن ڪٺڻ.... !“

ڪٽ جي پاڳي سان مائيءَ جي مٿي ٽڪرجڻ سان ”ڏ ٻڙڪ“ جو گهگهو آواز، هن جڻ ٻڌو اڻٻڌو ڪري ڇڏيو ۽ ور ور ڪري هن جو مٿو پاڳي سان هڻندي رهي. ”رن ڪٺڻ .... رن ڪٺڻ....“ جا لفظ جڻ هن جي زبان ۾ چنبڙي پيا هئا!

اوچتو هن جا هٿ ٻيهي رهيا. مائيءَ جي مٿي مان ڦٽي نڪرندڙ رت جي آلاڻ محسوس ڪري، جڻ پاٽيهي پاڻ ٻيهي رهيا. هن کي يقين نٿي آيو ته اهو رت هو. عجب ۽ حيرت مان، هن هٿ مائيءَ جي سسي مان ڪڍي، پنهنجي سامهون آندا: ڳاڙهو ڳاڙهو، گهاٽو ڪارسرو رت، هن جي هٿن جي ترين مان هن کي گهورڻ لڳو. اهو رت ڏسي هن کي پنهنجي ٻاءَ ياروءَ جو ڇهڇ ڳاڙهو رت ياد آيو. اها ياد ايندي ئي، هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ٽنگن مان ست ڇڏائي ويو. هن جي پيٽ-وَرَن ۾ ڪو جذبو اُڀرڪو ٻڻجي اڀريو ۽ هوءَ اٿي ٿي ويهي آت ڏيڻ لڳي. هن جو سارو وجود ڄڻ ٻاهر اڇڻ لاءِ آتو هو. لڙڪن جو احساس، هن جي اندر اُٿندڙ ٻنواٽين ۾ سمائجي ويو. انهيءَ ڌنڌ مان هن مائيءَ جي بيسڌ مڙهه ڏانهن نهاريو.

”هي مون ڇا ڪيو؟!“ اهو سوال هن جي نگاهن ۾ ٻوسرڻ لڳو. هن جي دل ۾ هڪ وڏو خال پيدا ٿي پيو، ۽ پوءِ اهو خال هيٺ لهي، هن جي پيٽ ۾ هڪ اڃاتي خوف جي ڪڏ ٻڻجي ويو. هن جي دل چاهيو ته هوءَ رانڀاٽ ڪري روئي، اوڇنگارون ڏئي، سڏڪا ڀري، پار ڪڍي ”ٻارو.... منهنجا ٻاٽڙا ٻارل ... منهنجا ادل....!“ پر هن ڪي ائين محسوس ٿيو ڄڻ هن جي اندر ڪا شئي مري ويئي، جيڪا هن جي پنهنجي وجود جو هڪ حصو هئي.

اوچتو هن پريڪان ايندڙ قدمن جي آهٽ ٻڌي. هن جي سموري جسم ۾ ڪا ڪنوڻ ڪڙڪي ويئي. هن کي رڦٽي وٺي ويئي. ٻنل هرڻيءَ جيان هن هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. ڪٽ تي زائفان جي اجرڪ ت-ي نظر پيس. جهپ هڻي اجرڪ کڻي، پاڻ کي ان ۾ ويڙهي ه-ن دروازي کان ٻاهر لوهه پاتي. سامهون وڏو اڱڻ هو. اڱڻ اڳيان ڏيڍي هئي ۽ ڏيڍيءَ کان ٻاهر.... ان تي هن سوچڻ به نٿي گهريو!

اڱڻ ٽپي، جڏهن مهرو ڏيڍيءَ ۾ پهتي، تڏهن هن جي ٽنگن م-ان ساهه نڪري ويو. هڪڙو دنير م-ڙسالو، هڪڙي م-وڙي تي ويٺو هو، در کي ٽاڪي ڇڙهيل هئي ۽ در ج-ي اوٽ ۾ هڪڙي بندوق ۽ هڪڙي ڪهاڙي رکيل هئي.

”مائي بابا.... ڪيڏانهن؟“

هن چوڻ چاهيو ته ”ٻاهر“ پر هن جي ڇپن مان ڪوبه آواز نه نڪتو. هن جي نڙيءَ ۾، هن جي ساهه جي ڳنڍ، ائين اٽڪي پيئي هن جو هينئون ساهه هيٺ، مٿيون ساهه مٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهجي ويو.... ۽ پوءِ هن پنهنجي پويان ڪنهن جي ساهه جو هانبارو ٻڌو. ٻن ٿلهين سگهارين ٻانهن ڪٽي هن کي ياڪر ۾ مٿي کنيو. ڪوڙڪي ۾ ڦاٿل پکيءَ وانگيان، هوءَ انهن ٻانهن ۾ ڦٿڻ لڳي. انهن ٻانهن جي سگهه کان وڌيڪ هن کي انهن ٻانهن جي وارن جو احساس ٿيو، ۽ هن کي جيپ جي اسٽيئرنگ جي چوڌاري وڪوڙيل وارن سان جهنجهيل ٻانهون ياد اچي ويون.

”رئيس، توهين هلو اندر.. ٻاهر جي ڪا ڳڻتي نه ڪريو..“ دنير مڙسالي جي آواز جو پڙاڏو مهروءَ ان مهل ٻڌو، جڏهن رئيس ننڍو ڏيڏيءَ کان مڙي ٻنڊر ۾ پهتو. هاڻ هن جي ڪنيڙائمن باڻ ٻڌوڙڻ ٻه چڙي ڏنو. دب اجرڪ جي اوڇي حيان هن جي وجود کي ويڙهيندو ودو، ۽ حياءَ سڏڪو ٻڌجي، هن جي دل کي اوڙهي ويو.... پر پوءِ اوڏي مهل هن پهرئين فئير جو آواز ٻڌو. ❋

پيلي جا وڻ، هن جي خيالن سان گڏ، پوئتي سيرڪندا ٿي ويا- ٽڪرا ٽڪرا، اوچتا اوچتا. هن کي ائين محسوس ٿيو ته هن جي اندر ۾ به خيالن جو ڪوگھجگاهه پيلو هو، جيڪو هن پيلي وانگر ڪٿي جو ڏي ڪونه هو. هن پيلي وانگر، هن جي خيالن کي ڪو سڌو سنواٽو رستو ڪونه هو. رڳو پيچرا هئا، جيڪي اوچتو سامهون ٿي آيا ۽ اوچتا گم ٿيي ٿي ويا. هن کي رکي رکي اهو خيال ٿي ٿيو ته هو واڳ وڃائي ويٺو هو. گهوڙي جو لغام برابر هن جي هٿ ۾ هو، پر جڏهن به ڪو نئون پيچرو سامهون ٿي آيو، تڏهن هن پنهنجي ارادي بدران گهوڙي جي ارادي تي لغام کي موڙي ٿي ڇڏيو. هر نئين پيچري تي، هن کي ائين ٿي محسوس ٿيو، ڄڻ ڪنهن وڻ رکيل به هٿ، وڏيڪ پڇي ٿي ويا، ۽ ڪو ڏبيل دٻيل ساهه هن جي ڪياڙيءَ جي آسپاس، هن جا وار ڪانڊارڻ ٿي لڳو، ۽ هو خيالن جي پيلي مان موٽي، حقيقت جي هڙيءَ ۾ موٽي ٿي آيو. هن جا ڪن وري ڪتن جي ڀونڪ جهڻ لاءِ وڏيڪ سرلا ٿي ٿي ويا. هاڻ ڪتن جي ڀونڪ ٽوڙي گهوڙن جي سنبن جي ٽاپڙ ٽاپڙ پڌڻ ۾ ڪانه ٿي آئي، پر ڪنهن اوچتي راتاهي جي ٽاپڙ ٽاپڙ هن جي دل ۾ اڃا تائين ڌڙڪڻ نه ڇڏيو هو. ڪنهن هلڪي کڙڪي، ڪنهن پکيءَ جي چيٽ، ڪنهن گدڙ جي اوچتي اوناڙ تي هن جو سڄو بدن سيٽجي ٿي ويو. سندس هٿ هٿني ۾ وڌيڪ زور سان ڦٻي ٿي ويو، سندس گوڏا گهوڙي جي ڪکهن ۾ وڌيڪ زور سان کپي ٿي ويا، ۽ پيلي جا وڻ ٽڪرا ٽڪرا پوئتي سيرڪڻ ٿي لڳا. روشني ۽ پاڇولن جي ان ٽڪري متا متا هاڻ هن جي اکين کي ٿڪائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڌو هو. گهوڙي جي هانباري مان به هن سمجهيو ته جيڪڏهن اجا ڪجهه وقت هو ائين ئي هلندا رهيا ته گهوڙو آفت مري پوندو. پوءِ وڏيري گهرام جـي ڪتن کان بچي نڪرڻ محال هو. جيڪڏهن اتي ئي هڙيءَ ۾ ڪتي ڏاهو ڪن، تڏهن بـه ساڳيو جوکم کٽئو هو. پر وهٽ جي مري پوڻ کان اهو جوکم گهٽ جو کائنو هـو. پـوءِ بـه جيسين ڪارتوس آهن، تيسين ماشا مولا....

جڏهن هن مهروءَ کي گهوڙي تان هيٺ لاٿو، تڏهن نما شام جا پاڇا وهيڻا ڪرڻا، هن جي منهن کي اهڙو رنگ بخشي ويا، جو نورل کي پنهنجي سموري بدن ۾ ڪا ڪنوڻ محسوس ٿي. هن جي دل ۾ اهرو دهڪو پئجي ويو، جو هو ڏڇي ويو ته مونکي الائي ڇا ٿو ٿئي. رت هن جي لونڊڙين ۽ ڪنن جي پاپڙين ۾ آيامڻ لڳو. اندر ئي اندر هن جو ماس رقڻ لڳو. هن کي پنهنجي ڪلهن ۽ ڏورن جون مشڪون ڦندنديون محسوس ٿيون. هوءَ منهنجي اها رقٽي ڏسي نه وئي. اهو سوچي، هن کي گهوڙي تان لاهي، هو هن کي پٺ ڏيئي بيهي رهيو.

”گهڙي جهٽ هتي ترسون ٿا، نـه تـه گهوڙو مـري پوندو....“ هن ڇڻ پنهنجو پاڻ کي چيو.

”پلي ...“ مهروءَ مختصر جواب ڏنو.

گهوڙي جي هتي هيئان کيس ڪڍي، هن کيڙن جي جهنڊ وٽ، وڇائي پوئتي موٽ ڪاڏي ۽ گهوڙي کـي لغام کان ڙني، هڪ پاسي لڙي پيو.

”پڌو تہ.... اج ڏاڍي لڳي اٿم .. “ مهروءَ هيڪندي چيو.

هو اتي ئي ڄمي ويو. هن کي پاڻ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي. هن اڳو به ڪونه سوچيو تـه زال ذات اڪيلي، آوس ڏڇندي ۽ خاص ڪري مهرو، جنهن وک وک تي، موت کي منهان سهڻ ڏٺو هو. نورل جي دل ۾ هن لاءِ اٿاهه پيار پيرجي آيو.

”سامهون، لئين جي ـن پر شاخ ٿـي پائنجي، پر پاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٽ نه ڪو ٿانءُ به ڪونهي.... ٻڪن ۾ پاڻي پيئڻو پوندو...."
هن وري به چڻ پاڻهي پاڻ سان ڳالهايو. هن ڪي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته هو هن سان سڌو سنئون ڪيئن ڳالهائي: "مهرو ڪري سڌيس، يا پيو ڪجهه. زائفائن سان ڪيئن ڳالهائبو آهي، ان تي هن ڪڏهن سوچيو به ڪونه هو.

شاخ تي پهچي، هن گهوڙي کي پاڻي پيئڻ لاءِ ڇڏي ڏنو ۽ لغام هني ۾ هٿي ڇڏيائين. پوءِ پاڻ شاخ جي ڪناري تي، اوڪڙون ويهي، ٻنهي هٿن جو ٻڪ ٺاهي پاڻي پيئڻ لڳو. پاڻي پيئندي، هن تيڏيءَ اک سان مهروءَ ڏانهن ڏٺو: مهروءَ ٻنهي هٿن بدران، هڪڙي هٿ جو ٻڪ ٺاهي، پاڻي تي پيتو ۽ ٻئي هٿ سان، ڪلهي وٽ اجرڪ کي اهڙيءَ طرح جهليو هئائين جو اجرڪ هن جي منهن جي چوڌاري گول دائرو ٺاهي بيٺي هئي. ڪاري نيري ڪکر واري اجرڪ جي گول دائري ۾ مهروءَ جو منهن، هن کي ائين لڳو جيئن ڪارن نيرن ڪڪرن ۾ چنڊ ٻهڪندو جرڪندو آهي. هن جي دل ۾ وري دهڪو پئجي ويو. هن کي وري سمورو رت پنهنجي منهن ۾ مرندو محسوس ٿيو. پاڻي پيئڻ تان هن جو ڌيان هٽي ويو، ۽ ٻڪ مان پاڻي هن جي چپن ۾ اوتجڻ بدران، هن جي ڇاڙيءَ وٽان هن جي پهراڻ ۾ اوتجي ويو.

اوڏيءَ مهل هن مهروءَ کي آنوڙجندو، کنگهندو ٻڌو. هن ڏٺو ته مهرو کيل ۾ اچي ڇنڪي هئي ۽ کل کي روڪڻ جي ڪوشش ۾ اٿوڙجي پئي هئي ۽ ٻڪ سان پنهنجي چپن کي ۽ کلڻ کي، لڪائڻ لڳي هئي.

هن جي چوري جهلجي پوڻ تي، هن کي به، کل اچي ويئي، ۽ هو بي اختيار ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳو. مهرو به اجرڪ جو پلاند، نڪ تائين آڻي کلندي رهي. هن جون رڳون اکيون ٿي نظر آيون پر هن کي اهي کلندڙ اکيون ڏاڍيون وڻيون. هن جي دل چاهيو ته هو انهن کلندڙ اکين ۾ گهوري گهوري نهاري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن کي پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏيئي ڇڏي، جيئن انهن اکين جي ڪل هن جي پنهنجي جيءَ جو حصو بڻجي وڃي.

ان مهل گهوڙي، شاخ مان پوٽ ڪڍي، ٺونگار ڏيئي، پنهنجي ڀؤ ڪرڻ جو اعلان ڪيو ته، هنن پنهي ڪان ڇرڪ نڪري ويو. هو ٻئي ساڳئي وقت اٿي بيهي رهيا. نورل گهوڙي جي هني مان لغام ڪڍي، ڪيس ٽوبرو چاڙهي، لغام هڪ ڪبڙ ۾ اٽڪائي ڇڏيو. مهرو چپ چاپ هن کي ڏسندي رهي. هو هن جي نظرن کي پنهنجي پٺ ۾ ڪپندو محسوس ڪندو رهيو، پر الائي ڇو، منهن ورائي هن کي ڏسڻ جي آرزو پوري نه ڪري سگهيو.

”تون ويهه، آئون اجهو آيس....“ هن پويان نهارڻ بنان ٺي چيو. هن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ ته اهي لفظ ڏاڍا اوپرا هئا: هن ”مهرو“ چئي، هن کي سڏڻ گهريو ٿي، پر هن جي زبان هن جي دل جو ساٿ نه ڏنو. هن کي اهو لفظ ”تون“ ڏاڍو کهرو، ڏاڍو ٻسو ۽ اوپرو لڳو. پر حجت ۽ پنهنجائپ تي اچا به هن جي همت نه ٿي. ڪيترائي مونجهارا هن کي وڪوڙي ويا. هڪ پل اڳ، جڏهن هوءَ کلي هئي ته اهي مونجهارا غائب ٿي ويا هئا ۽ پنهنجائپ هن جي سموري بدن ۾ ڪر موڙي آئي هئي. پر اهو پل گذري ويو ۽ مونجهارا ۽ اوپراڻ ڪر ڪڍي بيهي رهيا.

شام جا پويان پاڇا هڙيءَ جي وڻن جي پاڇون ۾ وچڙي پيا هئا. پکي پکڻ پنهنجي آکيرن ۾ موٽڻ کان اڳ پر وارين تارين ته ي ويهي، پاڇون جي رنگ بدلائڻ واري سمي کان اڳ واريون لاتيون لنوڻ لڳا هئا. وهين جو هڪ وڻ هن جي اکيان پڙڪو ڪائي اڏائو: ڪجهه هڪڙي پاسي لڙيا ته ڪجهه ٻئي پاسي. سامهون هڪڙي وڻ کي ٽڪيندي، هڪ ڪاڪڪني انهيءَ پڙڪي تي ڇرڪ ڀريو ۽ پنهنجي رنگارنگي پرن کي ڪوئي، هڪ پاسي لوهه پاتي. پويان کيرن جي گهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھوڙ ۽ ٻين پکين جي چڻڪار پاڇولن کي بدلائڻ لڳي هئي. نورل کي ٻه ٽي وليون ڇيڙن جون نظر آيون. وچ وچ ۾ ٿوهر جا پيلا پيلا ڏينا ڪر ڪنيو بيٺا هئا. هن ٽڪڙو ٽڪڙو ڇيڙن ۽ ريپڙين سان جهول ڀري، ٻوٽي موٽ ڪاڏي.

مهرو ڪيس ٿـي سڄي اجرڪ ۾ ويڙهي سيڙهي ليٽي پئي هئي. هڪ ٻانهن ڪنڌ هيٺان هيس. ٻئي هٿ ۾ اجـرڪ جو پلاند جهليل هئس، جيڪو هن گوڏن کي ويڙهي ڇڏيو هو. اٿين ٽي پانبو چڻ تـه اٿين اجرڪ کي ناهيندي ناهيندي هن کي ننڊ اچي ويئي هئي. سندس اکين جا ڇپر ڇڻ ته ٽڪ ڪان گهورا ٽي ڏري پيا هئا. نورل کي اهي بند اکيون ڪليل ڪلندڙ اکين کان به وڌيڪ وڻيون. هن کي پنهنجي دل وري ڦنڊجندي محسوس ٿي. هن جي ڪلهن جي مشڪن ۾ اڻ ـ لکي جنبش آئي ۽ سندس سموري جسم ۾ پکڙجي ويئي:

”ڏاڍي ٿڪجي پئي هوندي“ هن سوچيو.

هن هيٺ، جهڪي، ڇيڙ جهول مان ڪيس تي لاهي وڌا ۽ پاڻ هڪ ڪنڌ ڪان ويهي رهيو. هو اچا ويٺو مس ته مهرو اٿي ويئي.

”ڏاڍي دير لاتو ....“ مهروءَ جي آواز ۾ شڪايت جي بدران اون ۽ ڳٽتي هئي.

”اچي هان، ٻه ٽي ريپڙيون ڪاٺي، هانءَ سڄو ڪر.... بک لڳي هوندءَ .... هڙيءَ ۾ پيو ڪجهه ڪونه هو. سـِگر هئا پر ڪچا هئا....“ هن کي ڇيڙ ۽ ريپڙيون آڇيندي الائي ڇـو لڄ پئي آئي. ڦڪائي لڪائڻ لاءِ هڪڙو ڇيڙ ڪٽي پاڻ ان کي چڪ هنيائين.

”متان ڪاٺو ....“ مهروءَ ذري گهٽ رڙ ڪندي چيو.

”اهي نانگ ـ ولين جا ڇيڙ آهن.... پيٽ ۾ سور ڪندا آهن....“

”پر پيٽ جي باهه ته اجهائڻي آهي....“ نورل ڇيڙ وات مان ٿوڪاريندي چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهروءَ اجرڪ جي اندران هڪ هٿ ڇوڙيندي، ٻاجهر جو سڄو ڍوڍو ڪٽي سندس اڳيان رکيو:
”ادي نوران.... ماستر جي گهر واريءَ، هلندي مهل، هيءَ هڙ ڪٽي هٿ ۾ ڏني هيم.... هينئر ڪوليم تہ ڏٺم تہ ماني هئي....“
هو ڪا گهڙي، ڍوڍي کي گهوريندو رهيو. هن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ تہ اهو ڍوڍو ماستر جي پيار ۽ پناهہ جي آخري سوکڙي هو. اها سوکڙي هن جي نڙيءَ ۾ پيار جي ڳنڍ ٻڌجي ويئي ۽ هن جي دل کي جهوري ويئي. هن جون اکيون پوسرڻ لڳيون. هن ان جهوريءَ کان بچڻ لاءِ چيو: ”تون بہ تہ کاءُ....“
هن ڏٺو تہ مهرو لڄ کان سڄي ڳاڙهي ٿي ويئي.
”نہ نہ ... اوهين کائو....“ مهروءَ پٽ پٽ ڪندي چيو.
”آءٌ تہ اهڙو بکيو آهيان جو حرام جو ڪو ٻور بہ بچي.... سڄو ڏينهن لنگهڻ تي گذريو آهي....“
”تہ پوءِ سڏا کائو....“ لڄ کان مهروءَ جو آواز نہ ٻڌو آڪلي.
”۽ تون ائين بک ئي بک تي....!“
”سچي، اوهين کائو.... مون کي بک ڪانهي....“ هاڻ مهروءَ جي آواز ۾ هڪ نئون گڻ هو، جنهن کي هو سمجهي سگهيو.
”تہ پوءِ آئون بہ ڪونہ کائيندس ... مونکي بہ بک ڪانهي....“ هن ڍوڍي کي مهروءَ ڏانهن سيري ڇڏيو.
۽ پوءِ ٻنهي جا هٿ ساڳئي وقت مانيءَ ڏانهن وڌيا ۽ ٻنهي کان کِلَ نڪري ويئي. ان کل سموري اوپراڻ کي ٽڙي ڇڏيو: سموريون وڇوٽيون وچ مان نڪري ويون، سمورا فاصلا طئي ٿي ويا. پر نہ، هڪڙو فاصلو اڃا باقي هو: روايت جو فاصلو، وڏنڊڙ ابڻدہ جو فاصلو، جنهن جي پريڻن ۾، خبر ناهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ ڇا هو. هن ان فاصلي تي سوچڻ نٿي گهريو پر وڏنڊڙ اونده انهيءَ فاصلي کي هڪ جسم ڏيئي ڇڏيو هو. جيسين روشني هئي، تيسين اهو فاصلو فاصلو ڪونہ ٿي پانيو، پر هاڻ اهو فاصلو، ڇپري جي ڇيٽ وانگر، هن کي چرڪائي رهيو هو ۽ هن کي ماستر جا اهي لفظ ياد اچڻ لڳا: ”نورل، هتان اڳتي وڃين يا پوئتي، اهو فيصلو توکي ڪرڻو آهي.... پر ياد رک تہ هر فيصلو بندوق جي گوليءَ وانگر اڻموٽ آهي....“ ۽ پوءِ هن کي اهو فيصلو ياد آيو، جيڪو هن لاکن جي ڪوٺ ڪيو هو....

....

ماستر جي لفظن تي پهرين تہ هن کي اعتبار نہ آيو. پر جڏهن انهن لفظن جي گنڀيرتا هن جي ذهن ۾ جاءِ ورتي، تڏهن هو اُٿيو تي ويو.

”ماستر، ڇا چيئہ؟“ هن اهو سوال نهايت آهستي ڪيو هو پر خود سندس ڪنن ۾ انهن لفظن جا پڙاڏا ٻرڻ لڳا.

”ڪجهہ ڪونهي، نورل.... تون ٿڪل آهين، گهڙي کن آرام ڪري وٺ تہ پوءِ پنڌ کي ڇڪيون....“ ماستر ڏيرج مان چيو، پر هن کي محسوس ٿيو تہ ماستر جو آواز ڏڪي رهيو هو. ماستر هن کان ڳالهہ لڪائي نہ سگهيو.

”يارو پنوهر منهنجو سنگتي هو، ماستر! منهنجو پياءُ هو ... توکي تہ سچي خبر آهي. پوءِ بہ مون کان لڪائين ٿو.... ڇا ٿيو ياروءَ کي؟“ هن جي آواز ۾ اهڙي سختي اچي ويئي، جيڪا هن کي پاڻ ڏکي لڳي. پر هن جي اندر ۾ جيڪو طوفان متل هو، تنهن هن جي مت کسي ورتي هئي. ان طوفان ۾ رت جي دريا پٺي ڇوليون ڏنيون، جن هن جي سموري وجود کي لوڙهڻ شروع ڪري ڏنو هو.

”وڏيري گهرام پنوهرن کان ياروءَ جي پيءُ جو سڱ گهريو هو پنهنجي پٽ گلڻ خان لاءِ. پنوهرن جواب ڏنس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيءَ رات وڏيرو گهرام ٻانهن زوريءَ ڪٺي ويو: ٻـارو گهر ۾ هو. وڏيري جي شاهينگن ٻاروءَ کي آفت ماري وڌو.... پوليس وڏيري گهرام جي چرچ تي پنوهرن تـي چڙهي آئي آهي.... پرٿي مڙس جيوڻ، مورڻ ۽ هڪ ٻـن نندن ٻين کي جانچ ۾ ڪٺي ويئي آهي...."

ماسترڳالهه ختم ڪئي. مـاٺ ٿـي ويئي. ڳالهه اعتبار جهڙي ڪانه هئي. پر سيني کي خاطري هئي تہ ڳالهه سچي هئي. لاڪن سان جيڪي پير جاڻ شاهه ڪئي هئـي، سا بہ اعتبار جهڙي ڳالهه ڪانه هئي، پر سچي هئي. وڏيرو گهرام تہ پير جاڻ شاهه کان بہ ٻہ رتيون ڪسر هـو. سڄي ٿـر ۾ هن جو ڌهڪاءُ هو. هـن جي نالي ٻڌڻ سان ئي غريب غربو سراپجي ويندو هو. ائين دينا داستي ڪنهن جي نڪن ۾ هٿ وجهڻ، ۽ وري متن ئي پوليس چاڙهي اچڻ گهرام خان ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن جو ڪم ٿي نہ ٿي سگهيو. نورل بہ ڪا گهڙي ماٺ ٿي ويو. پوءِ هو آٿيو: هو سڄو پئي ٿڙڪيو. هن جي اکين اڳيان اند اچي ويو هو. رت هـن جـي سوئن ۾ پئي ٽهڪيو ۽ هـن جي نڪن مان ڇڻ سمورو ست نڪري ويو هو. ٿورو اڳتي وڃي هو پيٽ کي هٿ ڏيئي، ويهي رهيو. جڏهن پهرين آلٽي آيس، تڏهن هن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ هن جون سموريون نسون ڦاٽڻ تي هيون، ۽ هن جي اندر جيڪي ڪجهه هو- دل، ڦڦڙ، آنـڊا، گجيون- سي ٻاهر نڪري ايندا. هو آت ڏيندو رهيو، ڪارو ڪارو زهر اوڳاريندو رهيو. هن جو سڄو جسم پگهر ۾ شم ٿي ويو هو. هن جي نرڙ جو پگهر هن جي اندر اٿندڙ هر زلزلي ڪانپوءِ، نئين سر هن جي نرڙ ۽ ڪياڙيءَ ۾ گڏ ٿيندو ويو!

ماستر هن جي پٺن تي هٿ گهمائيندو رهيو پر هن جو پهراڻ هـن جي پٺن ۾ چنبڙي پيو هو. هـر آت، هر اوڪاري ڪانپوءِ ورل جي بدن ۾ نئين سر ڏڪڻي پئجيو ٿي ويئي. ماستر هڪ همراه کان اجرڪ وٺـي، هـن جي پٺن کي، چڱيءَ طرح

ويڙهيندي، هن کي اٿاري، ڪٺ تائين وٺي آيو. اجرڪ جي پلاند سان، هن جي منهن جو پگهر اگهندي، ماستر پاڻ مان چيو: "نورل، هڪ وڏو اونهو ساهه کڻ.... شاباس، ائين.... وري هڪ ڊگهو ساهه کڻي، گهڙيءَ لاءِ اندر جهليندس.... هاڻ وري هڪ پيو ساهه کڻ...."

هن جي پيٽ اندر زلزلا هري هري ٿي ڍرا ٿيڻ لڳا. ماستر جي چوڻ تي، هڪڙو همراهه پاڻيءَ جي چلو ڀري کڻي آيو. ماستر هن جي ڪنڌ کي مٿي ڪندي چيو: "ڍڪ ڍڪ ڪري، سمورو پاڻي پي ڇڏ.... هاڻ گهڙي کن لاءِ وري ليٽي پئو.... شاباس!"

نورل کي پنهنجي پاڻ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي: هي ڪهڙو تماشو ڪئي مچايو اٿم.... لاکن جو راڄ پنهنجي لاشن ۽ ڏکيل همراهن کي سنڀالي يا مونکي سنڀالي.... ۽ ماستر ڇا سوچيندو؟ لاکن ۾ ماتام متو پيو آهي ۽ هي ڊڪي رن وانگر پيو آت اوڪارا ڏئي! واهه جو پنهنجي جگري يار ياروءَ سان ياري نڀائي اٿس!

ياروءَ جي ياد ايندي ئي، هن جون سڀئي پيڙجي ويون ۽ ٽيپ ڏيئي اٿي ويٺو. ڪلهن ۾ ويڙهيل اجرڪ لاهيندي، هن پنهنجو منهن اگهيو، ۽ ڪٺ تان لهي آيو. منهن ۾ ٽنگيل، پنهنجي ڪهاڙي کڻي ماستر وٽ آيو.

"ماستر، هاڻ الله واهي...."

"نورل، ڏاهو ٿيءُ: هڪ ته تنهنجي طبيعت ناچاق آهي، ٻيو ته ڳوٺ کان ٻاهر پوليس جو گهيرو آهي. توکي ته پريان ئي سڃاڻي وٺندا. تون اڪيلي سر، راهه ويندي مارجي ويندين!"

ماستر جي آواز ۾ ڊپ سان گڏ، هن لاءِ گهٽي صاف ظاهر هئي.

"مارجي ويس ته چڙهيس آگوني تان.... مونکي ياروءَ جو پلاند ضرور ڪڍڻو آهي." هن نٽر ٻار جيان، هٺيلي آواز ۾ چيو.

”گهرام خان جهڙي پاتاريدار شودي سان پلاند ڪرڻ لاءِ، ڪهاڙيءَ ڪان وڌيڪ عقل جي ضرورت آهي نورل!“

ماستر هن کي چڙب ڏيندي چيو. ماستر ڪانسواءِ لاکن مان ٻه، ڪجھ تجربيڪار همراهن هن کي گهڻو ئي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو نه مڙيو. لاکن سان ته هن وڙ ڪيو هو، سي هن سان وڌيڪ حجت نه ڪري سگهيا. پوءِ جڏهن سيني ڪان موڪلايائين ته لاکن مان هڪ همراهه، هڪ گهوڙو پلاڻي ڪاهي آيو. سندس هٿ ۾ هڪ دونالي ۽ ڪارتوسن جو پٽو هو.

”ادا، تنهنجا ٿورا ته لاهي ڪونه سگهنداسون پر هي هٿيار جي تنهنجي ڪم اچي ته تنهنجي ملڪ آهي!“

ماستر هن کي اڳيرو ڪرڻ لاءِ ڪافي پنڌ اڳتي نڪري آيو. پوءِ موڪلائيندي مهل، هن کي پاڪر پائيندي چيائين:

”هاڻ ڏٺيءَ کي پرتين. هن پڌي ڪان، پاهران ئي پاهران، اتر پاسي لڙي پئج ... خدا ڪندو ته انهيءَ پاسي پوليس کي شڪ ڪونه پوندو ... آءٌ به سيان شام، اول خير، پنهنجي ڳوٺ ويندس.... اتان لانگهاڏو ٿين ته پنهنجو گهر سمجهجانءِ....“

....

نورل پنوهرن جي ڳوٺ پهتو، پر هن کي اها خبر نه هئي ته عذرخواهي ڪنهن سان ڪري. هن کي ته اها به خبر نه هئي ته عذرخواهي ڪيئن ڪبي آهي. هن جو جيڪڏهن ڪو رشتو ناتو هو ته فقط ياروءَ سان، يا جيوڻ خان سان عليڪ سليڪ ڪندو هو. پنوهرن جي ڳوٺ ۾ چڻ راڪاس گهمي ويو هو. ماڻهن جا ڪنڌ هيٺ هئا، ۽ اڌ مئن مڙهن وانگر پنهنجي ڪرت ۾ لڳا پيا هئا. هونئن جو پارن جون چلولائيون ڏسي، هن کي پنهنجو ننڍپڻ ياد ايندو هو، سي پار به ماٺ هئا، ڄڻ کين ماڻڙن پوتاڙا چاڙهي ڇڏيا هئا.

هو ياروءَ جي گهر وٽان لنگهيو ته دل ۾ چڪ پئجي ويس. ساڳيو لوڙهو موجود هو، پر اڄ انهيءَ ۾ هن جو يار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجود نه هو. گهڙيءَ لاءِ هن کي خيال آيو ته هميشه جيان هن کي سڏ ڪري: ”يائو يار محمد.... او يائو يار محمد“ ۽ اندران آواز ايندو: ”يائو ته شهر ويو آهي.“ اهو سوچيندي ئي هن جو اندر وڍجي ويو. هن جي اکين ۾ لڙڪ بس ئي نه ڪن، ۽ هو تڪڙو تڪڙو ڳوٺ کان ٻاهر هليو آيو. پڇائون ڪندي، هو مقام ڏانهن لڙي پيو. پنهنجي سنگتي جي تازي قبر تي، هن جا وري ڳچ ڳڙي پيا. گهوڙو هڪڙي وڻ سان ٻڌي، بندوق ساڻ ڪري، هو پٿلي ماري، يارو جي قبر اڳيان ويهي رهيو. جيڏي انسان سان ته ياري هيس، پر مٽين مٽيءَ هيئان پوريل هن يار سان ڇڻ هن جي روح جو رشتو پيدا ٿي پيو هو. هو الائي ڪيترو وقت ائين ويٺو رهيو، پڻ پڻ ڪندو رهيو، پنهنجي يار سان رهاڻ ڪندو رهيو. پوءِ مٽيءَ جو ٻُڪ پري، پنهنجي پٽڪي جي پلاند ۾ ٻڌي ڇڏيائين ۽ وڏي سڏ چيائين: ”يارو، جي حياتي رهي ته رئيس گهرام خان ۽ گلڻ خان سان تنهنجو پلاند ضرور ڪندس- اهو توسان منهنجو انجام آهي!“

هن کي ته اها خبر نه هئي ته گهرام خان يا گلڻ ڪٿي هوندا ۽ ٻانهن ڪٿي جهلي هئائون. گهرام خان جي ڳوٺ يا حويلي جي پڇا ڪرڻ به هرويرو پاڻ کي ڏنو ڪرڻو هو. هن جي ڌر ۾ ايتري حشمت ۽ هيبت هئي، جو ڪنهن آڙئي ٽُڙئي ساٿيءَ کان پڇا ڳاڇا ڪرڻ معنيٰ پنهنجي پاڻ کي هٿ وٺي اڙائڻو هو. اهو سوچيندي، هو گهرام خان جي ڪمدار جي پڇا ڪندو، ڪري واري اوطاق تي پهتو. هن کي رکو اهو ڊپ هو ته جيڪڏهن اوطاق تي ڪو اهڙو همراه هوندو جيڪو گلڻ خان سان گڏ ميڙي تي هو ته پوءِ هن کي سڃاڻندي ويرم ئي ڪو نه ڪندو. اهي ڳالهيون سوچيندو هو اوطاق تي پهتو.

اوطاق جي ٻاهران هڪ همراه کٽ تي ڪانپ ٻڌيو ويٺو هو. پيرانديءَ کان دوناليءَ بندوق ۽ ڪارتوسن جو ٻٺو رکيو هو. کٽ جي پنيان اوڏڪي پيت وٽ ٻه دلا ٻاڌيءَ ج'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکيا هئا. نورل ويجهو پهتو ته همراهه ڪانپ چوڙي، بندوق ۾ هٿ وڌو، پٽو ڪلهي ۾ ڪري، ڪٽ تان لهي بيٺو. نورل وڏي سڏ سلام ورايو، ۽ گهوڙي تان لهي پيو. هن جي پنهنجي دونالي ۽ ڪهاڙي پريان ئي پڌري هئي. پر هن بندوق ۾ هٿ نه وڌو، نه ئي ڪهاڙيءَ ڏانهن ڌيان ڏنائين.

خوش خيرعافيت ڪندي، ٻڌايائين ته هن جو نالو نور-محمد هو. پير جانڻ شاهه بادشاهه جو مريد هو. رئيس گهرام خان کي ختمي جي ڪوٺ ڏيڻ آيو هو ۽ ڪجهه روبرو به رئيسن سان ڳالهائڻو هئس. ڳوٺ ويو هو، پر اتي ٻڌايائون ته رئيس وڏو ته پوليس سان چڙهي ڪنهن پاسي ويو هو، ۽ ننڍو رئيس اوطاق تي هو- پيو مڙئي خير

گهرام خان جي همراهه کي به ڪي سڀ خبرون هيون. ان ڪري نورل جـي ڳالهين مان هن کي ڪو شڪ نـه پيو. هيڪاري نورل جو هن جي هٿيار جي تعريف ڪئي ته همراه جون واڇون ٽڙي پيون.

”پاڻو پلي ڪري آئين.... سائين جانڻ شاهه بادشاهه جي خبر ٻـڌي اصـل پيرن هيٺان زمين نڪري ويئي آهـي. لاڪن پهنجي ته فيام ڪاري ڪئي آهي پر پنهنجي آل اولاد تي الله ۽ الله جي رسول جي غضب کي سڏ ڏنو اٿن. رئيسن سان ته ڏاڍي ناڙئي هيس— هڪل ڪري ها تـه اسين لاڪن کي اهي ڏينهن جا تارا ڏيکاريون ها، جو زاج ٻڌن ها!“ همراه هن سان عدرخواهيءَ ڪندي چيو.

”بروبر بروبر.... پـر ادا، سائين بادشاهه کي ڏاڍو مان هو ته بارن کي تڪليف ڏيڻ جي اڃا مهل نه آئي آهي....پر پوءِ قسمت کي اهوئي منظور هو....“ نورل کي ڪوڙ ڳالهائڻ ئي نٿي آيو.... هن ڄڻ اهو ئي آڌڪو هو ته هن جي ڪنهن [illegible] مان همراه کي ڪو شڪ نه پئجي وڃي.

”ها پاڻو... ڀلا توهين هلو اندر... مٿ [illegible] ڏهاڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئون ڪمدار وڏي ڪـي چاڻ ٿو ڪرايان... رئيس نندو تـ نئين بنگلي تي آهي...."

"پوءِ تہ ڏاڍي ڳالھ ٿي.... نياپو بہ اهڙو آهي جيڪو روبرو ڏيڻو آهي.... پوليس ڪمانيءَ سان رئيس جو رستو آهي، سو سائين حڪم ڪيو تہ روبرو نياپو ڪجان.... مون کي تہ اِجا ين تن پاسن ڏي وڃڻو بہ آهي...." نورل ڏڪو هنيو.

"رئيس وڏو آهي ٿي پوليس ڪمانيءَ سان....!"

"پنوهرن واري جانچ ۾ ..." نورل وري بہ ڏُڪو هنيو.

"هائو، اڄ ٽيون ڏينهن ٿيو آهي .... ۽ رئيس نندو تہ.. شڪ آهي...." همراھ جي چپن تي اهڙي مرڪ آئي، جو نورل جو اندر ئي سڙي ويو. پر ٻاهريون ٻنو رکندي چيائين: "سچي ٿو چئين ... پوءِ ڀلا سائين جي چٺي ڪيئن پهچائجي.... سائين تہ ڇهو تہ جواب وٺي موٽج!"

همراھ گهڙي ڪـن سوچ ۾ پئجي ويـو.... نورل وري ڏڪو هنيو: "مون تہ نئون بنگلو ڏٺو بہ ڪونهي.... هن ڏس ۾ اڳي ڪڏهن لانگهائو بہ ڪونہ ٿيو آهيان.... هاڻ ڪا ڀلائي ڪر .. منهنجو سونهون ٿـي، بنگلي تـي پهچاءِ ... موٽ ۾ تو کي هتي ئي پهچائيندو ويندس!"

"نہ ڀائو، اوطاق ڇڏيم تہ رئيس اصل خفا خون ڪري ڇڏيندم.... پر هاڻ هيئن ڪر .... هـي پريان جيڪو ڀورو پيو ڏسجي نہ.... او هُو، هـن اناس ڪـان پريان، اتان ڪابي ٻاسي ڀوري ۾ لهي پئہ.... ڪوهہ ڪن جو پنڌ ٿيندو.... ڀورو پورو ٿئي تہ متي چڙهي پئہ.... پوءِ تـہ سڌو ئي سڌو شاخ جو پنڌ آهي. هڪڙي موري ٿيي، ٻي موريءَ تـي پهچندين تہ پريان بنگلو ڏسڻ ۾ ايندءِ.... اتـي پهچي خانق حو نالو وٺندين تـہ پاڻهي رئيس نيڙي ڪـي نياپو ڪندا...." همراھ هن کي اشاري سان سمجهائيندو ويو.

"ڀائو، ٿنهنجا لک ٿورا.... مرشدن جو ڪرم آهي، دعا

ٿيندءِ پر هاڻ موڪلائي ڪانهي...“ نورل گهوڙي ڏانهن لڙيو.
”ادل، ترسين ها ته ڪا محفلڙي ڪريون ها...“ همراه گهوڙي تائين هلي آيو. بندوق جي ڪنداڪ کي ڏسي چيائين:
”هٿيار ته تو وٽ به واهه جو آهي....“
”سائين هلندي مهل، پاڻ ڪٿي ڏنو ته متان لاڪا ڪا ڪئونس ڪن.... اسان جي لاءِ تــه پيلي ڪهاڙي پلي آهي.... هي شيطاني هٿيار پاڻ کي وٽــي ئي ڪونه.... پــر سائين کي انڪار ڪير ڪري!“ نورل گهوڙي تي لانگ ورائيندي چيو.
”بيڙا ئــي پار....!“ همــراه تيسين بيٺو رهيو، جيسين نورل گهوڙي جي واڳ ڍوري ڏانهن نه موڙي.
ڍوري ۾ هيٺ لهندي، هن گهوڙي کــي هڪل ڏني ۽ هوا سان ڳالهيون ڪندو اڇي شاخ تي چڙهيو. گهوڙي جي واڪڙ واڪڙ سان گڏ هن جو ذهن به چڻ واڪڙ واڪڙ ڪندو هن لاءِ منصوبا ناهيندو رهيو. پهرين موري ٽپيو ته پريان ئي نئون بنگلو نظر آيس. سڄي بنگلي کي ٻاهران اوڏڪي پٽ جو ڪوٽ ڏنل هو. پر اندر پڪ ـ سري ماڙيءَ جا منگهه صاف نظر پئي آيا. سڌ پڌ تي هو ته گهوڙي تان لهي پيو. ڪهاڙي ڪڍي، هني ۾ هٽي چڏيائين. ڪارتوس پري، هڪڙي هٿ ۾ ڪيائين؛ ٻئي هٿ ۾ گهوڙي جي واڳ، وڃندو بنگلي جي در تائين آيو.
بنگلي جي ٻاهرئين در جي ٻاهران ڪڙو لڳل پئي هئي. دروازو اندران بند هو. در ڪافي وڏو هو ۽ هن سمجهيو تــه در جي اندران ڏيڍيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻــه همراه تــه چونڪيءَ تــي هوندا. گهڙيءَ لاءِ هن سوچيو ته بندوق تــي اعتبار ڪونهي. دوبدو ويڙهه ۾ وري بــه ڪهاڙي چڱي آهي. پر وڏيري جي همراهن وٽ پڪ ئي پڪ بندوقون هونديون.
بندوق جا پئي گهوڙا چاڙهي، هن در تي ٺڪ ٺڪ ڪئي.
ان وقت هن آواز ٻڌو: ”رئيس، توهين هلو اندر.... ٻاهر جـ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳڻتي نه ڪريو.“

نورل جي دل، هن جي پاسرائين سان ٽڪرجي، ايئن ٿي ڌڙڪي جو هن سمجهيو ته هن جي دل جو اهو دهڪو پري پري ٻڌڻ ۾ ايندو. هن جي ڪلهن، ٻانهن ۽ ڳچيءَ جون مشڪون ٽڪجي ويون.

”ڪير....؟“ اندران آواز آيو.

”خانڻ....!“ نورل، جيترو ٿي سگهيو، آواز کي چٽي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

هن تاڪي کلڻ جو آواز ٻڌو، ۽ ان سان گڏوگڏ هن فائر ڪيو. دروازي کلڻ سان جيڪو منهن هن کي گهڙيءَ لاءِ نظر آيو، ٻي گهڙيءَ اهو منهن ڦونڊا ڦونڊا ٿي ويو. همراه پٺيءَ ڀر، موڙي تان ٿاٻڙجي، ڪنڌ ۾ ڌڪ پيو، ۽ ڪرڙيءَ وانگر ڦٿڪڻ لڳو. هن جي نڙگهٽ مان رڳو گڙگڙ جو آواز پئي نڪتو.

نورل ڏيڍي ٽپي، اڳڻ ۾ آيو ته هن گلڻ خان کي ڏٺو، جنهن جي ياڪر ۾ هڪڙي زائفان، اجرڪ ۾ ويڙهيل سيڙهيل پاڻ ڇڏائڻ جي ڪشمڪش ۾ هئي. هن پريان ئي هڪل ڪئي: ”متان ويو آهين، گلڻ خان...!“ گلڻ خان ترورو هڻڪيو، ۽ ٻوءِ هن زائفان کي ڇڏي ڏنو ۽ نورل کي سامهون ٿي، پستول ڏانهن هٿ وڌايائين. پر هن جو هٿ اجا پستول جي مٺيءَ تي هو ته نورل فائر ڪيو. نورل اهو به ڪونه ڏٺو ته گلڻ خان کي ڌڪ لڳو به يا نه. هن رڳو ايترو ڏٺو ته گلڻ خان ٻئي هٿ، ڪٺي منهن کي ڏنا، ۽ گوڏن ڀر ڍرڪي پيو.

نورل وڌي زائفان جي ٻانهن ۾ هٿ وڌو. گهڙيءَ لاءِ هن جون اکيون چار ٿيون، ۽ وري جدا ٿي ويون. هو زائفان کي ڇڪيندو ڏنديءَ ڏانهن ڀڳو ۽ دروازو ٽپي هن ڀرڻ ياڪر ۾ پري زائفان اي گهوڙب تي چاڙهيو، ۽ پوءِ پاڻ چڙهي، گهوڙي کي اڙب هنيائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن هو ماستر جي ڳوٺ پهتو، تڏهن نورل فيصلو ڪري نہ سگهيو تہ ماستر وٽ لهي يا نہ. ماستر وٽ ترسڻ معنيٰ ماستر لاءِ گهرام خان جي دشمني. هو پاڻ لاڪن واري واردات ۾ اڳي ئي پوليس ڪي گهربل هوندو: هاڻ تہ ٻہ پيا خون بہ هن جي ڪنڌي لڳجي ويا هئا. هڪ پاسي پوليس، ٻئي پاسي گهرام خان جا چاري. ماستر ويچاري ڪهڙو ڏوهہ ڪيو هو، جو هو هن ڪي پوهي ۾ ڏئي. پر هو ڪري بہ ڇا؟ ۽ هيءَ پرائي پانهن؟ ان جو ڇا ٿيندو؟ اهي اهڙا فيصلا هئا جو نورل جي وس کان ٻاهر هئا. رکي رکي هن کي اهوئي خيال آيو تہ ماستر دنيا ڏٺي آهي، قائدي قانون کان واقف آهي، هو ئي ڪا صلاح ڏيندو تہ هتان کان اڳتي ڇا ڪرڻو آهي. هن کي سواريءَ ۽ ويڙهہ ايترو ڪونہ ٿڪايو هو، جيترو فيصلن جي ڏهڪ ۾ هن جو ذهن ٿڪجي پيو هو. سچي وات هن جي ڪڪين وٽ يا پنن تي مهروءَ جي هٿن ۽ ساهہ هن کي نت نئون مونجهارن ۾ مبتلا ڪري وڌو هو. مهروءَ جو ڇا ٿيندو؟ مهروءَ جو ڇا ٿيندو؟ مهروءَ جو ڇا ٿيندو؟ اهو سوال گهوڙي جي ٽاپڙ ٽاپڙ سان گڏ هن جي ذهن ۾ ٽوندو رهيو. مهرو بہ آخر انسان هئي، هوءَ رت جا دريا ڏسي آئي هئي. پنهنجو ڪونڌر پاءُ اڳين آڏو خون ٿيندي ڏٺو هئائين. رئيس جي بنگلي تي بہ هن سان الائي ڇا وهيو واپريو هوندو ۽ هاڻ هن وري پنهنجي اکيان، پنهنجي لاءِ خون وهندو ڏٺو هو. هن جي اندر ۾ ڪهڙي ماجرا متل هوندي؟ ان جو فيصلو بہ هو نتي ڪري سگهيو. سچي وات هن جي دل بار بار تي چيو تہ هن کي چوي تہ مهرو، ڪيئن آهين؟ خوش تہ آهين نہ؟ پوءِ سنهنجي ئي ان سوچ تي هن کي ڪاوڙ تي آئي: هوءَ خوش ڪيئن هوندي؟ اهو سوال پڇڻ ئي هن جي قتن تي لوڻ ٻرڪڻ ٿيندو ۽ تنهن ڪانسواءِ هو ڪير ٿيندو آهي، هن کان پڇڻ وارو؟ داروءَ جي سنگتي هجڻ ڪانسواءِ هن جو ڪهڙو رشتو ناتو آهي؟ .. ڪنهن پرانهين ڏنڌ ۾ هن کي بہ اليون ئي نظر آيون، جن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ هن ڪڏهن نهاريو هو ۽ انهن اکين ۾ ڪو سنبهو هو، ڪو نياپو هو، جيڪو هن سمجهيو هو يا نہ ان جي هن کي پڪ نہ هئي. هن کي فقط ايتري پڪ هئي تہ انهن اکين ۾ هن لاءِ پنهنجائپ هئي، يا پنهنجائپ کان ٻہ ڪجهہ وڌيڪ - اهڙو جذبو جيڪو هن جي مت ۾ ايندي ٻہ نٿي آيو. هن کي ڪڏهن ڪڏهن اهو ٻہ خيال آيو هو تہ ياروءَ کان ڪٿي سڱ گهران: پر هن کي تہ اها ٻہ خبر ڪانہ هئي تہ سڱ ڪيئن گهربو آهي. ۽ دوستي ياريءَ ۾ سڱ گهربو ٻہ ڪيئن؟ يارو ڇا سوچيندو؟ تہ هن جي ياري مطلب جي هئي؟ اهو ويچار ايندي ئي، هو ياروءَ جي سامهون ٻنهہ گونگو ٻڌي پوندو هو. پوءِ وري جڏهن اکيون آرسون ٿينديون هيون، هن جي دل تائين مهروءَ جو آواز پهچندو هو تہ وري سوچيندو هو تہ ياروءَ سان ڳالهہ ڪري تہ ڏسان پر پوءِ انهيءَ حجت جي هن کي همت ئي ڪانہ ٿيندي هئي، ۽ هو چپ چاپ، پنهنجي دل جي وڏنلڙ دهڪي جي سوُران، ياروءَ کي تڪيندو رهندو هو!

ماستر هن کي ڏسي وائڙو ٿي ويو. هن اهو تہ سمجهيو هو تہ نورل وڏو شهزور ۽ پاڻ وهيٽو ارڏو ماڻهو هو، پر سندس خواب خيال ۾ ٻہ اها ڳالهہ ڪانہ آئي هئي تہ هو ائين شينهن جي پير ۾ ڪاهي ويندو، ۽ شينهن جو شڪار ٻہ ساڻ ڪٺي ايندو. رئيس گهرام جهڙو وڏيرو، جنهن جي ڌهڪاءَ ۽ ڏاڍ مڙسيءَ جو سڄيءَ سنڌ ۾ هُل هو، ان سان اهڙي ڪئونس ڪرڻ جو تصور ۽ امڪان ٻہ هن جي سمجهہ کان ٻاهر هو. پر حقيقت هن جي اکيان بيٺي هئي. هو ڪا گهڙي، نورل کي پاکر ۾ پري، بيٺو رهيو. الائي ڇو لڙڪ هن جي اکين ۾ لڙي آيا. هٿرا شهزور جي پيا ٻہ ٽين تہ هوند اسين سنڌ جي سمت بدلائي وجهون. وڏيرا تہ پنهنجي ماڳ، اسين انگريز کي ٻہ ڪاري پاڻيءَ تائين پهچائي اچون ۽ چارلس نيپئر واري سنڌ موٽائي وجهون!

نورل ماستر جي اکين ۾ لڙڪ ڏسي ششدر ٿي ويو، هن جي جذبن کي غلط سمجهندي چيائين: ”ماستر، مون کي بشڪ ڪر.... مون کان خطا ٿي جو تو وٽ لڙي آيس ... پر مون کي ٻي ڪا واهه ڪانه ٿي سُجهي .. توکي ٻُوهي ۾ ڏيڻ جو بنهه ويچار ڪونه هئم!“

”چريو ٿيو آهين ڪيئن؟ تون هنن لڙڪن کي سمجهي نه سگهندين.... جيئن تون منهنجيون ڪيتريون ڳالهيون سمجهي نه سگهندو آهين.... اڙي، مون کي ته ڳالهه ئي وسري وئي. مائي بابا، تون لهه، هل اندر .... نوران، ڏس ته ڪير مهمان ٿي آيو آهي....“ ماستر اندر پنهنجي گهر واريءَ کي سڏيندي چيو.

پوءِ جڏهن ماستر ۽ پاڻ مانيءَ تي ويٺا، تڏهن نورل سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايس ۽ جيڪي سوال هن کي منجهائي ماندو ڪري رهيا هئا، پڇي ويٺو. ”ماستر، هاڻ جيئن تون چوندين، تيئن ڪندس!“

ماستر ڪيترو وقت ماٺ ۾ رهيو. سوچيندو رهيو ۽ پوءِ وڏو ساهه ڀريندي چيائين: ”نورل، توکي ته خبر آهي ته لاکن واري واردات ۾ پوليس اڳي ئي تنهنجي ڳولا ۾ آهي. لاکن مان ڪنهن به تنهنجو نالو ڪونه ورتو آهي پر پير جاڻڻ شاهه جا ڪيترا ماڻهو اکين ڏٺا شاهد آهن: خود پوليس جي ڪن ماڻهن توکي ڏٺو آهي. هاڻ وري نئين واردات ٿي آهي. توکي برابر ڪنهن سڃاتو ڪونه هوندو پر خانڻ پوليس کي ۽ رئيس کي سڀ پار پتا ڏنا هوندا. پوليس ته جيسين جانچ تي چڙهي، رئيس گهرام خان پنهنجي پيرين ۽ تازي ڪتن ۽ ٻلاڳن جي اوڏ سان نڪتو هوندو. هو اصل چٽو ٿي پيو هوندو. هن جي ور ۾ هوندين ته تنهنجو جيئرو بچي وڃڻ ناممڪن آهي. سو منهنجي مڃ ته هينئر ئي هتان هليو وڃ. ڪاڇي وڃين يا جبل هليو وڃين. سو تون پاڻ چاڻ پر هن [illegible] ڌر ۾ توڙي اتر ۾ ڪنهن وسڻ ۾ منهن به نه هڻج. ايترن خونن جي جوابدار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ جتي ڪتي جي پوليس نوس نوس ڪندي وتندي!"

نورل کي پنهنجي پيٽ ۾ ڪڏ پوندي محسوس ٿي ۽ هن جهيڻي آواز ۾ پڇيو: "۽ ٻانهن؟"

"ها، ٻانهن جو سوال ڏکيو آهي...، پر هيئن ٿا ڪريون، جو ٻانهن اچي ته جهليان. هتو ستو ٿري ته پوءِ جيڪي مناسب لڳو، تيئن ڪندس."

"نه ماستر نه، ٻانهن تو جهلي ته اڄ نه سڀاڻ ڳالهه کلندي ۽ وڏيرو گهرام خان توکي خفا خون ڪري ڇڏيندو. ايترو آءٌ به سمجهان ٿو. اسان کي رات ٽڪائي، تو مون سان وڏو ڏڪر ڪيو آهي پر پنهنجي لاءِ تو ڇڻ نانگ پاڻي وڌو آهي. ٻانهن آئون ڏلين کي پهچائيندس...."

"نورل، منهنجي ڳالهه ڇڏ.... اسين مولائي ماڻهو اکيون ئي نانگن سان وير وجهيو پيا هلون.... الائي ڪيڏي مهل نرڙ جو لکيو پورو ٿيندو.... پر توٌن پنهنجو فيصلو پاڻ ڪر. هتان اڳتي وڃين يا پوئتي، اهو فيصلو توکي ڪرڻو آهي، پر ياد رک ته هر فيصلو بندوق جي گوليءَ وانگر اٽوٽ آهي...."

هئي ڏينهن نيرن ڪري اچا واندا ٿيا ته ماستر کي در تي سڏ ٿيو. ڪجهه دير کان پوءِ، جڏهن ماستر اندر آيو ته هن جي منهن تي جيڪي احساس هئا، تنهن مان ئي نورل سمجهي ويو ته ڪاري ڏاند جا ڏٿي اچي کي اورتي ٿيا هئا. هو اٿيو، ۽ وڃي گهوڙي تي سنج وڌائين. ڏونالي‍ءَ ۾ به ڪارتوس وجهي، توبري ۾ داڻو ڏسي، وري موٽي آيو. هن کي سمجهه ۾ نه آيو ته ماستر کان ڪيئن موڪلائي سو ڪيس پاڪر پائي، رکيو ايترو چئي سگهيو: "ماستر، موڪلائي ڪانهي....!"

"ڏليءَ کي پرتو.... هتان الهندي هليو وڃ. واهه جي ڪپ کان هيلي ۾ لهي پٺجانءِ... !" ماستر کان اکر نه پيا اکلن. هن کي پاڪر ۾ پري، وري ڪيس ٻانهن کان جهلي، سندس اکين ۾ گهوري ڏٺائين، ۽ پوءِ وري پاڪر پائي، هٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويهي رهيو. مهروءَ کي سوار ڪري، نورل هڪ هٿ ۾ بندوق سنڀالي ۽ ٻئي هٿ ۾ گهوڙي جو لغام.

....

ٻيلي ۾ لهڻ سان ئي هن ڪتن جي ڀونڪ ٻڌي. مهروءَ به اها ڀونڪ ٻڌي هئي ۽ هن جا هٿ وڌيڪ مضبوطيءَ سان هن جي ڪڪين وٽ ڦٻي ويا هئا. انهن تي پانيو چڙهه ته ڪتن هنن جو اڳ ورتو هو. پر ڀوڻتي موٽڻ سان سنئين پٽ ۾، هنن کي ڀهچڻ ۾ ويرم ئي ڪانه لڳندي. هن گهوڙي کي اڙي هنئي، ۽ ٻيلي جو وچ ڪٽي ورتائين. ڪتن جو آواز ٻاڻ ويجهو ٿيندو ويو. نورل انهن ڀانيو ته هو گهرام خان جي چارڻ ۽ شڪارين کي ايترو ويجهو هو جو شايد سندس گهوڙي جي سنبن جو آواز به هو ٻڌندا هوندا. هن دل ئي دل ۾ هڪ ڪيڏ رٿي هئي. ان جي ڪاميابيءَ يا ناڪاميءَ تي هن سوچڻ به نٿي گهريو. ”ماشا مولا...“ هن چپن ۾ پڪو ڪيو.

ڪجهه پنڌ اڳيان نڪري، هن گهوڙي کي وري ڀوڻتي موٽايو. هڪڙو وڏو چڪر ڪاٽي، هو شڪارين جي پويان ڦري آيو، هاڻ ڪتن جا آواز هن جي پويان نه، پر هن جي اڳيان هئا. ٻيرن جي هڪڙي گهاٽي جهنڊ ۾ بيهي، هن هلڪي آواز ۾ چيو: ”ڊڄ نه.....!“

هن کي موت ۾ ڪنهن جواب جي اميد به ڪانه هئي. جڏهن هن هوائي فائر ڪيو، تڏهن مهروءَ جا هٿ وڌيڪ سختيءَ سان هن جي چيلهه ۾ چنبڙي پيا. گهوڙي ڪان به هن اوچتي آواز تي چرڪ نڪري ويو ۽ لهندي هڪ طرف ڪٽي لوهه وڌائين. نورل لغام کي سٽ ڏيئي، گهوڙي کي واپس موڙيو ۽ وڌيڪ تيزيءَ سان اڳتي نڪري آيو. فيئر جي آواز ڪان پوءِ ڪتن جي ڀونڪڻ جو آواز وڌيڪ چٽو ٿيو ويو. ڪتا چڙهه ته چتا ئي ڄڻائي ڀڳا هئا. پنج ڇهه بلاڪ لتاڙي، هن وري ٻيو فائر ڪيو. ڪتن جي آوازن ان ئي فيئر جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙاڏي ڏانهن لوڻ ڪئي.

هن گهوڙي کي وري پوئتي موٽايو ۽ پنهنجي اڳئين پند کي ورتائين. ڪتن جي ڀونڪ پوئتي رهجي ويئي. پر هن گهوڙي جي رفتار نه گهٽائي. هن ڪتن ۽ پنهنجي وچ ۾ گهٽ ۾ گهٽ فاصلو وجهڻ تي گهريو. گهوڙو به هاڻ هن جي اشارن ۽ مهميزن کي سمجهي ويو هو. هر ڪوهه، ٻن ڪان پوءِ، هڪ وڏو چڪر ڪاٽي، ڪتن کي اکيان ڪندي، هن هوائي فيئر ٿي ڪيا، ۽ وري پنهنجي اصلوڪي پند تي موٽي تي آيو. جڏهن صبح لڙيو، ۽ پاڇولا ننڍيا، تڏهن هن اطمينان جو ساهه کنيو. هاڻ ڪتن جي ڀونڪ ۽ هن جي وچ ۾ ايترو فاصلو پئجي ويو هو، جو هن جي دل ۾ اميد جاڳي ته شايد گهرام خان جا شڪاري پوئتي موٽي ويا هجن.

پر ان اطمينان جي جڳهه تي، هن کي هڪڙي نئين مونجهاري اچي گهيري ورتو: مهرو، جيڪا هن جي مونجهارن جو مرڪز هئي، مهروءَ کي پنهورن جي ڪوٽ پهچائڻ جو خيال، هن کي ماستر وٽان نڪرندي ئي هو، پر هاڻ جڏهن حياتي جي جنگ ختم ٿي سمجهيائين، تڏهن اهو خيال وري هن جي دماغ ۾ مچائڻ لڳو. پرائي ٻانهن ڪيئن موٽائبي آهي؟ ڪنهن کي موٽائبي آهي؟ يارو ويچارو ته وڃي الله کي پرتو. مامو جيوڻ خان کي به شايد پوليس جهلي ويئي آهي ته پوءِ هن کي ڪنهن وٽ پهچايان؟ مون کي ته پيو ڪو سڃاڻي به ڪونه؟ ۽ ڪٿي ڪو وارث والي هجي به ته ان کي ڇا چوان ته هيءَ ٻانهن موٽائي آيو آهيان، جهليوس! ته بس، مهروءَ سان منهنجو اهو ناتو آهي پر هر جون اڪيون ۽ انهن ۾ منڊل منڊل نياپا: هن جي پنهنجائپ ۽ هي هن جيڪي ڪجهه ڪيو آهي، سو ڪهڙي ڪندي لکبو؟ ڇا انهن جي ڪا اهميت ڪانهي؟

۽ پلا جيڪڏهن پوليس اچا به پنورن وٽ لتل هجي ته پوءِ؟ نه بس گهرام خان به ته پنهنجا ماڻهو چڙيا هوندا ته

اوس ٻانهن موٽي، ڏٺين وٽ ايندي نه؟.... هن جيئن ٿي وڌيڪ سوچيو، تيئن ٿي هن جا مونجهارا وڌيا. پوءِ اوچتو هن کي خيال آيو ته هن هيڏي ساري ساري ۾ مهروءَ جي به ته ڪا راءِ هوندي؟! اهو خيال ايندي ئي، هن جو هٿ گهوڙي جي لغام ۾ وڌيڪ ڦري ويو: هوءَ، جنهن هيترو سٺو آهي، تنهن کان به ته پڇان ته هيڏي قيامت گذرڻ کان پوءِ پاڻ ڇا ٿي چاهي. فيصلو هن کي ڪرڻ گهرجي. هوءَ به انسان انسانن جهڙي انسان آهي. اسين ڪيئن ٿا هن جي قسمت جو فيصلو ڪريون. هن کي به زبان آهي جهڙي مون کي زبان آهي. پوءِ هوءَ پنهنجي وات وڪيل ڇو نه ٿئي؟ ها ها! فيصلو هن کي ڪرڻو آهي. اسين ڪير ٿيندا آهيون، هن لاءِ الموت فيصلا ڪرڻ وارا، جيڪي ڇنڊل گوليءَ وانگر اٿل ٿي وڃن!

هن جي اندر جا مونجهارا، ان نئين فيصلي جي آڏو ڪنهن ڇاري وانگر صاف ٿي ويا ۽ هن هڪ ٿڌو ساهه کڻي لغام تي هٿ ڍرا ڪري ڇڏيا. پر پوءِ اوچتو هڪ نئين مونجهاري، هڪ نئين اڻ ڇاتل پيچري وانگر هن جي اکيان ڪر کنيو: پر پڇانس ڇا ۽ ڪيئن؟

....

هن جي ڪِيل هن کي وڏو ڏڍ ڏيئي ڇڏيو هو، تڏهن به هن جي اندر ۾ ڏاڍي آنڌ مانڌ متل هئي. هن کي پنهنجي دل جو ڌڪو صاف پئي ٻڌڻ ۾ آيو. هن هٻڪندي چيو: ”هڪڙي ڳالهه چوان...“

هن کي يقين ٿي نه پئي آيو ته هن اهي لفظ چئي ڏنا، يا رڳو هن جي سوچ هئي.

”جي....“ مهروءَ جو جهيڻو آواز هن ٻڌو ۽ هن جي ڪنڌ ڏونڻ به ڏنائين، تڏهن وڃي پڪ ٿيس.

”مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڇا چوان... يارو منهنجو دلبر پيارا هو.... سو ان جو پلاند ڪرڻ جو سنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنيو هئم، سو پلاند ڪيم... پر هاڻ ڇا ڪرڻو آهي، سو ماستر ڪان پڇيم، پر هن به ڪا مت ڪانه ڏني... گهوٽ ۾ منهنجي ايتري ڇاڻ سڃاڻ به ڪانهي... ياروءَ ڪان پوءِ مامي جيوڻ سان عليڪ سليڪ هئي... سو به ٻڌو اٿم ته پوليس جانچ ۾ وڃي ويٺي اٿس... هاڻ تون ٿي ڏسينم ته توکي ڪنهن وٽ ڇڏيان...!؟" چوڻ کي ته چئي ويو، پر ڪيس اُيساهي پٺجي ويئي. مونجهارڻ هن جي نڙيءَ ۾ ڳنڍيون وجهي ڇڏيون هيون.

پر مهروءَ طرفان ڪو جواب ڪونه آيو. پوءِ هن کي ملڪي اڻ لکي سڏڪي جو آواز ڪنن تائين پهتو. هن مهروءَ ڏانهن نهاريو. اونده ڳاڙ روشني ۾، هن کي مهروءَ جي اکين مان ٽمندڙ لڙڪ به نظر آيا، جيڪي هن اجرڪ جي پلاند سان اگهيا. اجرڪ جي پلاند ۾ هوءَ پنهنجي سڏڪن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. هن جي اندر ۾ وڍ پئجي ويا: هي مون ڇا ڪيو؟ پر مون ته اهڙي ڪا ڳالهه ڪانه ڪئي! ها پڪ سان يارو ياد آيو اٿس، تڏهن ٿي روئي. هن پنهنجي پاڻ کي ڏڍ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي

هن جي دل چيو ته هو اُٿي مهروءَ کي ڀاڪر پائي، دلداري ڏئي، پر اهو خيال ايندي ئي هن جي اندر ۾ طوفان مچي ويو. هن جي دل جي ڌڪ ڌڪ هن جي ڪنن ۾ لوڻ ۾ وڄڻ لڳي.

پوءِ سڏڪن جي وچان، هن مهروءَ جو ڇپريل آواز ٻڌو: "جتي ايڏو وڏ ڪيو اٿئي ته... هڪڙو وڌ پيو به ڪر .... اها ڪهڙي ڳالهه، پاڻ پنهنجي هٿن سان مون کي پورو ڪري ڇڏ...."

انهن لفظن جي هن کي نه اميد هئي، نه ڪڏهن خواب خيال. هيءَ چوي ڇا پئي؟ هن جي سمجهه ۾ ڪجهه نه آيو. پوءِ ڪجهه نه سمجهيس ته چئي ويٺو "سو ڀلا ڇو؟"

"... هاڻ منهنجو ڪهڙو مٽ آهي، جنهن وٽ منهن

ڪٿي ويندس.... پنوهرن جسي راڄ لاءِ آئسون ان ڏينهن مري ويس، جنهن ڏينهن وڏيرو ڪٿي ويم ... هساڻ وٺن ڪهڙو نڪ ڪٿي ويندس.... مون ڪي ڏسندا تہ ڪاري سمجهي ڪهاڙين مان ڪيندا.... پوءِ ڪٿي مامو جيوڻ هجي يا پيو.... يارل جيئرو هجي ها تہ بہ.... يارل پاڻ ڪهاڙي ڪٿي بيهي ها.... ۽ پنهنجي هٿن سان پوري، پوءِ وڃي ٿاڻي تي چڙهي ها تہ پيڻ ڪي ڪاري سمجهي، خون ڪري آيو آهيان.... منهنجي قسمت....“

هاڻ تہ مهروءَ پنهنجي سڏڪن ۽ لڙڪن ڪي روڪڻ جي بہ ڪوشش ڇڏي ڏني. هن جو سمورو جسم پٽي لڏيو. لڙڪ هن جي ڳلن تان وهي، ڪاڏيءَ جي پنهي پاسي اجرڪ ۾ جذب ٿيندا وياءِ هن جي دل فيصلو نہ ڪري سگهي تہ هو هن ڪي ڪيئن آٿت ڏئيء نہ ڏ. هو پاڻ بہ لڙهي ويدو ۽ روئڻ لڳندو هن ان ڪاري ڪاريءَ واري امڪان تي سوچيو بہ ڪونہ هو. جڏهن مهروءَ ڳالهہ ڪئي، تڏهن ڪارِي ڪاريءَ جي روايتن جو جين هن جي اکين ۾ نچڻ لڳو. هن ان جين ڪي ڏسڻ بہ نتي گهريو. برابر، ڪاري ڪاريءَ ڪي راڇن جا راڄ ٿا مڃين.... پر مهرو ڪيئن ڪاري ٿيي؟“

”پلا پوءِ....“ هن ڪي آخر فيصلو تہ ڪرڻو هو.

”نورل، منهنجي قسمت هاڻ تنهنجي هٿ وس آهي....“

هن هڪ ڏکهو سڏڪو پريندي چيو: ”هاڻ آئون تنهنجي پناري پٽي آهيان.... وٺي تہ مون ڪي ماڻين ڇڏي اچ تہ اهي ڪهاڙين مان ڪيدم، ولٽي تہ اها ڪهاڙي ڪڻ، ۽ تون پنهنجي هٿن سان پورو ڪرينم.... تنهنجي هٿان مرنديس تہ ڏک ڪونہ ٿيندم.... ياد اٿئي، ميڙي مان موٽڻ وقت مون چيو هو تہ مري پوان ها تہ ڪو ڪانڌي ٿيڻ لاءِ تہ ترسبي ها.... سو هاڻ تنهنجي هٿن سان مرنديس تہ......“

هوءَ وري اچي سڏڪن ۾ پٽيءِ روئڻ جو آواز، پيلي جي ڇپ ڇپات ۾، نورل کي ائين لڳو، ڄڻ سمورا وڻ ٽي رُنا:

ڪپڙ، لٺيون، ڪرڙ، ٻير سڀ ٿـي رنا. هاڻ لڙڪ هو پـاڻ به روڪي نه سگهيو. هن لڙڪن کي روڪڻ به نه ٿي چاهيو.

”پوءِ مـون سان جبل هلنديئن!؟“ گهڙي اڳـ اهڙو ڪوبه سوال هن جي ذهن ۾ ڪونه هو. گهڙي اڳ اهو خيال به هن کي اچي ها ته هن کي پاڻ حيرت ٿئي ها. پر هاڻ جڏهن هن جي روح مان اهي لفظ نڪتا، تڏهن هن کي ڪابه حيرت نه ٿي. هن جي اندر جا سمورا طوفان بيهي رهيا.

”آئون.... تنهنجي.... ٻڌي ٻانهي آهيان.... تنهنجي گولي ٿي.... گذاريندي س!“ ❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڙِڪ "لُڙهندَڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، پاڙي، ڪاٺُو، پاجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاغَر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گَڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

ڄئن ڄئن ڄاڙ وڌي ٿي ڄڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڌَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن ڪي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني ڪي چيو، چالاءِ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن ڪي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ ڪي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽـتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن ڪي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book